
ڳالهيون
ڪينادا جي
وڻ وٽڪار
جون
[سفرنامو]
ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

# ڳالهيون ڪينادا جي وڻ وٽڪار جون

(سفرنامو)

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

BOOK NO:127

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : ڳالهيون ڪينيڊا جي وڻ وڻڪار جون

ليکڪ : غلام رسول سومرو

موضوع : سفر نامو

ڇاپو : پهريون

مهينو، سال : آڪٽوبر 2021ع

ڪمپوزنگ : سعيد مرتضيٰ

لي آئوٽ : زين ڪمپيوٽرس ڪراچي

ڇپيندڙ : مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

Published By: Murk publication,

Room No:305 /320 3rd Floor Sabir Manzil 98
behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

ملهه : 350 رپيا

## ڪتابن ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪانياواڙ بڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد،
دانيال ۽ رومي ڪتاب حيدرآباد، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر،
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو سنڌيڪا ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، ٽر ڪتاب گهر مٺي،
سليمان ڪتاب گهر ۽ پريتم قاضي نواب شاهه، عاجز منگي سانگهڙ

# ارپنا

پنهنجي پيارن پٽڙن امجد رسول،
فرحان رسول ۽ عمير رسول جي نالي
جن جي محنت، مشوري ۽
سهڪار سان هي ڪتاب سهنجائي
سان ڇپائي جي مرحلن مان گذري
اوهان جي هٿن تائين پهچو آهي.

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري ليکڪ ڊاڪٽر غلام رسول سومرو جو ڪيناڊا بابت لکيل سفرنامو ”ڳالهيون ڪيناڊا جي وڻ وٽڪار جون“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

ڪتاب ۾ سفرنامي جي انداز ۾ لکيل مضمون، نوٽ بوڪ يا ڊائريءَ جا ورق، تاريخي ۽ تحقيقي ليک، ڪئناڊا جي تعليم، فطرتي سونهن، سماجي زندگي، اتان جي وڻج واپار، سهوليتن، ڪيناڊا جي تعليم، ڪيناڊا جي حُسن، نوجوانن جي ڪرت، ٻارن جي تربيت، ڪيناڊا جي سماج جي مثبت ۽ منفي پاسن تي اڻ ڏريو تي لکيو ويو آهي. ڪتاب پڙهي اوهان کي ايئن لڳندو ڄڻ اوهان به ڪيناڊا گهمي رهيا هجو. ڪتاب ۾ مضمونن سان گڏ سفرنامي نما ڪهاڻيون پڻ شامل آهن، جن کي لکڻ جو ڍانو سٺو ۽ نرالو آهي. پڙهندڙ مضمون پورو ڪرڻ کان اڳ ڪتاب کي ننڍو ڇڏي. ڪجھ مضمونن ۾ وطن جي سِڪ ۽ حُب جو اعلا نمونو پسي سگهجي ٿو، خاص ڪري سندس مضمون "مونٽريال ۽ ڄامشورو." صحت بابت مضمون "سائيڪلنگ صحت جي ضامن" پڙهي لڳو تہ سٽريل ملڪن ۾ اڌ بيماريون تہ ايڪسرسائيز ذريعي ڪنٽرول ۾ آهن. ڪيناڊا جي پارڪن، وڻن، گُلن، جانوري، ٿڌڙين هوائن تي سومري صاحب خوب دل سان لکيو آهي.

هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون غلام رسول سومري ۽ مرتضيٰ لغاريءَ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


پبلشر نوٽ: مرتضيٰ لغاري 08

مهاڳ: ذوالفقار علي شيخ 10

ليکڪ پاران: ڊيسڪ گالف ڪلب 19

1. فري بڪ ڪلب 23
2. ڪيناڊا ۾ گورنمينٽ اسڪول گريڊ سسٽم 25
3. مونٽريال ۾ ڇام شورو 28
4. بگ ايپل 31
5. چيري بلاسم فيسٽيويل ٽورنٽو 35
6. سوٽ ڪيس 41
7. من موجي ماڻهو 44
8. فراق وطن جو قيدي 48
9. اڪيلائي جي گسن جا مسافر 62
10. اسان ائين سوچي ﺑﻪ نٿا سگهون 70
11. هيوي بائڪ 72
12. ڪاري رنگ جي ٻلي 75
13. هاٽ باٽ 77
14. گوهر ڏنم گودڙي ۾ 82
15. يارڪ ڊيل شاپنگ مال 85
16. پان شاپ 91
17. جهيل پري 95
18. پٿرن جو مان ۾ ميجتا 97
19. آئيندي جي نسلن جي آبياري 99
20. سائيڪلنگ صحت جي ضامن 103

| | |
|---|---|
| .21 مغرب جو رٽائرڊ ماڻهو | 107 |
| .22 ڪينيڊين ٻارن جي ڳاڙهي نسل جي اوسر | 115 |
| .23 اسڪمڊ ملڪ | 119 |
| .24 هل ته ينيوري پٽون بزار | 124 |
| .25 وڻ ۽ انسان | 126 |
| .26 گهاٽي ڇانوَ ۽ ٿڌڙيون هوائون | 129 |
| .27 پکين جو پيار | 131 |
| .28 ڪينيڊين هيرو رابرٽ يوجين والس | 134 |
| .29 پپو يار تنگ نه ڪر | 137 |
| .30 اڃا ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي | 139 |
| .31 جنين ڏاند نه ٻج | 142 |
| .32 وياڪل من جا ويچار | 144 |
| .33 وڻن ۽ گلن ٻوٽن جي پرورش | 146 |
| .34 صنعتي گند جون هاڃيڪاريون | 149 |
| .35 ڪينيڊا ۾ ڪورونا | 156 |
| .36 ڪورونا جا قهر | 157 |
| .37 صحت صفائي ۽ ڪورونا | 159 |
| .38 پٽرن مان پيار جون صدائون | 163 |
| .39 روپ ٻهروپ | 168 |
| .40 قومن جا سماجي رويا | 176 |
| .41 هند سنڌ ڪو ويچو ناهي | 179 |
| .42 رٽائرمينٽ کان پوءِ زندگيءَ جون ترجيحات | 184 |
| .43 ۽ ريل ڇٽي وئي | 190 |

# پبلشر نوٽ

لاڙڪاڻو مني پاڻيءَ جو شهر ته آهي ئي پر منن ماڻهن جو شهر به آهي. لاڙڪاڻو سنڌ جي انهن ضلعن منجهان هڪ آهي، جتي معياري ادب لکيو به وڃي ٿو ته پڙهيو به وڃي ٿو، لاڙڪاڻو ادبي ڪتابن جو مرڪز آهي، سنڌ جي مڙني شهرن کان ڪتابن جو وڪرو به لاڙڪاڻي ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو، ان مان اهو به ثابت ٿئي ٿو لاڙڪاڻو شعور وارن جو ضلعو آهي.

لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ هڪڙي علمي ادبي شخصيت، جنهن کي ادب جي دنيا ۾ ڊاڪٽر غلام رسول جي نانءُ سان سڃاتو وڃي ٿو. ڊاڪٽر غلام رسول سومري زندگيءَ جو اڌ کان وڌيڪ حصو علم ۽ ادب کي ڏنو آهي، هن نه رڳو سنڌ، سنڌي ٻولي توڙي ادب سان بيحد پيار ڪيو آهي، پر هن ٻوليءَ جي بقا لاءِ جاکوڙ پڻ ڪئي آهي. هو سنڌ جي تهذيب جو وارث ته آهي ئي پر سندس شخصيت ۾ اصلوڪي سنڌ نمايان نظر اچي ٿي، ڊاڪٽر صاحب توڙي جو هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي، پر دنيا جي ترقي يافته ملڪن جو شعور رکي ٿو، ان جي باوجود سندس مزاج موهن جي دڙي جي ماڻهن جهڙو آهي. سندس شخصيت نفيس جذبن جي مالڪ آهي، هو اندر توڙي ٻاهر اڇو اجرو آهي. هو جهڙو ڳالهائي ٿو تهڙو لکي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب جو هڪڙو ڪتاب ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ ڪجھ ئي وقت اڳ مرڪ پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو هو، خوشيءَ جي ڳالھ اها به آهي ته سندس ٻيو ڪتاب ”ڳالھيون ڪينيڊا جي وڻ وڻڪار جون“ پڻ ساڳي اداري طرفان شايع ٿي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. هي ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جي ڪينيڊا جي سفر جو نتيجو آهي. هي سفرنامو روايتي سفرنامن کان مختلف آهي، ڇو ته ڊاڪٽر صاحب ڪينيڊا ۾ گهڻو وقت رهي اُتان جي تهذيب، ثقافت، ماڻهن جي روين، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ۽ ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو اڀياس ڪيو آهي. اُهو ئي سبب آهي جو سندس هن سفر نامي ۾ جلد بازي نظر نه ٿي اچي، هن

جنهن بہ موضوع تي لکيو آهي، اُن کي اڳ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن هر ڳالهہ اندازي موجب پيش نہ ڪئي آهي پر هر موضوع جي تهہ تائين پهچي قلم ڪنيو آهي. اُهو ئي سبب آهي جو سندس هن سفر نامي ۾ سنجيدگي ۽ گهرائي نظر اچي ٿي. اميد تہ هي ڪتاب سنڌي ادب جي پڙهندڙن لاءِ، خاص ڪري نوجوانن لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

# مهاڳ:

سفرناما جاڻ جو ڀنڊار هوندا آهن، جن جي مطالعي سان اسان کي ٻين ملڪن جي ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ سان گڏ اتان جي شهرن جي خوبصورتي ۽ ملڪي تاريخ جي جاڻ پڻ ملندي آهي. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان اسان کي پنهنجي جواني واري دور ۾ محترم الطاف حسين شيخ ۽ محترم حمزي پليجي صاحب جي سفرنامن پڙهڻ جو موقعو مليو. انهن جي دلچسپ ۽ معلومات سان ڀريل سفرنامن ۾ نہ رڳو مونکي پر مون جهڙن ڪيترن سفرناما پڙهندڙ شوقينن کي پيرس جي ايفل ٽاور، ڪينيڊا جي نياگرافال، اٽلي جي ڪولوسيم، ويٽيڪن سٽي، وينس ۽ مصر جي پراسرار لافاني اهرامن کي ڏسڻ جو شوق جاڳيو هوندو.

هتي ڪينيڊا ۾ رهندي ٽن چئن سالن کان پنهنجي اتر سنڌ جي رهواسي ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي سوشل ميڊيا جي پليٽفارم تان شيئر ٿيندڙ دلچسپ معلوماتي مضامين ۽ ادبي ڪهاڻين جو پڙاڏو منهنجي ڪنن تي پيو. ڊاڪٽر صاحب جي اڪثر روزانو شيئر ٿيندڙ اهڙن انساني پيار ڀرين ڪومل ۽ نفيس جذبن سان مزين ٿيل ڪهاڻين، مضامين آتم ڪٿائي ادب پارن ۾ وطن پرستي جي موضوعات ۽ انهن جي عنوانن کي ڏسي مونکي لڳو تہ ڊاڪٽر غلام رسول سومرو وڏي خاموشي سان ڪينيڊا ۾ ويني نہ رڳو اسان کي هتان جي خوشگوار ۽ خوشحال سماجي زندگي جي ڪيترن پاسن جي جاڻ ونڊي ٿو بلڪ ان سان گڏ پنهنجي سنڌ جي علم ادب ۽ تاريخ تي پڻ ڪارگر معلومات فراهم ڪري ٿو. اسان جي اڳيان هن صاحب قلم جي سادگي جو حال هي هو جو هو پنهنجي ادبي حوالي ۾ رڳو غلام رسول سومري جو نالو استعمال ڪندو هو. جيتوڻيڪ هو ڪراچي جي هڪ معروف ڪاليج ۾

سنڌي ادب جو پروفيسر ٿي رهيو هو. ان ڪانسواءِ يونيورسٽي آف ڪراچي طرفان ڪيس لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ورهاڱي کان اڳ جي موضوع تي پي- ايچ- ڊي جي ڊگري پڻ ايوارڊ ٿيل هئي.

ٻه سال اڳ مونکي ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي شيئر ٿيل هڪ ڪهاڻي ”بگ ايپل“ پڙهڻ جو موقعو مليو. هن ڪهاڻي ۾ مونٽريال شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي قائم قديم بگ ايپل ڪمپني جي تاريخي پهلونن، اٺويهين صديءَ جي زماني جي جوس پريسنگ ۽ پروسيسنگ مشينن جا فوٽا، فيڪٽري جي موجوده پراڊڪٽس ۽ انهن جو وڪرو، بگ ايپل ڪمپني جا پنهنجا صوفن جا باغ، بگ ايپل فارم تي قائم ٻارن جي تفريح لاءِ چڙيا گهر ۽ ميوزيم وغيره جي نهايت ئي سهڻي نموني ٿيل اپٽار سچ پچ مونکي گهڻو متاثر ڪيو.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري جو ڪتاب ”ڳالهيون ڪينيڊا جي وڻ وڻڪار جون“ توهان پڙهندا ته چڻ اوهان ويني ويني ڪينيڊا گهمي ايندا. مونکي يقين آهي ته هن ڪتاب جي مطالعي سان اسان جي نوجوان طبقي کي اولهه ۽ يورپ جي ملڪن کي گهمي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيندو. زير موضوع سفرنامو جيڪو ڪم و پيش ٻائتاليهن عنوانن تي مشتمل آهي. تنهن ۾ شامل هي ٽي ڪهاڻيون ”فري بڪ ڪلب“، ”جهيل پري“ ۽ ”هند سنڌ ڪو ويچو ناهي“، ادب جي لحاظ کان اهڙن موضوعن تي ٻڌل ڪهاڻيون آهن، جن ۾ پڙهندڙن کي ڪينيڊين سماج جي عورتن جي بهترين انساني روين ۽ بااخلاق روش جي اظهار سان گڏ قربائتي ڪيڪر بازي جو هڪ شاندار ذڪر مليو ٿو. مون ڪينيڊا ۾ ست اٺ سال گذاريا آهن، پر مونکي ڪينيڊا جي ڪيترن هنڌن ماڳن ۽ مقامن جي توڙي اتان جي تفريح گاهن ۽ ساليانن فيسٽيولن جي انعقاد جي ايتري ڄاڻ

ڪانھ ھئي، جيتري مونکي ڊاڪٽر صاحب جي لکيل ڪتاب "ڳالهيون ڪينيڊا جي وڻ وڻڪار جون" کي پڙهي ملي آهي.

تفريح گاهن جي سلسلي ۾ هن ڪتاب ۾ "چيري بلاسم فيسٽيويل" پڙهندڙن لاءِ هڪ دلچسپ ۽ دل لڀائيندڙ موضوع آهي. ڪتاب ۾ ٽورنٽو شهر جي وچ ۾ هاءِ پارڪ جي فطري حسن جي واکاڻ جي سلسلي ۾ هي ٽڪرو ان مضمون جو هڪ بهترين ادبي پارو ليکي سگهجي ٿو. "ٽورنٽو جو هاءِ پارڪ ميلن ۾ پکڙيل هو. ان ۾ سائي ڇٻر تي بيشمار چيري جي وڻن جا سلسلا هڪ خوبصورت ڍنڍ تائين پکڙيل پئي نظر آيا. فرلانگ کن پنڌ ڪري اسان ٻه پارڪ جي خوبصورت جهيل تائين وياسين. ڍنڍ ۾ ڳاڙهي ڇهنب وارين ڪارڙين بدڪن جا خوبصورت ولر هيڏي هوڏي ڇٻگندي ڦرندي پئي نظر آيا. جن کي ڏسي ٻار ڏاڍا گد گد پئي ٿيا. پارڪ ۾ ڍنڍ پري پري تائين پکڙيل هئي. جنهن جي ڪنارن ۽ ڪپن تي لڳل چيري جي وڻن ۽ ٻوٽن ۾ چيري بلاسم جا گلابي ۽ اڇي رنگ جا سهڻا گل هڪ دل فريب نظارو پيش ڪري رهيا هئا. هاءِ پارڪ جي هڪ پاسي ڍنڍ جي ڪنارن تي قدرتي طور ڦٽل ٽيولپ جي سرسبز ٻوٽن ۾ ڳاڙهي، نارنگي ۽ هيڊي رنگ جا گل پنهنجو ڳاٽ مٿاهون ڪري ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڏسڻ لاءِ هرڪائي رهيا هئا."

موجوده دور جي تقاضن کي اڳيان رکي آئون چئي سگهان ٿو ته انسان جي وجود جو پنهنجي ذات کان ٻاهر ٻه ڪو ڪارج هجڻ گهرجي جنهن سان هو ٻين ۾ وطن، قوم ۽ ماءُ ٻولي لاءِ ڪو ڪارائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪري سگهي. سنڌ ۾ ته سيڪو سنڌي آهي. پر جيڪي سنڌ کان ڏوراهن ڏينهن ۾ وسن ٿا. اوهان انهن کان پڇو ته وطن، ٻولي ۽ ان جي حب ڇا ٿيندي آهي. اهڙا املهه ماڻهو جيڪي ڏيساور جا اڻ ڳڻيا اهنج، ڏک ۽ سک ڏسي

پنهنجي پياري ملڪ جي جهوپن ۽ اباڻن اجهن کي ويتا پل پل سارين ٿا ۽ ٻاهر رهي پنهنجي قلم سان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪن ٿا ۽ اتان جي ملڪن جي سماجي، ثقافتي، سياسي، تاريخي ۽ اتان جي فطري حسن سان گڏ ماڻهن جي اندروني ۽ بيروني حسن کي اسان جي اڳيان پيش ڪن ٿا. ڊاڪٽر غلام رسول سومرو صاحب پرڏيهه ۾ رهندڙ انهن ماڻهن مان هڪ آهي جيڪو بخوبي اهڙو سمورو ڪم سوشل ميڊيا ذريعي پنهنجي هم وطنن تائين پهچائي ٿو ۽ اهڙي طرح هو پنهنجي جياپي جي تقاضن کي وينو صحيح معنيٰ ۾ پورو ڪري ٿو.

پنهنجي زندگي جي سفر ۾ ڊاڪٽر غلام رسول سومري سان پنهنجي پهرين ملاقات جو ذڪر ڪرڻ مان ضروري ٿو سمجهان. سوشل ميڊيا جنهن اسان کي نہ رڳو سنڌ بلڪہ آمريڪا، ڪينيڊا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين کي پاڻ ۾ ڳنڍي رکيو آهي. تنهن جي پليٽ فارم تان ٻتي سال اڳ منهنجو ڳانڍاپو سنڌي ادب جي هڪ اهڙي شخصيت سان ٿيو. جيڪو روزانو فيس بڪ تي سنڌي منڙي ٻولي ۾ پنهنجي دلي جذبن جو اظهار ڪندو رهيو آهي. سچ پچو تہ مون جڏهن هن جي لکڻين کي پڙهيو تڏهن انهن مونکي چقمق وانگر پاڻ ڏانهن پئي ڇڪيو. نتيجي ۾ سال هڪ اندر اسان ميسنجر وسيلي هڪ ٻئي سان پنهنجي ملڪ وطن جا احوال اورڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ ڇاليهارو ڪلو ميٽر ڪن اسين هڪ ٻئي کان ڏور هئاسين. پر پوءِ بہ روبرو ملڻ ڪرڻ ۾ اسان کي سال لڳي ويا. سانوڻي جي مند ۾ اتر آمريڪا ۾ سنڌي يائرن ۽ ڀينرن جي تنظيم سانا جي ميمبرن جي نين چوندن جي هل چل شروع ٿي تہ منهنجي دل چيو ڊاڪٽر غلام رسول سومري جهڙي سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽ ۽ سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي جي خدمتگارکي پنهنجي سنڌي ڪميونٽيز ۽ سانا جيڪو ڪينيڊا ۽

آمريڪا جي سنڌين جو هڪ مضبوط سماجي ۽ ثقافتي پليٽ فارم آهي ۽ جتان سنڌي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ عملي فيضيابي (Inspiration) ملندي آهي. خاص ڪري سانا جا ساليانا ڪنوينشن جن جي ذريعي هر سال سنڌ کان هزارين ڪوهه پراهون انهن ٻنهي ملڪن جي ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ هڪ ننڍڙي سنڌ وجود وٺي بيٺل نظر ايندي آهي. ٽنهن جو ڪيس حصو ٻڌائجي. گذريل سال سانا جي پليٽ فارم کي وڌيڪ ڪشادو ڪرڻ جي نيت سان پنهنجي قريب حلقي جي دوستن مان پروفيسر رضا حسين گهلو، محترم سائين اشفاق ميمڻ ۽ سائين فاروق امين قريشي سان گڏجي ٽورنٽو جي اوير پاسي جي ننڍن شهرن ۾ رهندڙ پيارن سنڌين ڏانهن ٻه سو ڪلوميٽر پري پيٽر بورو وجي نڪتاسين، جتي سنڌ دوست ۽ محبتي ماڻهو حاجن خان ڪلهوڙي سان پيار پريون ڪچهريون ٿيون.

موٽ تي اسان جو هي منصوبو جڙيو ته ڊاڪٽر غلام رسول سومري سان ويٺي پير ميڙاڪو ڪري ڪيس سانا جو ميمبر ٿيڻ جي دعوت ڏجي ۽ پوءِ مارڪم نالي شهر ۾ رهندڙ پنهنجي پياري دلبر دوست قبلي نقيب شاهه موسوي وٽ ڪٽي رات جي ماني ڪائجي. ڊاڪٽر غلام رسول سومري سان پهرين ملاقات جي ڪري اها حجت نه پئي ساري سين. چاڪاڻ ته لاشعور ۾ اها ڳالهه ويٺل هئي ته هو پريو مڙس هتي پرڏيهه ۾ خبر ناهي ته رٽائرمينٽ کان پوءِ پنهنجي پٽ وٽ کهڙي حال ۾ رهي ڪري ٿو. اسين پڪرنگ شهر ۾ جڏهن سندس گهر جي ٻاهران پڳاسين ته سندس فرزند ڊاڪٽر فرحان سومرو اڳوات ئي اسان جي آڌرياءُ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري اچي بيٺو هو. ڊاڪٽر فرحان دل جي گهراين سان اسان کي ڪلي ڪيڪاريو. ساڻس ملڻ سان دل کي ائين لڳو ڄڻ اسان پاڻ ۾ سالن جا سنگتي آهيون.

گهر جي گرائونڊ فلور تي ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ اسان جي پهرين نشست ٿي. جنهن ۾ ويهڻ سان ئي فريش جوس ۽ بسڪيٽن سان اسان جي آجيان ٿي. جهٽ پلڪ حال احوال ڪري اسان اتڻ جي ڪئي سين ته جيئن اڳتي موسوي صاحب جي آشياني تي جلد پهچون. مگر ڊاڪٽر غلام رسول سومرو چوي سڄڻئو ائين ڪيئن ٿيندو. دل ته ورهين کان ملڻ پئي چاهي ڪجهه گهڙيون حال اوريون ۽ ماني جا ٻه گرهه گڏجي ڪائون ته ڪا دل ٺري. فرحان سومرو ۽ سندس والد محترم اسان کي پنهنجي گهر جي فرسٽ فلور تي ڊائننگ روم ۾ وٺي آيا. ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي ننهن جيڪا پاڻ ڊينٽسٽ آهي. ان هڪ خوبصورت ڊنر سيٽ اسان جي اڳيان ٽيبل تي سجايو. هن نياڻي پنهنجي هٿن سان ماني گهڙي اسان جي اڳيان رکندي، اسان جو اهڙو ته آڌرڀاءُ ڪيو، جو اسان مڙني کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو جڻ اسان پنهنجي سڳي ڀاءُ جي گهر دعوت تي آيا هجون. مٺان نياڻي سيما سومرو چوي توهان اسان جا مهمان آهيو، تنهن ڪري ماني ڪائڻ ۾ ڪو تڪلف نه ڪريو. انهي وچ ۾ هوڏانهن قبلي نقيب شاهه صاحب جا موبائل تي ٽڙڪاٽ لڳا پيا هجن ته هتي ماني پئي ٺڏي ٿئي، توهان ڪٿي آهيو. سنگت ويني هڪ ٻئي جو منهن ڏسي ته هاڻي ڇا ڪجي. بهرحال ڀاءُ فرحان جي وني جي هٿ جي تيار ٽيل ماني خاص طور سنڌي نموني ٻاڦ تي تيار ڪيل پامفريٽ مڇي نوش ڪري مسٽر فرحان جي هٿن جو ٺهيل ديسي جنجر ليمنيڊ لمڪا ڊرنڪ محبت ڀريل جامن ۾ پي هٿ ٻڌي ڪٽي اجازت ورتي سي.

سنڌي ادب جي مطالعي جي لحاظ کان جيتري قدر مونکي آگهي حاصل ٿي آهي ته ڊاڪٽر غلام رسول سومري جون 1965ع کان 1985ع واري عرصي ۾ سنڌي اخبارن، رسالن ۽ جنگ اردو

مڊويڪ ۾ سنڌوءَ جي تهذيب تي تحقيقي مقالا، ڪالم مضامين، لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيل ڪجهه سنڌي ادبي ڪانفرنسن ۽ گڏجاڻين جون سنڌي ميگزين جنگ ۾ رپورٽون شايع ٿيون هيون. ان کان سواءِ نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ ٻين سنڌي رسالن ۾ ڪجهه مضامين ۽ ڪهاڻيون پڻ شايع ٿيا هئا. 1985ع کان 1992ع تائين پروفيسر غلام رسول سومرو پنهنجي تحقيقي ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ رڌل رهيو ۽ هن 1992ع ۾ لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ورهاڱي کان اڳ جي موضوع تي پي- ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

ڪجھ وقت جي خاموشي کان پوءِ تازو هن جا ٻه ڪتاب جن مان هڪ ”لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ورهاڱي کان اڳ“ جي موضوع تي هڪ تحقيقي مقالو ڪتاب جي صورت ۾ شايع ٿيو آهي. سندس ٻيو ڪتاب ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ پڻ مارڪيٽ ۽ لائبريرين جي زينت بڻجي چڪو آهي. سفرنامي جي سلسلي ۾”ڳالهيون ڪينيڊا جي وڻ وڻڪار جون“ منهنجي هٿن ۾ آهي. هي ڪتاب نهايت دلچسپ انداز ۾ لکيل آهي. جڏهن مون ان کي پڙهڻ شروع ڪيو ته ڪمال شوق وچان ان کي پڙهندوئي ويس. سچ پڇو ته هن ڪتاب کي هڪ ساهي ۾ پڙهڻ جي رواني ۾ آئون ائين پئي اڳتي وڌيس جيئن مون هيلري ڪلنٽن جي ڪتا جنهن ۾ هن اسامه بن لادن جي مارجڻ وارو قصو اهڙو ته ڊرامائي انداز ۾ بيان ڪيو هو جڻ اهو اسان جي اڳيان هڪ فلم وانگر پيو هلندو هجي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي هن ڪتاب ۾ گهڻا دلچسپ عنوان: مضامين ۽ ڪهاڻيون آهن، جن جا موضوع ۽ انهن جي بيان ڪرڻ جو ڏانوَ ۽ لکڻ جو نرالو انداز پڙهندڙ کي نه رڳو متاثر ڪندو پر سندس اهڙو انداز ماڻهن کي وطن سان پيار ڪرڻ جي جذبن سان پڻ همڪنار ڪندو. آخر ۾ ڊاڪٽر غلام رسول سومري

جي هن ڪتاب ۾ شامل هڪ ڪهاڻي جو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ جو آئون پاڻ اهڙي سهڻي ۽ دل لڀائيندڙ ماحول ۽ منظر مان عملي طور گذريو آهيان. هن ڪتاب ۾ سندس ان ڪهاڻي جو عنوان آهي "مونٽريال ۽ ڄامشورو". ڊاڪٽر غلام رسول سومري هن ڪهاڻي ۾ هڪ سفرنامي جي تقاضا کي پوري ڪندي مونٽريال شهر جي اٺوهين صدي جي پراڻن پاڙن، محلن ۽ اتان جي عمارتن، هڪ جهوني پريس ڪلب ۽ پراڻين وڪٽوريا دور جي فرانسيسي خوشبوئيات سان ڀڪندڙ بازارين جو خوب سير ڪرائي ٿو. تنهن بعد جڏهن هو موٽريال جي قديم ۽ تاريخي ناٽريڊم ڪيٿيڊرل جي سامهون هڪ ريسٽورانٽ ۾ رات جي ماني ڪائڻ دوران پنهنجي يارن سان مونٽريال جي خوشگوار ماحول ۽ پُر فضا هوائن جي، سنڌ جي شهر ڄامشوري جي روح پرور فضائن سان ڀيٽ ڪري ٿو. اهو پڻ سندس پنهنجي ديس سان محبت جو هڪ ثبوت آهي. مونکي پڻ مونٽريال گهمڻ جو موقعو مليو هو پر سندس هي ليک پڙهڻ بعد مون محسوس ڪيو ته ڄڻ مون مونٽريال ته گهميو ئي نه هجي. اهڙي دلچسپ ڪهاڻي جي پيرائي کي پڙهندي مونکي ڄام شوري جو اهو هوٽل ياد اچي ويو جتي سنڌ جي مادر علمي سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران ٻئين ۽ ٽئين ڏهاڙي لياقت يونيورسٽيءَ جي انهن ڇپرا هوٽل تي وڃي ماني کائي عياشي ڪندا هياسين. مونکي اتان جي اها ڇپرا هوٽل به ياد اچڻ لڳي. جنهن ۾ بيرو پنهنجي مالڪ کي اسان سيني گراهڪن جو بل لکن ۾ ونڻ جو چوندو هيو. ۽ اسان به ڏهن ويهن رپين واري بل کي لکن ۾ ادا ڪندي پاڻ کي لکاپتي سمجهندا هئاسين. هن ڪهاڻي ۾ سومرو صاحب مونٽريال جي ناٽريڊم چرچ جو ذڪر ڪري ٿو. جنهن جي پويان پڻ صدين جي تاريخ لڪيل آهي.

ڊاڪٽرغلام رسول سومري پنهنجي ڪتاب ”ڳالهيون ڪيناڊا جي وڻ وٽڪار جون“ ۾ جن عنوانن ۽ موضوعات تي لکيو آهي. تن ذريعي ڪيناڊا جي نئين نسل جي تعريف جوڳي تربيت ٿئي ٿي ۽ ان تي پڻ گهڻو ڪجهه مفصل انداز ۾ بيان ڪيل آهي. هتي جي اسڪول ايڊيوڪيشن سسٽم ۾ نائين گريڊ کان ئي سرڪار ٻارن کي مختلف ڪاروبارن ۽ اين- جي- اوز ۾ والنٽيئرنگ ذريعي ڪم ڪار سان لڳائي ڇڏيندي آهي. يا ڪم ڪرڻ جي واٽ ڏيکاريندي آهي. ٻارن جي اسڪولي عمر ۾ سرڪار جا اهڙي قسم جا قدم ٻارن جي معاشي ۽ سماجي زندگي جي ميدان تي قدم رکڻ جي سلسلي ۾ گهڻو مددگار ثابت ٿين ٿا.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي هن سفرنامي جي ڪتاب جو مڪمل مطالعو ڪرڻ بعد مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته ڪيناڊا ۾ رهندي زندگي جو اصل مزو ته سومرو صاحب وٺي ويو آهي. منهنجي نظر ۾ هن جي لکڻ جو انداز اهڙو ته چاشني سان ڀريل آهي، جو سندس ڪتاب پڙهڻ لاءِ هڪ ڀيرو هٿ ۾ کڻبو ته ان کي پورو پڙهڻ بنا بس ڪري نه سگهبو. سندس ڪتاب جو هر عنوان ۽ هر موضوع ڄاڻ سان ڀريل آهي. جيڪو نه رڳو پڙهندڙن کي هڪ خوبصورت دنيا ڏسڻ لاءِ هرڪائيندو پر ماڻهو کي پاڻ کي بهتر بڻائڻ لاءِ پڻ همٿائيندو.

**ذوالفقار علي شيخ**

## ليڪڪ پاران:

# ڊيسڪ ڳالف ڪلب

هن ڀيري آئون ڪيناڊا جي سير سفر تي ويس ته چند ڏينهن گهر ۾ آرام ڪرڻ کان پوءِ مون پنهنجي ڪهاڻيڪاري واري ڪرت کي هٿ ڳنڍيا. اسان جي گهر جي اڳيان ڳالف ڪلب ۽ ڪريڪ سائڊ پارڪ جا سر سبز، شاداب ۽ ڪشاده ميدان هئا، جن جي چيڙن جي چوڏاري پائن ۽ ميپل جا بيشمار وڻ هئا. ڳالف ڪلب جي هڪ پاسي ڊرگهن ۽ گهاٽن وڻن جي چانوري ۾ تيهارو فٽ ڪن هيٺ ٽڏي پاڻي جو واهڙ وهي رهيو هو. هن هنڌ جي سانتيڪي ماحول ۾ پاڻي جي وهڻ جو مٺو آواز منهنجي سماعت ۾ ايندو هو. جيڪو مونکي بي حد مسحورڪن لڳندو هو. ڳالف ڪلب جي ڇپراتي آڳر ۾ هڪ ميپل جو وڻ هو، جيڪو قدرتي طور پنهنجي بنياد کان ئي ٽي چاڱو هو. زمين جي سطح کان ٽن فٽن تي ان جي وچ ۾ ڏيڍ فٽ ڪن خالي جاءِ هئي. ان خالي جاءِ ۾ مان پاڻ سان آنندل پاڻي جون بوتلون رکي ڇڏيندو هوس. لکڻ پڙهڻ کان واندو ٿي جڏهن گهر موٽندو هوس تڏهن ميپل جي زمين تي ورندڙ لامن مان هيرڻ جي پنن جي مشابهه پن پٽي بوتلن جي مٿان رکي ڇڏيندو هوس ته اهو بئي ڏينهن به ريفريجريٽر ۾ رکيل پاڻي جهڙو ٿڌو رهندو هو. هتان جي پر سڪون فطري ماحول کي نهايت موزون ڄاڻندي مون پنهنجي سر هن جاءِ جو نالو ڊيسڪ ڳالف ڪلب رکيو. لکڻ پڙهڻ جي لحاظ کان هي هنڌ مونکي ڏاڍو ڦريو. هتان جي خوبصورت ۽ فطري ماحول ۾ ويهي لاڳيتو مون پنهنجي سفر نامي: ”ڳالهيون ڪيناڊا جي وڻ وڻڪار جون“ تقريبن سموريون آکاڻيون ۽ ڪهاڻيون لکيون.

ڪيناڊا جي ياترا دوران مونکي جڏهن به لکڻ جو ڪو سهنج مليو آهي، تڏهن مون پنهنجي مطالعي موجب هتان جي تاريخ جي

پاسن، هتان جي جاگرافيڪل ۽ ڊيموگرافيڪل حالتن، هتان جي خوبصورت ڍنڍن ۽ وهڪرن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ جاءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن دفعي آئون رڳو ڇهن مهينن جي لاءِ ڪينيڊا گهمڻ ڦرڻ لاءِ آيو هوس. جنهن موسم ۾ مان هتي پڳو هوس، تنهن موسم ۾ هتان جي سر سبز باغن، ڍنڍن، ڊورن، ننڍن وڏن قدرتي وهڪرن ۽ واهڙن جي ڪنارن ۽ ڪپن تي قسمين قسمين جا انيڪ رنگ برنگي گل ڦٽي نڪتا هئا. جيڪي پنهنجي جوڀن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجا ڳاٽ اوچا ڪري فطرت پرستن کي پاڻ ڏانهن هرڪائي رهيا هئا. اهڙي پياري موسم ۾ ڪينيڊا جي نهايت حسين ڍنڍن جن جو چار سجي ملڪ ۾ وڇايل آهي. تن ۾ ڏکڻ آمريڪا ۽ ميڪسيڪو جي معتدل فضائن مان هتان جا پرڏيهه ويل مسافر پکيئڙا پنهنجي وٿاڻن تي موٽي آيا هئا. هتان جي دل لڀائيندڙ اهڙي موسم ۽ اهڙي ماحول ۾ هتان جا سڪيا ستابا خوش لباس ماڻهو شام جي سهڻي ۽ سهاني پهر ۾ مسحورڪن خوشبوئيات جا اسپري ڪري ٻهڪندا، مهڪندا اچي هتان جي ريسٽورانٽ، ڪلب ۽ ڪيسونو جون رونقون وڌائيندا آهن. ڪينيڊا ۾ رهندي هڪ قلمڪار کي زندگي جا اهڙا رنگ ۽ اهڙا نظارا نظر ايندا ته لامحال هن جو مڏو قلم ٻه ڪجهه نه ڪجهه لکڻ لاءِ تکو ٿي پوندو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مان ۽ منهنجو قلم ٻه هتان جي بهار ۽ هتان جي اونهاري جي ست رنگي فطري ماحول ۽ هتان جي خوشحال معاشرتي ۽ ثقافتي رنگن جو شڪار ٿيندو آهي.

ڏيساور جي وڻ وڻڪار ۾ وجي، اتان جي سماجي ثقافتي ماحول کي ڏسندي ۽ ويچاريندي جڏهن ٻه مونکي لکڻ جو موقعو نصيب ٿيو آهي، تڏهن مون پنهنجي قلم کي جهيڻو ٿيڻ ناهي ڏنو. منهنجي اهڙي مشغلي تحت ڳالهين ۽ ڪهاڻين جي روپ ۾ جيڪا ادبي اپتڪاري ٿيندي رهي. تنهن کي مان پنهنجي فيملي ميمبرن،

ادبي حلقي جي احبابن ۽ دوستن سان شيئر ڪندو رهندو هوس. ان ڏس ۾ فيس بڪ تي جيڪا دل کي اتساهيندڙ موٽ ملندي هئي، اها نہ رڳو منهنجي لکڻ وارن جذبن کي اپاريندي هئي پر ان سان منهنجا حوصلا ڪير تہ جبل جي چوٽين کي ڇهڻ لڳندا هئا.

هن وقت هي ڪتاب ”ڳالهيون ڪينيڊا جي وڻ وٽڪار جون“، جيڪو اوهان جي مطالعي هيٺ آهي، تنهن جو مهاڳ سنڌ جي معروف صحافي، ڪالم نگار ۽ مضمون نويس محترم ذوالفقار علي شيخ پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي تحرير ڪيو آهي.

مان ٿورا وساري نٿو سگهان ڊاڪٽر فرحان رسول سومري جا جنهن هن ڪتاب جي سنڌي ۽ اردو تحرير ٿيل مواد کي منهنجي فيس بڪ وال تان پرنٽر ذريعي ڪڍي ٿاهي جوڙي ڏنو. هن ڪتاب جو ڪجهہ حصو اردو ۾ لکيل ڪهاڻين جي روپ ۾ هو، جيڪو آئون ڪينيڊا ۾ مقيم پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ احباب ۽ فيس بڪ جي ”اپنا گروپ“ جي دوستن سان شيئر ڪندو هوس، تنهن سموري مواد کي مون سنڌي ۾ الٿو ڪري پنهنجي فيس بڪ وال تي رکيو.

ان ڏس ۾ جس هجي منهنجي پياري پٽ عمير رسول سومري کي جنهن ان مواد کي پرنٽر ذريعي ڪڍي مونکي ٿاهي جوڙي ڏنو. جنهن سبب منهنجي لاءِ اهو ڪم سهنجو ٿي پيو تہ مان ڪتاب جي ڪني ڪيل سموري مواد کي پنهنجي پبلشر جي حوالي ڪري سگهان، مهربانيون ”مرڪ پبليڪيشن“ جي سرپرست محترم مرتضيٰ لغاريءَ جون جنهن ڪتاب جي ٽائيٽل ڪور تي خاص توجهہ ڏئي ۽ وڏي محنت سان ڪتاب جي خوبصورت ڇپائي ڪري اوهان جي هٿن تائين پهچايو.

**ڊاڪٽر غلام رسول سومرو**

# ڳالهيون
# ڪيناڊا جي
# وڻ وٽڪار جون

# فري بڪ ڪلب

فري بڪ ڪلب ٽورنٽو جي پڪرنگ سٽي جي مضافاتي ڳوٺ پڪرنگ وليج ميوزم جي علائقي ۾ آهي هن وقت ٽورنٽو ڪلچر جي جنهن موضوع تي آئون روشني وجهي رهيو آهيان اها نہ رڳو ڪينيڊا جي سماج جي شعور جو هڪ حسن آهي پر اهو هن قوم جي اهڙي شعور جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ڪي اسان زنده قوم چئي سگهون ٿا. هن قوم جي عمده اعمالن ۽ روين جي ڪري عهد حاضر ۾ هن ملڪ ڪي وڏي قدر جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. منهنجي نظر ۾ هتان جي سماجي شعور ۽ قدرن ڪي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ دنيا ۾ ڪينيڊين پنهنجي سماجي شعور جو نہ رڳو ادراڪ رکن ٿا بلڪ ان جي نشونما ۽ ونڊ ورهاست جو حق بہ ادا ڪن ٿا . هن وقت مان جنهن علائقي مان گذري رهيو آهيان اهو جهنگ نسورو جهنگ آهي جتي ڪوهين ماڻهو نظر نٿو اچي اڪيلا اڪيلا گهر هڪ ٻئي کان ڏور ڏور وڏا ڪشادا گهر جن ۾ رهائش پذير ماڻهو بہ رڳو ٻن يا ٽن فيملي ميمبرس تي مشتمل آهن. تن جي گهرن اڳيان بهترين روڊ ۽ رستا آهن جتان اسان پنهنجي آر وي تي گذري رهيا آهيون . منهنجي ننڍي برادر ڪاظم ٻڌايو تہ، ”هي گهر هتان جي علائقي ۾ هڪ والنٽيئرلي بوڪ ڪلب جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.“ مون چيو مانس، ”پوءِ بريڪ هڻ تہ وزٽ ڪريون ٿا . اهڙين شين جا ديدار تہ ڪجن .“ جنهن گهر جي هن نشاندهي ڪئي ان جي سامهون اچي مون پنهنجي ڪيمرا جا لينس کوليا. گهر جي ٻاهران يا آس پاس ڪو بني هو نہ بشر سو بنا اجازت جي پهريان ان گهر جي تصوير ورتم. تنهن کانپوءِ جيئن ئي آئوٽ ڊور ننڍي ڪتاب گهر جون تصويرون ڪڍڻ لڳس تہ گهر

جي مالڪياڻي در کولي اندران بر اجمان ٿي ۽ مخاطب ٿيندي چوڻ لڳي، ”توهانکي جيڪي ڪتاب وٽن سي توهان پاڻ سان ڪٽي وڃي سگهو ٿا. مون ننڍي ڪيبن جي ڪتابن کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو جيڪو هڪ اڌ ڪتاب مونکي وڻيو ان کي سيني سان لاتو ۽ ان نوجوان ڇوڪريءَ کي چيم تہ هنن ڪتابن کي آئون واپس ڪري نہ سگهندس.“ جوابن مگر وڏي خوش اخلاقي سان چوڻ لڳي، ”ضروي ناهي، توهان پاڻ سان ڪٽي وڃو اسان کي خوشي ٿيندي ..... هي اسان جو بڪ ڪلب فري آهي ۽ توهان گهر ۾ اچي فري ريڊنگ بہ ڪري سگهو ٿا. وڏيڪ چوڻ لڳي. اهي ٻاهر جيڪي ڪتاب رکيل آهن سي ڪو بہ پنهنجي گهر ڪٽي وڃي سگهي ٿو نو پرابلم “... هاڻي ڏسو هن سماج جو شعور ۽ هن غير مسلم سماج جا اقدار ... انهن جي ڪهڙي ۽ جيتري تعريف بہ ڪجي اوتري ٿوري ليکجي.

**

# ڪينيڊا ۾ گورنمينٽ اسڪول گريڊ سسٽم

ڪينيڊا ۾ رهڻ دوران مونکي هتان جي اسڪولن ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جي ڪن اصولن کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. جڏهن آئون پنهنجي پوٽي ۽ پوٽين کي اسڪول ڇڏڻ ويندو هوس يا اسڪول ۾ ٽيندڙ ٻارن. والدين ۽ اسڪول ٽيچرس جي ساليانې گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو هوس. ته مونکي ڪينيڊا جي سرڪاري اسڪول ۾ هلندڙ تعليمي گريڊ سسٽم جي ڪجھ ڄاڻ ملندي هئي. سرڪاري اسڪول سسٽم ۾ نصابي سرگرمين کان جدا جيڪي غير نصابي سرگرميون ۽ تربيتي پروگرام ترتيب ڏنا وڃن ٿا تن ۾ هيٺين درجن جي ٻار لاءِ راند روند، فزيڪل فٽنيس ۽ صحت صفائي جي معاملن تي سڀ کان وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ٿو. مضمون لکڻ جي سلسلي ۾ منهنجو رڳو مطالعاتي ادراڪ تي انحصار ناهي بلڪ منهنجو پنهنجو اکين ڏٺو احوال آهي ته هتان جي اسڪولن ۾ ناقابل يقين حد تائين تعليم، تربيت ۽ صحت جي اعليٰ درجي جي اصولن کي اپنايو وڃي ٿو.

اهڙي تربيت ۽ اهڙي نگراني ڪينيڊين سرڪار، اسڪولن جا بورڊ ۽ اسڪولن جي انتظاميه جي سهڪار سان جاري و ساري آهن. جنهن جي مٿان ملڪي قيادت جي پڻ ڪڙي نگراني رهي ٿي. منهنجي خيال ۾ ملڪي قيادت پنهنجي اسڪولن ۾ رڳو ملڪي مفاد ۾ ڪم ڪري ٿي. تنهنڪري اهو ممڪن ٿيو پوي ٿو ته ملڪي ادرا ٻه وڌي ڌيان سان ملڪي مفاد ۾ سرگرم عمل رهن. ٿي سال اڳ مونکي پنهنجي پوٽين جي اسڪول زون پڪرنگ ۾ قائم سرڪاري ويلي پبلڪ اسڪول ۾ سيشن جي پڇاڙي تي

ٽيچر- پيرنٽ ۽ اسٽوڊينٽ ميٽنگ ۽ ملن پارٽي ۾ شرڪت جو موقعو مليو.

ان ڏينهن اسڪول ۾ هڪ وڏي جشن جو ڏيک هو. منهنجي لاءِ وڏي خوشي جي ڳالهه هئي تہ هن ميٽ دي ٽيچرس ڊي جو سمورو انتظام اسڪول جي استادن کلي فضا ۾ استقباليہ واري منڊپ تي پنهنجن هٿن سان ترتيب ڏنو هو. جنهن ۾ والدين ۽ ٻارن جي آجيان ٻہ اسڪول جي سربراهہ ۽ استاد پاڻ ڪري رهيا هئا. آجياڻي ۾ ڪاڏي پيتي جي شين ۾ بار بي ڪيو. بند ڪباب، چيز برگر، برائونيز ۽ ٻارن جي عام پسند جون شيون ۽ ڪولڊ ڊرنڪس وغيره (پنهنجي ڏوڪڙن سان خريد جي بنياد تي) رکيل هئا. اسان ريفريشمينٽ کان واندا ٿي ويلي پبلڪ اسڪول جي ڪلاس روم ڏانهن رخ رکيوسي. جتي اسڪول سيشن جي پڄاڻي تي ٻارن جي نصابي ۽ غير نصابي ڪارڪردگي ۽ سرگرمين جو رڪارڊ ٻارن جي ڊيسڪ تي رکيل هو. مگر جڏهن مان اسڪول جي گرائونڊ فلور تي قائم ڪلاس روم جي اڳيان ڪاريڊور مان گذري رهيو هوس،تڏهن اتان جي صفائي سترائي ڏسي مان محو حيرت ٿي ويس. ڪاريڊور ۾ ٻن ٽن ڪلاس رومن جي وچ ۾ ٻارن جي لاءِ پاڻي پيئڻ جا جديد ٽچ سسٽم وارا واٽر ڪولر لڳل هئا. ڪاريڊور ۾ وري ڪلاس روم جي ٻاهران ديوارن ۾ جوتن رکڻ جا ريڪ لڳل هئا. جن ۾ شاگرد ڪلاس روم ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ پنهنجا ڪلاس روم وارا شوز پائي پوءِ اندر داخل ٿين پيا. تہ جيئن ٻاهران آيل شوز جي ترن ۾ لڳل دز مٽي يا جراثيم ڪلاس روم ۾ داخل نہ ٿين. ٻارن جا ريڪ ۾ رکڻ وارا شوز سال جي شروعات ۾ نوان خريد ڪري والدين پاڻ رکندا آهن. جنهن ڪلاس روم ۾ اسان پنهنجي ٻارن سان اندر داخل ٿياسي تنهن ڪي ٻارن جي ڪيل

ڊرائينگ ورڪس سان سينگاريو ويو هو. ڪلاس روم ٽن حصن ۾ تقسيم ٿيل هو.

هڪ حصي ۾ ٻارن جي لاءِ لائبريري ۽ ريڊنگ پليس هئي. جنهن ۾ رنگ برنگي ميزون ڪرسيون رکيل هيون. ڪلاس جي هڪ حصي ۾ ٽيچر جي آفيس هئي جتي پڻ معياري قسم جو فرنيچر رکيل هو جنهن جي وچ ۾ وڏي ميز رکيل هئي. جنهن جي مٿان ٻارن کي سمجهائڻ ۽ تربيت ڏيڻ جي سلسلي جو سامان، نقشا ۽ آرٽيفيڪٽ رکيل هئا. ڪلاس روم جي هڪ حصي ۾ ڪمپيوٽر ۽ پروجيڪٽر نصب ٿيل هئا. اهڙي قسم جا انتظامات سو به هينئين ڪلاس جي ٻارن لاءِ ڏسي مونکي وڏي خوشي به ٿي ۽ حيرت به اتپڻ ٿي.

ٻارن جا والدين پنهنجي ٻارن سان گڏ ويهي سندن گذريل سيشن جي ڪارڪردگي جو مطالعو ڪري رهيا هئا ۽ ڪمري ۾ ٽي ليڊي ٽيچرس ٻارن جي ڪاپين تي لڳل نوٽس ۽ ريمارڪس متعلق والدين کي گهربل معلومات ڏئي رهيون. اهي سمورو ڪم ٻن ڪلاڪن جي وقت اندر خوش اصلوبي ۽ نهايت سانتيڪي انداز ۾ ٿيو.

آخر ۾ استاد والدين جي آمد تي انهن کي خوش آمديد چيو ۽ اهو به چيو ته جن والدين کي پنهنجي ٻار جي ڪنهن به تعليمي مسئلي تي جڏهن به ڪجهه چوڻ جي ڪا ضرورت پوي ته هو ان جي ڪلاس ٽيچر سان رابطي ۾ اچي پنهنجو مسئلو ٻڌائي سگهن ٿا. ان موقعي تي اسڪول جي ماحول، طور طريقن ۽ ٻارن، استادن ۽ والدين جي هڪ ٻئي سان سهڪار ۽ سهڻي طرز عمل کي ڏسي منهنجي دل باغ بهار ٿي وئي.

**

# مونٽريال ۾ ڄام شورو

مشهور فرانسيسي سياح جيڪ ڪارٽئي جو شهر مونٽريال ڪينيڊا جي خوبصورت شهرن مان هڪ آهي. هن هنڌ کي Jaque Cartier اٽڪل 1534 ڌاري ڳولهي لڌو هو. چيو وڃي ٿو ته ڪينيڊا کي ڪينيڊا نالو ڏيندڙ به جيڪ ڪارٽئي ئي هو. سندس تعلق دنيا جي خوبصورت ملڪ فرانس سان هو. في زمانه فرانس دنيا ۾ بهترين خوشبوئيات تيار ڪندڙ ملڪن مان هڪ آهي ۽ جيڪ ڪارٽئي جو شهر مونٽريال هن وقت به خوشبوئيات ۾ ٻڏل رهي ٿو. شهر جي قديم پاڙن انهن جي رستن ۽ گهٽين جو ماحول ۽ منظرنامو اڃا به ڏيڍ به سو سال پراڻي يورپ جي وڪٽوريا دور جون سڪون لاهي ٿو.

مونٽريال شهر جي پراڻين گهٽين ۽ بازارن ۾ ڳاڙهين سرن سان ٺهيل روڊن رستن کي ڏسي ماڻهن کي حيرت اتپڻ ٿيندي آهي. بازارن ۽ ڳلين ۾ ايندي ويندي کي هاڻي به فرانس جي خوشبوئيات جو سحر ڪيرو ڪري ڇڏيندو آهي. شام جو پهر هجي يا صبح جون رونقون هتي جي روڊن، رستن ۽ گهٽين ۾ چڱي پلي رش لڳي پئي هوندي آهي. هتان جي ننڍين وڏن هوٽلن ۽ ڪيفيز جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عطر ۽ عنبر جون پيڪيون پيون اٿنديون آهن. اهڙي معطر معطر ماحول ۾ صبح جو اسان هڪ ڪيفي ۾ ويهي مسلمانڪي سادي ڪاڏي جو آرڊر ڪيوسي، جنهن ۾ هيش برائون، چيز آمليٽ، چيز ڪيڪ، ميپل سيرپ، برائونيز ۽ ڪيپوچينا ڪافي شامل هئي. مونٽريال شهر ۾ ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي ته رات جي ماني شام جي پهر ۾ ڪائڻ لاءِ پنهنجي گهرن مان نهي

سنيري ريسٽورانٽ ۾ ماني ۽ مشروبات نوش ڪري دير تائين وينا ڪچهريون ڪندا آهن.

شام جو پيٽ پوڄا ڪرڻ لاءِ اسان ناٽريڊم چرچ واري پراڻي علائقي جو سير سفر ڪري قديم طرز جي نهيل هڪ ريسٽورانٽ ۾ فش برگر ۽ ڪولڊ ڊرنڪ وغيره پي پنهنجو تن من توش ڪري هتان جي جهوني دور جون عمارتون ۽ گهٽيون ڏسڻ نڪتاسين.

مونٽريال جون اهڙيون گهٽيون ۽ گهر ڏسندي ڏسندي مان اهڙي هنڌ وڃي بيٺس جتي گهٽي جي ڪنڊ تي وڪٽورين دور جو پريس ڪلب هو. ڪلب جي ٻاهران پيٽ ۾ پراڻي زماني وارو گاسليٽ ۽ وٽ سان روشن ٿيندڙ فانوس لڳل هو. نظر ڪٽي ڏٺم ته سامهون وارين گهٽين جي ديوارن ۾ اهڙي قسم جا فانوس پڻ لڳل هئا، جن کي هاڻي اليڪٽرڪ سسٽم تي آڻي روشن رکيو ويو هو. دل چيو اڻويهين صدي جي هن پريس ڪلب ۾ اندر جهاتي پائي ڏسجي. سو دل ٻڌي اندر گهڙيس. اندر وڃي ڇا ڏسان ته ڪلب ۾ پراڻي زماني جون ميزون، ڪرسيون ۽ بينچون پيون هيون، مگر هن وقت اهو پريس ڪلب رڳو هڪ ميوزيم جو ڏيک پيش ڪري رهيو هو.

ٻارن سان ٿورو اڳتي وڌي ڏٺوسين ته بازار ۾ ڏيڍ ٻه سو سال پراڻي طرز جا دڪان کليا پيا هئا، جن ۾ زور شور سان خريداريون هلي رهيون هيون. بازار جي ويڪرين گهٽين ۾ جايون، روڊ رستا سڀ ڳاڙهين سرن جا نهيل هئا. جن جي ڪم و بيش اسٽائل پراڻي پيرس جي گهرن ۽ گهٽين جهڙو ڏيک پئي ڏني. مونٽريال جي قديم علائقن، انهن ۾ اڏيل عمارتن، عبادتگاهن ۽ بينڪن جي عمارتن کي وڏي خرچ ۽ محنت جي زور تي جهڙو جو تهڙو قائم رکيو ويو آهي ته جيئن انهن جي ساڳوڻي حالت کي جيئرو رکيو وڃي.

ناٽريڊم چرچ جي اردگرد جا پاسا گهمي جڏهن اسان ٿڪجي پياسين ته ٿورو ساهه پٽڻ لاءِ اسين پراڻي زماني جي قائم ڪيل بينڪ جي عمارت جي ڪليل آڳر ۾ هڪ اوپن ايئر ريسٽورانٽ ۾ ويهي ڪافي پيئي نوش ڪئي سين. ان سمي مون پنهنجي پٽ فرحان کان سوال ڪيو ته. ”مونٽريال جي مهڪندڙ فضائن ۽ ڄام شوري جي دلفريب هوائن واري ماحول ۾ ڪو فرق“؟ ان ڪان اڳ جو فرحان جواب ڏي، مونسان ننهن مخالف ٿيندي چيو.”چاچا پهرين مان ڪجهه عرض ڪيان“ مون چيو. جي اوهان ئي ٻڌايو.“ ”چاچا ڄام شوري جي اسٽڊي سني هئي.“ مون ڪيس چيو. ”ڇا توهان ٻئي هڪ ڪلاس ۾ هئا“ هن وراڻيو، ”نه فرحان مونکان سينيئر هو.“ مون چيو چڱو ٻڌاءِ اتان جا هوٽل ۽ اتان جي ماني ڪئين هئي؟“ هن وراڻيو. اتان جي چپر ڪانٽيننٽل هوٽلن جي ڇٽن جي دال فرائي ۽ ماني پيلي هئي.“ ٿورو رڪي هن وري چيو، ”ڄام شوري جي مٽن ڪڙهائي ۽ نان جو مقابلو هتان جي ڪاڏي سان بلڪل ڪري نٿو سگهجي.“ ننهن ڪان پوءِ پٽ چيو. ”بابا مان ڪجهه عرض ڪريان، “ مون چيو ”جي فرمايو.“ ڄامشوري جي پڙهائي ته هئي ئي لاجواب پر بابا اتان جي فضائن ۾ جادو هو. اتان جي ٿڌڙي شام، اتان جون هوائون اسان جي مٿان سحر طاري ڪري ڇڏينديون هيون.“ ٿوري ساهي کڻندي هن وري چيو. اتان جي ملباري جي ڍابي جي چانهه ۽ اڦراٽي جو هتي ڪو ميل ڪونهي.“

❋❋

# بگ ايپل

آسمان تي ڪڪر ڪڪورجي چڪا هئا. هوائن ۾ نمي وڌي وڃڻ ڪري موسم خوشگواري جو احساس ڏياري رهي هئي. موسم جا اهڙا بدلجندڙ رخ ڏسي مون پنهنجي پٽ کي چيو. هئڙي خوشگوار موسم ۾ گهر ۾ ويهي پڪوڙا تري کائڻ کان بهتر آهي ته لانگ ڊرائيو تي ڪاڏهن نڪري هلجي. منهنجي اها ڳالهه جيئن ئي ٻارن جي ڪنن تي پئي تيئن هنن جي دل ۾ خوشيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي وئي. بس پوءِ ته گهر ۾ ڌما چوڪڙي مچي وئي. پٽ ۽ ننهن جي اتفاق ڪرڻ ڪانپوءِ جلدي اسان سڀ تياري ڪري لڳي وياسين.

تفريح جي خيال سان جڏهن به اسان گهران نڪرندا آهيون ته اسانجو پهريون ٽارگيٽ ميڪڊونلڊ ۽ ٽم هارٽن ڪافي هائوس هوندو آهي. ناشتي پاڻي کان واندا ٿي اڌ ڪلاڪ جي اندر شاهراه 401 تي اچي اسان مونٽريال ڏانهن رخ ڪيوسين. شاهراه جي ٻنهي پاسن تي پري پري تائين ساوڪ لڳي پئي هئي. مٿي آسمان ۾ ميرانجهڙن ڪڪرن مان ٿڌڙي پاڻي جون بوندون ڪري رهيون هيون. ڪٿي ڪٿي روڊ جي پاسن تي صوفن ۽ پائن جا وڻ نهايت خوبصورت منظر پيش ڪري رهيا هئا. روڊ جي ساڄي پاسي ڏاڙهن جهڙن ڳاڙهن صوفن جي وڻن جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن کي ڏسندي منهنجي پٽ ٻڌايو ته ”بابا هي صوفن جا باغ ڪيناڊا جي پهرين وزير اعظم جان اي. ميڪڊونلڊ جا آهن جنهن جو تعلق برطانيه جي شهر گلاسگو سان هو ۽ 1867 ۾ سندس ئي ڪوشش سان ڪيناڊا ۾ ڌار ڌار صوبن کي هڪ فيڊريشن ۾ آندو ويو.جنهن بعد کيس هن نئين ملڪ جو وزير اعظم چونڊيو ويو.“

جان اي ميڪڊونلڊ جي ڪاوشن ۽ ڪاميابين جي باري ۾ فرحان وڏيڪ ٻڌايو تہ پنهنجي جواني جي ڏينهن ۾ جان اي ميڪڊونلڊ وڪالت جي پيشي سان منسلڪ رهيو. تنهن ۾ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن ڪاروبار جي ڪم ۾ هٿ وڌا جنهن ۾ بہ ڪيترين ڪاميابيون ماڻڻ بعد هو سياست جي ميدان ۾ آيو. اسان جي گفتگو جاري هئي مگر ايتري ۾ اسان پنهنجي منزل ”بگ ايپل“ جي ڪشادي اڱڻ ۾ اچي بيٺاسين. منهنجي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن منهنجي نظر جبل جيڏي وڏي ڳاڙهي صوف تي پئي.

شاهراه 401 تي هي هڪ نهايت ئي خوبصورت پڪنڪ پوائنٽ آهي. فطري ۽ انتهائي خوبصورت منظر ۾ ڪينيڊا جي بگ ايپل ڪمپني جي هتي وڏي عمارت آهي جنهن ۾ کاڌي پيتي جي مختلف شين تيار ڪرڻ جا ڪارخانہ ۽ انهن جا ڊپارٽمينٽل اسٽور، بيڪريون، شاپنگ مال، ريسٽورينٽ، ڪنفڪشنري، بگ ايپل ڊرنڪ مشروبات ۽ مناين جا اسٽور آهن جن تي بگ ايپل جي ڇٽي هيٺ تيار ٿيندڙ شين ۽ پراڊڪٽس جو وڪرو ڪيو وڃي ٿو.

بگ ايپل جي پراڊڪٽس ۾ اڪثر بگ ايپل جي فارم جي باغن جي صوفن ۽ انهن جي رس کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. وڏي سهڻي ڳالهہ تہ فيڪٽري جي مختلف حصن ۾ وڃي ماڻهو هر وقت تيار ٿيندڙ مال جو پنهنجي نظرن اڳيان معائنو ڪري سگهي ٿو.

اسان پنهنجي ٻارن سان ڪنفڪشنري جي سيني حصن کي گهمي ڦري ڏٺو ۽ جڏهن شيشي جي وڏن مرتبانن ۾ ٽيسٽنگ لاءِ رکيل شين جا مزا ۽ معائنہ ڪري واندا ٿياسين تڏهن بگ ايپل جي ڪچن مان ڪرنچ ايپل پائي، ونيلا ايپل ڪروسان، ۽ ٻارن لاءِ ڊونٽس ۽ پستن بادامن واريون برائونيز وٺي ريٽورينٽ ۾ اچي ڪاڌيون سين.

ٿوري دير آرام ڪرڻ ڪانپوءِ اسان بگ ايپل جي صوفن جي باغ ڏانهن ڪاهي پياسين. ڪارخاني ۽ باغ جي وچ ۾ وڏي ڳاڙهي صوف جي ٻہ ماڙ عمارت هئي جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن سان تفريح لاءِ اندر وجن ۽ اچن پيا، اسان بہ اندر وڃي بگ ايپل کي چڱي طرح ڏسي خوش ٿياسين. صوفن جي باغ ۾ پنهنجي مرضي سان صوف پٽي کائڻ جو ڏاڍو لطف آيو. باغ ۾ جيڪي صوف هيٺ پٽ تي پاڻهي ڪرن ٿا سي پاڻ سان کڻي وڃڻ جي اجازت آهي باقي جيڪي وڻن مان پٽي پاڻ سان کڻي وڃبا تن جي تور تڪ ۽ حساب ڪتاب ڪائونٽر تي هر ماڻهو کي ڏيڻو پوي ٿو.

اسان صوفن جي باغن جي پر فضا ماحول کي الوداع چئي ٻارن کي بگ ايپل جو چڙيا گهر ڏيکارڻ وياسين. بگ ايپل جي ڪشادن ساون سبز ۽ دل لڀائيندڙ ميدانن ۾ چڙيا گهر کان سواءِ گالف ڪورٽ بہ هئا جتي ٻار پنهنجي وڏن جي نگراني هيٺ گالف ۽ ٻين راندين کان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. بگ ايپل فارم جي هڪ پاسي ميوزيم بہ هئو جتي پراڻي زماني جي ريل جي انجڻ ۽ ڪيريئر گاڏا بينل هئا. ساڳي جاءِ لڳ بگ ايپل جي صنعت سان لاڳو اڻويهين ۽ ويهين صدي دوران رس ڪڍڻ وارين مشينن جا پراڻا سانچا پڻ نصب ٿيل هئا ۽ ديوارن تي انهن جا فوٽا ۽ ڊرائنگس وغيره پڻ لڳل هيون تہ جيئن انهن کي ڏسي ايندي ويندي کي صنعت جي اير پير ۽ قدامت جي پلي پت جاڻ حاصل ٿئي.

هن سهڻي شام ۾ جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن آسمان کان ڪرندڙ مينهن جون ڪڻيون دل کي سرور بخشي رهيون هيون تنهن ۾ سج جي لهڻ کان کي گهڙيون اڳ اسان بگ ايپل جي فارم کان لنگهي هڪ پراڻي آبادي جو نظارو ڪرڻ نڪري وياسين. ڪينيڊا جا ڳوٺ ۽ ٻهراڙيون بہ في زماني قدامت ۽ جدت جو هڪ

خوبصورت نمونو پيش ڪن ٿيون. جن کي ڏسي ماڻهو محو حيرت ٿيو وڃي. 5600 ماڻهن تي ٻڌل هي قديم ڳوٺ. ڪراچي جي ڪلفٽن جي ڪنهن خوبصورت حصي کان به ڪئين ڀيرا وڌيڪ خوبصورت ۽ صاف سٿرو پيو لڳي. البته هتان جي هر لوڪيشن تي عمارتن ۾ وڪٽورين دور جي زماني جي عمارت سازي جو جيڪو سحر انگيز ڏيک نظر اچي پيو سو پنهنجي مٽ پاڻ هو. رستي ۾ ايندڙ هن ڪائونٽي جا روڊ رستا تقريبن سنسان ۽ ويران پئي لڳا. جڏهن ته ريسٽورانٽ، بيوٽي پارلر، گلن جا دڪان ۽ ٻيو سڀ ڪجهه کليل هئا، منهنجي خيال ۾ گهٽ آبادي ڪري ماڻهن جي اچ وڃ گهٽ پئي محسوس ٿئي، من جي هورا ڪورا لاهڻ لاءِ فرحان کان سوال ڪيم ته، ”هن حسين ترين وادي ۾ سڀ ڪجهه کليو پيو آهي پر ماڻهو ڪونهن“. هن ٻڌايو ته ”بابا هن ڪائونٽي نما شهر ۾ آبادي جو اٽڪل سمورو ريشو گوري نسل جي ماڻهن تي ٻڌل آهي ۽ هي وقت انهن جي ڊنر جو وقت آهي تنهنڪري دنيا جهان جا ڪم پاسيرا ڪري پهريون اهي ڊنر ڪندا پوءِ ٻيو ڪجهه ڪندا.“

❊❊

# چيري بلاسم فيسٽيويل ٽورنٽو

ڪينيڊا جي سرد موسم ۾ آئون گهڻو ڪري گهر ۾ ئي رهندو آهيان مگر منهنجو اهو نيم هوندو آهي ته صبح جو ناشتو نيرن ڪري گهر جي ويجهو باغ ۾ تڙڪو وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويندو آهيان. باغن جي ڪنڊن پاسن ۾ برفاني طوفانن جي ڪري ڪريل برف جا ڍير ۽ ڳنڍا چيئني پاسي پکڙيل نظر ايندا آهن. باغ جي بينچن تي پڻ برف جا ٿهه چڙهيا پيا هوندا آهن. اهڙي موسم ۾ مان رڳو اڌ منو ڪلاڪ واڪ ڪري پنهنجي گهر موٽي ايندو آهيان. گهر ۾ اچي جڏهن شيشي جي درين مان ٻاهر جهاتي پائيندو آهيان ته پنن کان خالي وڻن جي سڪل لامن ۽ ٽارين ۾ برف شيشي جي لارن جي روپ ۾ موتي جي هارن وانگر ٽنگيل نظر ايندي آهي. اهڙي موسم مان جڏهن ڪڪ ٿيندو آهيان تڏهن مونکي بهار جي موسم جي تات لڳندي آهي. هن ڀيري سردين جا ڏينهن مون لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريا، اهڙي مشغلي ۾ رڌل رهڻ ڪري مونکي وقت جي گذرڻ جو احساس گهٽ رهيو.

هڪڙي ڏينهن صبح جو آئون لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ مصروف هوس ته اوچتو منهنجي گهر واري جي ڀاڻيجي انجنيئر نواز عالم جي ڪال آئي. هو ڏاڍي سني موڊ ۾ پئي نظر آيو. هيلو هاءِ ڪانپوءِ چوڻ لڳو "انڪل بهار جي مند شروع ٿي وئي آهي. سياڻي ٽورنٽو جي هاءِ پارڪ ۾ چيري بلاسم فيسٽيويل آهي. اهو فيسٽيويل ڏسڻ لاءِ سڄو شهر ڪنو ٿيندو آهي" مون ڪانئس پڇيو. "پروگرام ڇا آهي." چوڻ لڳو. " اسان پوري فيملي پنهنجي گهران نڪرنداسي. اوهان فرحان سان گڏجي هن ميلي ۾ ضرور شريڪ ٿيندا" نواز عالم جي واتان اهو ٻڌي ته بهار جي موسم اچي وئي آهي. منهنجي دل باغ بهار ٿي وئي. ڪينيڊا ۾ رهندي مونکي هتان

جي موسمن ۽ انهن جي بدلجڻ جو احساس گهٽ ٿيندو آهي. اسانجي ملڪ ۾ واضح طور چار موسمون ٿينديون ۽ گذرنديون نه رڳو محسوس ٿينديون آهن پر پنهنجي مٿان گذرنديون انهن جا واضح اثرات به نظر ايندا آهن.

فرحان جيئن شام جو ڊيوٽي ڏئي گهر آيو ته مون کيس چيو "يار خبر ئي نه پئي ته هتي بهار جي موسم اچي وئي آهي." هو وراڻيو. "بابا هتي ائين ئي ٿيندو آهي. سردين سردين ۾ بهار جي موسم اچي ويندي آهي ۽ ائين ئي گرمين جي موسم گذري ويندي آهي" مون چيومانس." تنهنجي ماسات نواز عالم جي فون آئي هئي ته ٽورنٽو جي هاءِ پارڪ ۾ سياڻي چيري بلاسم جو فيسٽيويل لڳندو جنهن کي ڏسڻ لاءِ اوهان ضرور ايندا." فرحان وراڻيو. "ها بابا سائين ان فيسٽيويل جو ته اسان کي به انتظار رهندو آهي. ضرور هلنداسين"مون فرحان کي ياد ڏياريندي چيو. "فرحان توکي ياد آهي جڏهن تون. امجد ۽ نواز عالم دهلي ڪالج ڪراچي ۾ مون وٽ پڙهندا هئا. تڏهن بهار جي موسم ۾ اسان ڪاليج جي پروفيسر حسن اڪبر ڪمال، پروفيسر نسيم نيشوفوز، ۽ پروفيسر نعيم علي خان سان گڏجي جاپاني ڪانسليٽ ۾ چيري بلاسم ۽ ٻين فطرتي مناظر تي ٻڌل هائيڪو مشاعري جي محفل ۾ هلي شريڪ ٿيدا هئاسين." فرحان وراڻيو. "ها بابا مونکي چڱي طرح ياد آهي. ان هائيڪو محفل مشاعري ۾ ادا جعفري، پروفيسر شاهده حسن.فاطمه ثريا بجيا ۽ ڪراچي جا ٻيا ناليوارا هائيڪو جا شاعر اچي پنهنجا شعر پڙهندا هئا" مون چيو "يار توکي ته پنهنجي ڪاليج وارن ڏينهن واريون سڀ ايڪٽوٽيز ياد آهن پر تون اهو ٻڌاءِ ته چيري بلاسم ملهائڻ وارو ڪلچر ته جاپان ۽ چائنا جهڙن ملڪن جو آهي. هتي ڪينيڊا ۾ اهو ڪيئن ٿو ملهائيو وڃي." فرحان ٻڌائيندي چيو. "بابا سائين ڪينيڊا جي ملٽي ڪلچرل لائف جي

ڊيموگرافيڪل هسٽري بہ اڍائي سو سال پراڻي آهي“، ”پلا ايترا سال قديم تاريخ مان چيري بلاسم ڪلچر تي روشني پوڻ جو ڪو امڪان آهي.“ هو وراڻيو. ”جي بابا“ مون چيو پوءِ پلا ڪولي ٻڌاءِ تہ اسان بہ ڪو لطف ونئون.

فرحان پنهنجي ڄاڻ مطابق ٻڌائيندي چيو. ”بابا اٽڪل 1852 ڌاري ڪينيڊا ۾ ريلوي جون لائنون وڇائڻ جو ڪم شروع ٿيو“ مون ڪانئس وچ ۾ سوال ڪندي چيو ”پلا انجو تعلق چيري ڪلچر سان ڪيئن ٿيو.“ فرحان چيو. ”بابا ڳالھ تہ پوري ٻڌو“ مون چيو ”ٻڌاءِ.“ فرحان قصي کي ساڳي هنڌ کان شروع ڪندي چيو. ”ريلوي لائنون وڇائڻ واري ڪم ۾ مشرقي ملڪن مان آيل چيني ماڻهن ۽ ليبر جو هٿ رهيو آهي. مگر ان ڪم ۾ جاپانين جو ڪيترو عمل دخل رهيو آهي ان جي مونکي ڪا پڪي پختي ڄاڻ ڪانهي. البتہ ڏيڍ بن سو سالن کان دنيا جي ايسٽ ويسٽ جي علائقن مان مختلف رنگ ۽ نسل جا ماڻهو ڪينيڊا ۾ اچي آباد ٿيا آهن“ مون چيو ”انجو مطلب. ڪينيڊا ۾ ڌارين جي آبادڪاري وارو عمل پراڻو آهي.“ فرحان وراڻيو. ”ها بابا اهو عمل اڄ بہ جاري آهي. ۽ ڪينيڊا دنيا جو اهو واحد ملڪ آهي جيڪو رفيوجيز کي پاڻ وٽ پناھ ۽ ڌارين کي هتي آبادڪاري ۾ سهولتون مهيا ڪندو آهي“ مون چيو ”پلا هاڻي چيري ڪلچر تي موٽي اچجي.“ فرحان چيو. ”چيري دنيا جي ٿڌن علاقن ۾ ٿيندي آهي. هتان جي زمين ۽ موسمون چيري ۽ بين بيريز لاءِ نهايت مناسب آهي. ايتري قدر جو هتي چيني ماڻهن اچي پنهنجا الڳ ٽائون ناهي ڇڏيا آهن جن ۾ انهن جو سمورو چيني ڪلچر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بابا تي سگهي ٿو تہ انهن جي اصلوڪي ملڪ ۾ جيڪي ميوا. ڀاڄيون ۽ وڻڪار هوندي تنهن کي آهستي آهستي هنن هتي ڪينيڊا ۾ آندو هجي ۽ ان سان گڏ چيري ڪلچر بہ هتي آيو هجي“ مون چيو ”ممڪن آهي.“ فرحان کي

مون ياد ڏياريندي چيو. ”يلا سياڻي اهو هاءِ پارڪ وارو چيري بلاسم فيسٽيويل ڏسڻ جو پروگرام ناهيو.“ هن وراڻيو. ”جي بابا صبح ٿي انشاءَ الله ضرور هلنداسي“

ٻئي ڏينهن صبح جو يارهين لڳي اسان اڃا نيرن پاڻي ڪري چيري فيسٽيويل ۾ وڃڻ جون تياريون وٺي رهيا هئاسين ته نواز عالم جي فون آئي ۽ چوڻ لڳو. ”هتي هاءِ پارڪ ۾ پير رکڻ جي جاءِ ڪانهي ٻچي پارڪ جي اردگرد جي سمورن علائقن جي روڊن رستن تي گاڏيون ئي گاڏيون بيٺيون آهن. ميلن تائين ڪار پارڪنگ جو ملڻ مشڪل آهي“ فرحان مون ڏانهن ڏسندي چيو. ”بابا هاڻي ڇا ڪجي“ مون چيو ”وري ڇا ٿيو.“ فرحان چوڻ لڳو. نواز عالم چوي ٿو. هاءِ پارڪ واري علائقي ۾ پارڪنگ بلڪل ڪانهي. ماڻهو صبح جو سوير اچي هاءِ پارڪ ۾ ڪنا ٿيا آهن. اسان جي اتي هڪ بجي ٻه پڄئون ته پارڪ کان ڏيڍ ٻه ميل پري مشڪل سان ڪا گاڏي بيهارڻ جي جاءِ ملندي ۽ اتان پارڪ ۾ پهچڻ لاءِ پنڌ وڃڻو پوندو.“

چيري بلاسم جا خوبصورت رنگ ڏسڻ لاءِ اسان ٻئي ڏينهن شام جو چئي بجي ڌاران هاءِ پارڪ وياسين. ٻئي ڏينهن به چيري جي گلن کي ڏسڻ لاءِ پارڪ ۾ ماڻهن جا هشام لڳا پيا هئا. چيري فروٽ جي باري ۾ منهنجو خيال هو ته اهو ڪنهن ول يا ڪن ٻوٽن ۾ ٿيندو هوندو. پر هاءِ پارڪ ۾ چيريءَ جا وڏا وڻ ڏسي منهنجي حيرت جي حد نه رهي. پارڪ ۾ چئني پاسي ميلي جا رنگ لڳا پيا هئا جنهن ۾ هر رنگ ۽ نسل جي گروپ جا ماڻهو پارڪ جي خوبصورت ٻارن ۾ پنهنجن ٻارن سان کيل ۽ مشڪرين ۾ مصروف هئا. هاءِ پارڪ ۾ پبلڪ جي وڏي تعداد ۾ ڪني ٿيڻ ڪري پارڪ جي سمورن رستن تي روايتي قسم جي گهوڙن تي چڙهي گهمڻ وارن يونيفارم ۾ ملبوس عورتن ۽ مردن تي مشتمل

گارڊس جي سڪيورٽي لڳائي وئي هئي. هاڻ پارڪ ميلن ۾ پکڙيل هو ۽ ان جي سائي ڇٻر تي بيشمار چيري جي وڻن جا سلسلا هڪ خوبصورت ڊنڊ تائين پئي پکڙيل نظر آيا. ٻئي فرلانگ پنڌ ڪري اسان ٻه پارڪ جي خوبصورت جهيل تائين وياسين. جهيل ۾ ڳاڙهي چنهنب وارين ڪارڙين بدڪن جا خوبصورت ولر هيڏي هوڏي ڇڳندي ڦرندي پئي نظر آيا جنهن ڪي ڏسي ٻار ڏاڍو گد گد پئي ٿيا. پارڪ ۾ ڊنڊ پري پري تائين پکڙيل هئي جنهن جي ڪنارن ۽ ڪپن تي لڳل وڻن ۾ چيري بلاسم جا گلابي ۽ اڇي رنگ جا گل نهايت حسين نظارو پيش ڪري رهيا هئا. اهڙا دل لڀائيندڙ قدرتي منظر ڏسي منهنجي ته دل باغ بهار ٿي پئي.

هاڻ پارڪ جي ڊنڊ جي ڪنارن تي قدرتي طور ڦٽل ٽيولپ جي سر سبز ٻوٽن ۾ ڳاڙهي، نارنگي ۽ هيڊي رنگ جا گل پنهنجا ڳاٽ مٿي ڪيو ماڻهن ڪي پاڻ ڏانهن ڏسڻ لاءِ هرڪائي رهيا هئا. هن باغ جي خاص خاص حصن جي ٿواڻن ۽ چونڪن تي قومي اهميت جي جوڌن جا پتلا پڻ نصب ٿيل هئا. پارڪ جي ڪيترين جاين تي وڏا ٿنيا ڪڙا ڪري انهن ۾ پکين جا جڙتو آکيرا ناهيل هئا. ان مقصد لاءِ ته جيئن پکي پکيرو ان ۾ آرامي ٻه رهن. ٻچا ٻه ڏين ۽ پنهنجي خوبصورت وجود سان باغ جو ايکو ۽ رونق ٻه وڌائي سگهن.

هاڻ پارڪ واري ڊنڊ جي آخري ڇيڙ ي تي ريل گاڏي جو بند هو جتان ٿوري ٿوري دير ڪانپوءِ ريل گاڏيون سيٽيون وڄائيندي پئي گذريون. پارڪ جي انهي پاسي خوبصورت پکين ۽ جانورن جو چڙيا گهر هو. جنهن ڪي ڏسڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي ٻارن ڪي وٺي اوڏانهن ٿي ويا. باغ جي چڙيا گهر تائين پهچڻ لاءِ ڇٽل سروس ٻه هئي ۽ ٽن ڊٻن تي مشتمل بيٽرين تي هلندڙ ننڍيون ريل گاڏيون پڻ باغ جي رستن تي ماڻهن ۽ انهن جي ٻارن ڪي تفريح ڪرائيندي

پئي نظر آيون ۽ اهڙي دلچسپ سفر ۾ سڀ ڪان وڏيڪ تفريح ٻارن کي پئي ملي.

شام لڙي هاءِ پارڪ جون سموريون رونقون ۽ تفريحي هنڌ ڏسي جڏهن ٻار ٿڪجي پيا تڏهن گريٽ ٽورنٽو جي هن حسين هاءِ پارڪ تان اسان موٽي پنهنجي وٿاڻ تي ورياسين.

**

# سوٽ ڪيس

آسمان جي بلندين کي ڇهندڙ عمارتن ڪانڊومينيم جي نہ ڪٽندڙ سلسلن جي هينان مصروف ڊائون ٽائون ٽورنٽو جي رستن تي انساني زندگي بلٽ ٽرين جي رفتار سان ڊوڙندي نظر اچي ٿي، جتي انساني زندگي جي بيگانگي جا نظارا ڪجھ اهڙا بہ ڏسجن ٿا جن کي پسي انسان جو روح ڪانڊارجيو وڃي ٿو. منهنجي سامهون ملٽي اسٽوري عمارت جي صدر دروازي ڪان هڪ خوبرو جوان نفيس لباس زيب تن ڪيو فرانسيسي خوشبوئيات ۾ ٻڏل هٿ ۾ مختصر سوٽ ڪيس ڪنيو هڪ زيبرا ڪراسنگ ڪان تيز تيز قدم پريندو هڪ ڪانڊو ڪان ٻئي ڪانڊو ڏانهن لنگهي ويو.

هڪ ڪانڊو ڪان ٻئي ڪانڊو تائين اهو سفر ڪنهن هڪ مسافر جو ناهي پر هتي اهڙا مسافر هزارين آهن جيڪي رات ڏينهن انهن راهن تي پيا هلندا وتن ٿا. انهن ۾ لسان ۽ نسل جو بہ فرق ناهي. بس مخلوق خدا آهي جيڪا راه بدر ۽ دربدر آهي. ڊائون ٽائون ۾ جيڪي شاهراهون آهن انهن تي ٻنهي پاسن ڪان وڏين وڏين عمارتن ۾ جيڪي سرڪاري نيم سرڪاري يا ڪارپوريٽ بزنس آفيسون آهن انهن ۾ اهي نوجوان زن و مرد روزگار تي لڳل آهن.

اڄ جي هن خوبرو ۽ خوبصورت نسل جي فيشن ايبل جوانن جي آمدني بہ انهن جيتري هيڏ سر آهي جيترا هو هينڊسم ڏسجن ٿا. زندگي ۾ انهن کي ڪا مجبوري ڪونهي. هتي انهن جي اڳيان ڪوئي آهي نہ پنيان. سڪيا آهن ستابا آهن. ڪائن پيئن من پسند ٿا. هڪ ٻئي سان گڏ رهن ٿا گڏ ويهن ۽ سمهن ٿا. نہ ڪا ميار نہ ڪي مهڻو. بس هڪ ٻئي جا ديوانا آهن هڪ ٻئي تي دل فدا ڪرڻ ۽ پيار

ڪرڻ جا ڪوڏيا آهن. هن سماج جي هن ماحول ۾ هي هڪ ٻئي کان جدا ٿي رهي نٿا سگهن. گڏ رهڻ، ڪچهريون، ٿڙا نشا ۽ پنهنجي پسند جون دوستيون ۽ انهن دوستين ۾ سڀ حدون پار ڪري رهڻ ئي هنن جي زندگي جو مشغلو آهي. هتي هنن جوانن جي زندگي جو اهوئي انداز ۽ اهوئي نيم ۽ اهو ئي نمونو آهي.

ڊائون ٽائون ٽورنٽو ۾ وڏي ڪوشش سان ۽ وڏي مسواڙ جي عيوض رهڻ لاءِ جوڙي ڪي ڪمرو ملي پيو ته گرل فرينڊ ۽ بواءِ فرينڊ کي پنهنجي زندگي ۾ جڻ سڀ ڪجهه ملي پيو. ڪانڊو ۾ گڏ رهندي انهن نوجوانن جي زندگي جون سڀ رڪاوٽون دور ٿينديون وينديون آهن ۽ زندگي جي رازن جا سڀ پردا ٻه پري ٿيندا ويندا آهن.

زندگي جي دلنشني جا سڀ رنگ ۽ همنشيني جا سڀ سرها خواب پنهنجي تعبير کي پهچندا آهن. ماءُ گڏ ناهي ته ڇا. پي ساڻ ناهي ته ڇا. احباب ناهن ته ڪهڙو غم، هم پيالا، هم نوالا، هم خيال هم بستر سنگتي ته آهي.

بس هاڻي نيائٽيون آهن رڳو ياريون، انهن پرديسي ڪمائو پٽن ۽ پٽڙين جي ڪائڻ ڪمائڻ ۽ عيش ڪرڻ جا ڏينهن آهن تنهنڪري روز ميلا روز پارٽيون، فيشن، وڳا هڪ کان هڪ، فرانس ۽ دنيا ڀر جون خوشبو عطر عنبير هر قسم جو ڪاٺو موج مستي مهيا آهي ته جڻ زندگي ۾ سڀ ڪجهه حاصل ٿيو. مگر خوشبو ۽ خوابن تي زندگي جو سفر طئي ڪندڙ هنن راهگيرن جي دوستي ٿوري گهڻي ڦڪي مني ڳالهه تي ڪچي ڌاڳي وانگيان جلدي ٽٽي پوي ٿي، پوءِ هنن جي زندگي جي بيگانگي جو نئون سفر شروع ٿئي ٿو.

ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن شام ڪنهن وٽ ته ٻي ڏينهن جي شام ڪنهن ٻي جي جهولي ۾، راتن جو ملن ٿا ته ڏينهن

جو وڇوڙو، ائين ئي پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون ماه ۽ سال هي بسر ڪن ٿا.

هڪ اجنبي پکيءَ واننگر هڪ ڏينهن هڪ ڍنڍ جي هن ڪناري تہ ٻئي ڏينهن ٻي ڪناري ائين انهن جون راهون. انهن جون منزلون ۽ نڪاٽا متجندا رهن ٿا. چاجي خلع چاجي طلاق جڏهن رشتا ناتا هوائن جي گهوڙن تي راه هلندي ٻڌجن ٿا تہ انهن جي تنڻ جو ڪين ڪو ڏک يا ڪو ارمان نٿو ٿئي.

بس صبح جو سوٽ ڪيس ۾ هٿ هڪ ڪراسنگ ڪان ٻي ڪراسنگ ۽ هڪ ڪاندو ڪان ٻي ڪاندو تائين سفر طئي ڪرڻ سان هڪ نئون ڪمرو، هڪ نئون بواءِ فرينڊ نئين زندگي مليو ٿي وڃي وري نيون خوشبو وري نوان ميلا، وري نيون ياريون قائم ٿيو وڃن.

**

# من موجي ماڻهو

ڪجھ ڏينهن اڳ مونکي ٽورنٽو ڊائون ٽائون ۾ امگريشن ۽ رفيوجي بورڊ آفيس ۾ ڪنهن ڪم سانگي وڃڻ ٿيو. جنوري جي مهيني ۾ صبح جو ستين بجي تيارٿي اسان گيريزن ڪراسنگ اسٽريٽ پڪرنگ کان ڊائون ٽائون روانا ٿياسين. آفيس تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ کن جو رستو هو. هوم گوگل جو ٻڌايل گرمي پد مائينس پندرهن ڊگري اڄ مونکي مائنس ويهه محسوس ٿي رهيو هو. ٽورنٽو شهر جي برفيلي هوائن ۾ جن ۾ پنجن منٽن ۾ پاڻي برف ٿي جمي ويندو آهي. اهڙي رت جمائيندڙ موسم ۾ مون جهڙي ڪراچي جي معتدل فضائن ۾ رهڻ واري ماڻهو لاءِ اهو ممڪن نه هو ته کليل فضا ۾ اميگريشن بورڊ آفيس ٻاهران لڳل ماڻهن جي ڊگهي قطار ۾ اڌ ڪلاڪ کن بيهي سگهان. جيتوڻيڪ منهنجي پٽ فرحان گاڏي مان لهڻ کان اڳ ۾ چيو هو. ” بابا توهان گاڏي ۾ ويٺا هجو. جيستائين آفيس کلي ته پوءِ مان اوهان کي آفيس ۾ وٺي هلندس“ مگر سال کن ٽورنٽو ۾ رهندي مان پاڻ کي ٽورنٽو مين سمجهڻ لڳس ۽ سيءَ جي پرواهه نه ڪندي گاڏي مان لهي آفيس جي مين گيٽ تي لڳل قطار ۾ وڃي بيهي رهيس.

قطار ۾ لڳڻ کان اڳ مان اڻويهين صدي واري ڳاڙهي سرن واري بلند عمارت جي اڳيان جڏهن گذري رهيو هوس تڏهن منهنجي نظر عمارت جي ڪنڊ وٽ فٽ پاٿ تي سوڙين ۾ سٽل هڪ بي گهر ماڻهو تي پئي هئي. انوقت مان محو حيرت هوس ته هي خدا جو ٻانهو سڄي رات اتي سمهڻ ڪانپوءِ جيئرو ڪيئن آهي. مون سوچيو منهنجي جسم تي پاتل هڪ سوٽي گنجي آهي. ان جي مٿان سويٽر جنهن جي مٿان قميض وري قميض مٿان ڪوٽ ۽ ڪوٽ مٿان اوور ڪوٽ پاتل آهي ۽ هيٽ تي ليڳن ليڳن مٿان

گرم سوٽ ۾ پيرن ۾ تلها گرم جوراب. مگر فٽ پاٿ تي ستل من موجي ماڻهو جي جسم تي ڪي خاص ڪپڙا به نه هئا. هن شخص جي اهڙي سنگين ۾ ڪسمپرسي واري حالت ڏسي من ۾ خيال آيو ته پنهنجي سيل فون سان هن جي تصوير ڪڍان مگر منهنجي اهڙي خيال مٿان هي خيال غالب آيو ته هن فٽپيريءَ جي رهائشيءَ جي تصوير هن فلاحي رياست جي نقشي تي هڪ اڻوڻندڙ داغ معلوم ٿيندو. جنهن ڪي آئون به ڪنهن پر پسند نه ڪندس. ڏسجي ته اهڙا ماڻهو پنهنجي ملڪ  جي لاءِ شرم جو سبب بڻبا آهن. جنهن ملڪ جو سربراهه ڪووڊ موذي جي تباهڪارين جي اثرات ڪي محسوس ڪندي پنهنجي قوم کي دلداري ڏيندي چيو آهي. ته قوم جو ڪو به فرد ڪنهن قسم جو فڪر نه ڪري اسان هر حال ۾ هر مصيبت ۾ قوم سان گڏ بيٺا آهيون. ڳڻتي نه ڪريو حڪومت هر هڪ فرد جي ڪفالت ڪندي جيڪو هن موذي مرض وگهي متاثر ٿيندو. هونئن به دنيا ۾ ڪينيڊا هڪ اهڙي رياست آهي جنهن ۾ لاوارث. بي گهر ماڻهن ۾ مريضن جو گهڻو خيال رکيو ويندو آهي.

فٽپيري تي ستل هن بي گهر ماڻهو جي باري ۾ آئون هي ويچاري رهيو هوس ته هن شخص جو انٽرويو ڪجي ۽ معلوم ڪجي ته هي شخص ڪهڙي سبب ڪري اهڙي حالت ڪي پهتو آهي ۽ اهڙي هنڌ پيو پنهنجا پساو پورا پيو ڪري جتي ولهه ۾ سڄي ماڻهو مريو وڃي. منهنجي خيالن جو سلسلو ان وقت ٽٽو جڏهن منهنجي پٽ فرحان منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو. ”بابا هاڻي آفيس ڪلي وئي آهي“ .

پنهنجي ڪم ڪان واندو تي مان جڏهن بارهين لڳي ان پوت ناٿ جي پاسي ۾ بيهندي ڪيس ڪيڪاريندي چيو. ”هيلو مسٽر هائو آر يو“ هن وڏي بي نيازي سان وراڻيو. ”آءِ ايم گڊ“. مون هن شخص جي پرسان رکيل سندس ميراث تي هڪ نظر ڊوڙائي ته هن

جي ڄنگهن تي هڪ ڪمبل. هڪ سوڙ ۽ هڪ ڪاري رنگ جي پراڻي بيگ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو.

هن جي هيٺان زمين تي هڪ ڪاٺ جو تختو رکيل هو. جنهن تي هاڻي هو اٿي وينو هو. ۽ سندس ٻنهي هٿن جي قبضي ۾ ٿرم هارٽن جي ڪافي جو ڪپ هو جنهن مان هو مزي سان چسڪيون ڀري رهيو هو.

جڏهن هن جي حالت زار کي ڏسڻ لاءِ هن جي اجا ٿورو ويجهو ويس تہ مون محسوس ڪيو تہ جنهن ڪٽر جي ڄاري مٿان هن موجي ماڻهو جو ڪاٺ جو تختو رکيل آهي.تنهن جي هيٺان ٻاڦ جا گرم ڦوارا نڪري رهيا آهن. جنهن سبب هن جي ارد گرد جو ماحول مونکي هڪ گرم ڪمري جهڙو پئي لڳو. تڏهن مونکي وجي ڳالھ چيتي ۾ ويٺي تہ هن ڦهر جهڙي سردي ۾ هي من چلو ڪيئن بالم لڳو وينو آهي.

هن موجي ماڻهو جي زندگي جي حالات جي خيالن ۾ گم هيس تہ فرحان گاڏي اسٽارٽ ڪندي پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ چيو. ٿورڙو شهر جي پيڙ واري علاقي مان نڪري اسان ڊان ويلي ملز ڪان هائي وي تي چڙهياسين تہ مون فرحان کان معلوم ڪندي پڇيو. ”ڪيناڊا جي فلاحي رياست بي گهر ۽ لاوارث ماڻهڻ کي هر طرح جو تحفظ فراهم ڪندي آهي ۽ مفت ۾ اجهو مهيا ڪندي آهي. تہ پوءِ هي ماڻهو ڪهڙي سبب ڪري هن موتمار سردي ۾ فٽ پاٿ تي ڪريا پيا آهن“ فرحان ڪافي جو ڊڪ ڀريندي وراڻيو. ”بابا هنن بي گهر ماڻهن کي پناهگاهن ۾ پوليس زوري ڪٽي وجي وجهندي آهي. پر هي نياڳا اتان فرار ٿي وري هتي فٽ پاٿن تي انهن گرم ڪٽرن جي مٿان اچي ڪرندا آهن.“ مون فرحان کان وري سوال ڪيو. ”پلا هي موجي ائين ڇوٽا ڪن.“ هو وراڻيو. ”بابا سائين در حقيقت هي هن سماج جو هڪ نفسياتي ڪيس آهن.“ مون چيو.

”اهو وري پلا ڪيئن“ فرحان ڪولي ٻڌايو. ”بابا شهر جي فٽ پاٿن تي هي نياڳا سوال نہ ڪندي بہ چڱي ڀلي رقم جوڙي وٺندا آهن. هتان جا ماڻهو انهن کي مسڪين سمجهندي پيسا ڏيندا آهن. جنهن مان هي پنهنجي مرضي جو ڪاڙو ۽ نشو پتو ڪندا آهن. هتي هنن کي اها پڻ آزادي آهي. جڏهن وڻين سمهن ۽ جڏهن وڻين اٿن. هتي هي پنهنجي مرضي سان گهمي ڦري سگهن ٿا. هنن لاءِ هيءَ هڪ عيش جي زندگي آهي. مگر سرڪاري پناهہ گاهن ۾ نشو پتو ڪرڻ ۽ پنهنجي مرضي جو رلڻ پنڻ ڪونهي. تنهنڪري هيءَ فٽ پاٿ هنن جي جنت آهي“ مون فرحان کان پڇيو. ”پلا هي هتي ڪهڙو نشو ڪري سگهن ٿا.“ ”بابا سائين هي ڪينابس ايڊڪٽيڊ آهن“ مون چيو. ”اها ڪينابس وري ڪهڙي بلا آهي“ هو وراڻيو. ”ان بلا کي اسان جا سنڌي موالي ماڻهو جنت جي ٻوٽي چوندا آهن“ مان فرحان جو اشارو سمجهي ويس پر پوءِ بہ هن کان سوال ڪيم. ”ڇا هتي ڀنگ ملندي آهي“ هو وراڻيو. ”جي ها بابا هتي نہ رڳو ڀنگ ملندي آهي پر پوکبي بہ ججهي آهي. ۽ قانونن ان جو استعمال بہ جائز آهي“ مون سوال ڪيو. ”پلا ڀنگ هتي ڪهڙي فارم ۾ ملندي ۽ استعمال ٿيندي آهي“ فرحان چيو: ”بابا اسانجي ريسرچ مطابق ڀنگ هڪ سرور ۽ سڪون آور ٻوٽو آهي. تنهنڪري ان کي مريضن ۾ هڪ دوا طور استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ان سڪون بخشيندڙ دوا کي ڪو بہ فارميسي اسٽور تان خريد ڪري سگهي ٿو پر شرط اهو آهي. تہ ان جو استعمال ڪندڙ پاڻ کي خريد ڪرڻ کان اڳواٽ رجسٽر ڪرائي.“ مون سوال ڪندي چيو: ”پلا هنن فٽ پاٿين کي ڪير رجسٽر ڪندو.“ فرحان مسڪرائيندي وراڻيو. بابا پيسي سان هر مرض جي دوا مل سگهي ٿي.“

**

# فراق وطن جو قيدي

2017ع جي اونهاري جي موسم ۾ مسٽر انيس سان منهنجي پهرين ملاقات ٽورنٽو جي هڪ نيري پاڻي جي خوبصورت ڍنڍ مسڪوڪا تي ٿي. جتي پنهنجي ڪٽنب سان هو اچي اسانجي پڪنڪ ۾ شريڪ ٿيو هو. چند منٽن جي ملاقات ۾ هڪ ڪمال بي تڪلفي سان هن منهنجو توجه پنهنجي طرف ڪري ورتو. انيس جون دلچسپ ڳالهيون ۽ هن جو سنڌي زبان تي عبور ڏسي، مان ڪو پهر حيران هوس. ڍنڊ مسڪوڪا تي اسان جي ٽن ڏينهن جي پڪنڪ پارٽي جو پروگرام رٿيل هو. هتان جي حسين ترين فطرتي مناظر ۾ انيس سان منهنجي دوستي سان گڏ چڱي ڀلي بي تڪلفي ٿي وئي. اسان ٻئي بدقسمتي سان ڏندن ۽ مهارن جي ڪمزوري جو شڪار هئاسين تنهنڪري سندس گهر واري هن لاءِ نرم اقراتا. ملائم شامي ڪباب ۽ فروٽ ۾ ارجنٽينا جو نرم ۽ ماکي جهڙو منو هني ڊيو(گدرو) وغيره ڪٽي آئي هئي. منهنجي ننهن منهنجي پسند جا ميڪسيڪو جا لال پٽي وارا (گلاب خاص) انب، اسٽرابيري، ڊارڪ برائون امريڪن چيري ۽ ارجنٽينا جا مشهور ڪانٽلوپ (سائي رنگ جا منا رس ڀريا منا گدرا) ڪٽي آئي هئي. روز صبح جو يارهين بجي پاڻي ۾ تڙڳي انيس ۽ مان اچي ان فروٽ تي حملي آور ٿيندا هئاسين.

انيس ۽ منهنجي ياري ايتري قدر پڪي ٿي وئي جو همراه رات جو ٻه پنهنجي ڪمري مان ڪسڪي منهنجي ڪمري ۾ اچي رات جو دير تائين ڪچهري ڪندو هو. دل کي وڻندڙ هن جي خوبصورت انداز بيان ۾ جيڪي ڪهاڻيون ۽ قصا هوندا هئا انهن جي شروعات تقسيم هندوستان ۽ پاڪستان واري سال کان شروع

ٿيندي هئي. همراهه پنهنجي زندگي ٻاروتڻ کان ئي وڏي جهد ۽ جهاد سان گذاري هئي. مگر ساٺس لڳل هڪ ٽريجڊي اها هئي جو هن جي پنجهتر سالن جا طويل درد ڀريا داستان هن عمر ۾ سو ٻه دور ديش ڪينيڊا جي ملٽن ۽ هيملٽن وارن علائقن ۾ ٻڌڻ وارو سواءِ سنڌس گهر واري جي ڪو مشڪل ملندو هو. خوش قسمتي سان آئون سنڌس اباڻي شهر ڪراچي جو سو ٻه آرام باغ ۽ رتن تلاءِ جو رهاڪو پاڙيسري ملي ويو هوس. تنهن ڪري هو مونکي انگور جي جن وانگر چنبڙي ويو.

هڪ رات انيس ماني کان پوءِ ڊائننگ روم کان ئي منهنجي پويان هليو آيو. توڙي جو ڪٽي سمر سيزن هئي تڏهن ٻه رات جو درجي حرارت ڪڏهن ڇهن ۽ ڪڏهن اٺن تي وڃي بيهندو هو. آئون هتان جي موسم کي اجان سمجهڻ ۽ سهڻ جي لائق ڪو نه هوس تنهنڪري رات جو ٻئي سوڙيون پائي سمهندو هوس مگر هي همراهه پينٽ ۽ ننڍين ٻانهن واري شرٽ پاتل آرام ڪرسي تي ٽنگون ٽيڙي ويهي پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي شروع ڪري ڏيندو هو. ان رات مونکي ٽڏ ايترو اچي ورتو جو مون سوڙ ۾ منهن لڪائي هن جي جنم ڪٿا پئي ٻڌم. مونسان مخاطب ٿيندي انيس چيو، ”ياءَ غلام رسول 1947ع جي ڊسمبر واري مهيني اسان راجستان جي سرحد کان ميرپور خاص آياسين تنهن کان چند ڏينهن پوءِ ڪراچي شفٽ ٿي سعيد منزل جي سامهون رتن تلاءَ واري علائقي ۾ اچي رهياسين، ”مون چيوماس“.... يار آرام باغ ۾ رهڻ دوران مون رتن تلاءَ ۽ سعيد منزل توڙي رام سوامي پاڙن جي گهٽي گهٽي گهمي ڏٺي آهي. ڪراچي جا اهي پراڻا علاقه منهنجي پسند جا آهن. ”انيس پنهنجي قصي کي جوريندي چيو.“ منهنجي پيءُ کي پاڪستان نهڻ کان ٿورو اڳ 1942ع ۾ آرٿو ٽيڪنيشن جي جاء تي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ نوڪري ملي وئي هئي، ۽

ستت ئي ڪيس اسپتال جي سرونٽس ڪوارٽرس ۾ رهائش بہ ملي. ”هن ڳالھ کي جاري رکندي چيو“ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ منهنجو وڏو ياءَ ۽ مان انهن ڏينهن پنهنجي تعليمي حاصل ڪرڻ جي مرحلن ۾ لڳي وياسين. ”اتي مون ڪيس روڪيندي چيو“ ان ڳالھ کي ڌيان ۾ رکجائن تہ اڄ رات هڪ بجي ريڊيي تي طوفان جي اڳڪٿي ٿيل آهي. جي تنهنجو اهو قصو هڪ بجي پورو نہ ٿيو تہ پوءِ تون پنهنجي ڪمري ۾ وڃي نہ سگهندين، ”منهنجي اها چتاوڻي ٻڌي همراه چيو“ .... چڱو پلا باقي وري سياڻي. مون ڪيس پارٽ ڪئي تہ مهرباني ڪري دروازي جو اندران لاڪ پش بٽڻ دبائي وڃي.

پڪنڪ ڪان مهينو ڪن پوءِ اسان انيس جي دعوت ئي هيملٽن جا وڻ وڃي ڪنياسي، سندس فيملي پنهنجي گهر ٻاهران خوبصورت سائي چبر، ٽيولپ ۽ ٻين رنگ برنگي موسمي گلن سان سيگاريل لان ۾ اسانجي آجيان ڪئي. منجهند جي ماني ڪائي هٿ ڌوئي جڏهن واندا ٿياسين تہ گهر جي پاتين جي پري محفل مان انيس منهنجو هٿ جهلي پنهنجي خلوت خاني ۾ اهو چئي وٺي ويو. اڄ تہ مان توکي پنهنجي زندگي جو وڏو اثاثو ڏيکاريان. مان بہ هن جي دلچسپ ڳالهين ٻڌڻ جو ڪجھ شيدائي ٿي پيو هوس تنهنڪري ساڻس گڏ هليو ويس. ڪرسي تي وهاري مون کي چوڻ لڳو ڪمري جو ٽيمپريچر تنهنجي لاءِ سوٽ ايبل آهي. مون چيومانس ٻاوين جي بدران چوويھ ڪريس، همراھ ڪمري جو ٽيمپريچر سيٽ ڪري پرسان ٽيبل تي رکيل هڪ وڏو زپ فولڊر کوليو ۽ ان مان هر سائز جا سرٽيفڪيٽ ۽ قيمتي دستاويز ڪڍندو منهنجي پرسان رکيل ٽيبل تي ويو سٽيندو، تهان پوءِ هڪ هڪ سرٽيفڪيٽ، انجو شعبو، ادارو ۽ ان جي اهميت ۽ قدر ويو بيان ڪندو، چام شورو ميڊيڪل ڪاليج مان حاصل ڪيل سرٽيفڪيٽ، ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان حاصل ڪيل فزيو ٿريپي ٽيڪنيشن ۽

اليڪٽريشن جا سرٽيفڪيٽ، سعودي اريبيا مان فزيوراپي ۾ ٻين ڪارگذارين ۾ خدمتن جا رائل فيملي کان حاصل ڪيل ڪاٻارا، انهن تي لڳل نوٽ، صحيحون ۽ مهرون وڏي انهماڪ سان ويو مون کي چيڪ ڪرائيندو.

اهي فائيل سڀ ڏيکاري چيائين ”هاڻي مان توکي مردن جي ڪوپڙين کي کولڻ جو راز ٻڌائيان ٿو. مهرباني ڪري ڌيان سان ٻڌجو.“ هو هئو منهنجو ميزبان سو ٻہ ويجهو عزيز ۾ وري ڪراچي جو پاڙيسري، خير مون دل سان سندس ڳالهہ پئي ٻڌي، ٽيبل تان فائيلن ۾ ڪاغذن کي پاسيرو ڪندي ساعت ۾ ساهي پٽيندي چوڻ لڳو.

”سومرا صاحب سعيد منزل ڪراچي ۾ جڏهن اسان اچي رهياسي تڏهن اسانجا گهرو ۽ معاشي حالالت ڪجهہ نيڪ نہ هئا. جيئن جو تيئن ڪري مون پرائيويٽ طور ريجسٽريشن ڪرائي پرنس اسٽريٽ وٽ ميٽرو پولس مسلم هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. انهن ڏينهن آئون پنهنجي والد صاحب سان گڏجي سول اسپتال ويندو هوس. منهنجو والد صاحب مون کي هڪ اليڪٽريشن وٽ ڪم سکڻ لاءِ ڇڏي ڏيندو هو. اتان مون ڪجهہ ڪم پرايو، مگر منهنجو والد جنهن شعبي جو انچارج هو ان شعبي جي سموري ڪم کي مان سمجهي ويس ۾ پنهنجي ذاتي دلچسپي جي ڪري ان ڪم جي رازن کان پڻ چڱي طرح واقف ٿي ويس.“ ٿوري ساهي کڻي وري چوڻ لڳو. ”ها هڪ ڳالهہ وسري وئي.“ مون چيومانس ”ڪهڙي.“ وراڻيو ننڍي هوندي مان پاڙي جي گهٽين ۾ اجايو سجايو پيو رلندو وتندو هوس. اسانجي گهر کان ٻئي گهر ڇڏي هڪ سنڌي گهراڻو رهندو هو. ان گهر جي ڪراڙي مائي جيئن ئي مونکي فالتو گهمندي ڏسندي هئي تہ سڏ ڪري چوندي هئي .”او ڇوڪرا ڪاڏي ٿو وڃي هيڏي اچ،“ مان رڙهي

وجي ان مائي جي پر ۾ بيهي اردو ۾ چوندو هوس. ڪيا هئي. هوءَ چوندي هئي ”ماريو الائي ڇا ٿو چوي.اڇي هي اٿ آنا اٿي هن لوٽي ۾ ڇئي آني جو ڪير وٺي اچ ۽ ڇئي آني جا ٿوس.“ هن مون ڏي ڏسندي هلڪو مسڪرائيندي چيو. سامهون دودھ واري جو دڪان هو سو ان جي دڪان تي وجي چيم ”ادهر ڪوئي ڪير ڪي دڪان هئي ڪيا“ ... دڪان وارو سنڌي هيو ڪير جي ٽئي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ها هي آهي نہ ڪير.. بس ان ڏينهن مونکي سمجھ ۾ آيو تہ هتي دوده کي ڪير چئبو آهي. ٿورو رکي چوڻ لڳو، ”مان اڪثر انهن سنڌين جي گهر ايندو ويندو رهندو هوس ۽ مان ان گهر جي ياتين ڪان ڪافي قدر سنڌي ڳالهائڻ سکي ويس،“ ٿوري ساهي پريندي ڏک پري لهجي ۾ وري چوڻ لڳو سال ٻن بعد قضا الاهي جي والد صاحب جي وفات ٿي وئي، پيءُ ۽ تنهن ڪان ستت ئي والده جي مرڻ ڪان پوءِ زندگي اجا ڏکي ٿي پئي. وڏو ڀاءُ جنهن کي پنهنجا ٻار ٻچا بہ سنڀالڻا هئا تنهن مون ڪان وڌيڪ پنهنجن ٻچن تي توجہ ڏيڻ شروع ڪيو. اهڙي ريت منهنجي زندگي وئي ڏکي ٿيندي. ستت ئي پنهنجي زندگي جي اهڙن حالتن ڪان بيزار ٿي مان پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪو نئون دڳ تلاش ڪرڻ ۾ رجهي ويس، مگر انهن حالتن دوران مان گهڻو وياڪل رهندو هوس، هاسپيٽل بہ روزانو ويندو هوس بابا سائين جا هڏ ڏوکي دوست منهنجو گهڻو خيال رکندا هئا.

هڪ ڏينهن پرائيويٽ روم جي پيشينٽ مونکي سڏ ڪري چيو. ”چوڪرا هن روم جي پکي جي اسپيڊ جو ڪجھ ڪر مونکي گرمي ٿي لڳي.“ مون سندس ڪمري ۾ وجي پکي جي اسپيڊ تيز ڪري ڇڏي. جڏهن مان ڪمري ڪان ٻاهر وڃڻ لڳس تہ ان مريض چيو ٻن ٽن ڏينهن لاءِ منهنجو نوڪر پنهنجي ڳوٺ ٻچن جي سار لهڻ ويو آهي تون مونکي سنو چوڪرو ٿو لڳين تنهنڪري هتي

اڇي منهنجو ٿورو گهڻو خيال رکندو ڪر.“ ٿوري ساهي کڻي وري انيس ڳالهه کي جاري رکندي چيو. ”سومرا صاحب توکي سچي ڳالهه ٿو ٻڌايائن ته منهنجي دل ۾ هن مريض لاءِ ايڏي خداترسي جاڳي جو آئون پنهنجي ڪمن مان به وقت ڪڍي ان مريض جي وجي خدمت ڪندو هوس. هفتي کن کان پوءِ ڊسچارج ٿيڻ وقت هن پاڪر پائي مون کان موڪلايو ۽ ويندي ويندي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ منهنجي کيسي ۾ رکندي چيائين. مون وٽ دادو ضرور اچجائن. ائين چئي منهنجي هٿ ۾ سو جو نوٽ رکندي، هو پنهنجي اسٽڪ جي سهاري سان آهستي آهستي ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃي ٽيڪسي ۾ ويهي رهيو. ڪمري مان رهيل کهيل سامان کڻي سندس نوڪر مونکي الوداع چيو ۽ اهو به وڃي ڊرائيور سان گڏ وينو. جهٽ پلڪ ۾ ٽيڪسي منهنجي اکين اڳيان غائب ٿي وئي. ”ٽڏو ساهه پريندي وري انيس منهنجي اکين ۾ ڏسندي چيو ”سومرا صاحب ان زماني ۾ اهو سئو رپيو منهنجي ٻن مهينن جي پگهار برابر هو.“

اسانجي گهرو حالات ۾ ڪجھ وقت گذرڻ جي باوجود به ڪو سڌارو نه آيو. بس گهر گذاري لائق وڃي رهيو هو، پاءُ ۽ پاجائي جو سمورو خيال پنهنجي اولاد جي پالنا ۽ تعليم ڏانهن هو، پنهنجي گهر ۾ ئي مان پاڻ کي ويڳاڻو ۽ بي سهارا سمجهندو هوس. تنهنڪري هڪ ڏينهن مون خيال ڪيو ته پنهنجو غم غلط ڪرڻ لاءِ ان سخي مرد مريض جي ڳوٺان دادو مان گهمي ڦري اچان.“ ساهي کڻي وري انيس پنهنجي قصي کي جاري رکيو. مون به مروت ۾ کيس چيو ”ڳالهه ڪٿندي يا اجا هلندي.“

پنهنجي چهري تي مسڪان آڻيندي چوڻ لڳو. ”سومرا صاحب زندگيءَ جون ڳالهيون آهن زندگي جون اهي زندگي سان ڪٽنديون.“ مون چيومانس، ”ٻيلي انيس ائين نه ڪر يار اسانکي گهر به وڃڻو آهي. بس باقي ٿورو قصو آهي. ائين چئي هن پنهنجي

ڳالھ شروع ڪري ڏني.“ سومرا صاحب مون ڪينٽ اسٽيشن ڪان دادو تائين ريل جي سفر جا خوب مزا ورتا. جڏهن ريل دادو اسٽيشن تي پهتي تہ مان لهي وڃي چانھ جي اسٽال تي هڪ چانھ جو آرڊر ڪيو. چانھ جو ڪپ اڃا مون خالي مس ڪيو تہ هڪ پوليس وارو اچي مونکان پڇڻ لڳو.... ”ڪير آهين.“ مون ڪيس پنھنجو نالو ٻڌايو ۽ ڪيس اهو بہ ٻڌايو تہ مان هن ماڻهو سان ملڻ چاهيان ٿو. پوليس وارو مونکي پليٽ فارم جي هڪ پاسي وٺي ويو ۽ چوڻ لڳو هن ماڻهو ۾ تنھنجو ڪھڙو ڪم آهي.... پوليس واري کي مون ڪراچي سول اسپتال واري روئداد ٻڌائڻ شروع ڪئي. تيستائين هن منھنجي ڪيسن جي تلاشي وٺي منھنجا پئسا ڪڍي پنھنجي مٺ ۾ ڪيا. پوليس واري کي مون چيو تو منھنجا پئسا چو ڪڍيا آهن . وراڻيو چپ ڪر نہ تہ لاڪپ ۾ رڪائيندوسائن. ”ڏڪاري انداز ۾ انيس چيو“ مان هڪ غريب ۽ مائيٽي طبيعت جو ڇوڪرو هوس ۽ اهڙين حالتن کي ڏسي گھبرائجي ويس . پوليس وارو مونکي هڪ بينچ تي ويھاري پاڻ اسٽال تي وڃي چانھ بسڪيٽ کائڻ لڳو ۽ پنھنجي ڪرڙين اکين سان منھنجي مسلسل نگراني ڪندو رهيو.“

صبح جو ڇهين لڳي ڌاران لاڙڪاڻي کان ريل اچي پليٽ فارم تي بيٺي هن منھنجي کيسي ۾ ڏهين جو نوٽ وجهندي چيو وري هيڏي دادو جو منهن نہ ڪجائن. سومرا صاحب صبح جا يارهين لڳي ريل جام شوري اسٽيش تي پهتي. جنهن پوليس واري جي حوالي مونکي ڪيو ويو هو ان چيو ڇوڪرا اٿي ڪڙو تي تنھنجي منزل بس ايستائين آهي. مان ان اسٽيشن تي لهي پيس. اسٽيشن جي آڳر ۾ نلڪو لڳو پيو هو جتان مون هٿ منهن ڌوئي ٻتي ڊڪ پاڻي جا پي اوسي پاسي جو جائزو وٺڻ لڳس. سامهون ڳاڙهي ۽ پيلي رنگ جي ڪاليج نما عمارتن کي ڏسي مون هڪ

راهگري کان معلوم ڪيم تہ اها ڪهڙي عمارت آهي. راهگير ٻڌايو تہ اهو لياقت ميڊيڪل ڪاليج آهي. مون بہ هم نہ ڪئي تم ڪاليج ڏانهن رخ رکيو. ”ساهي پٽيندي“ انيس ڳالھ کي اڳتي وڌائيندي چيو.“ ڪاليج پهچي مون ڪينٽين مان ڪيڪ پيس ۽ چانهن سان پنهنجو پيٽ پري پرسان وينل شاگردن کان معلوم ڪيم تہ پرنسپل آفيس ڪهڙي پاسي آهي. شاگردن مونکي پيرن کان مٿي تائين تڪيندي چيو ”پرنسپل ۾ تنهنجو وري ڪهڙو ڪم.“ مون کين چيو. ”مونکي نوڪري جي ضرورت آ.“ هڪ شاگرد چيو ”هتي وري توکي ڪهڙي نوڪري ملندي.“ مون ڪيس وراڻيو ”ڪوشش ڪرڻ ۽ قسمت آزمائڻ ۾ ڇاهي.“ هڪ شاگرد ٻئي کي چيو ڀائو وڃ وڃي پرنسپل سان ملاقات ڪرائيس. جيڪو شاگرد مونسان گڏ اڳيرو ٿيو ان صلاح ڏيندي چيو تہ نوڪري لاءِ تون پهريان سپرنٽيندينٽ صاحب سان مل اهو شايد توکي ڪنهن جاءِ تي رکي. مون ڪيس وراڻيو بهتر تنهنجي مهرباني. ٿورو ساهہ کڻي انيس چوڻ لڳو. سپرنٽنڊينٽ صاحب جي آفيس ۾ داخل ٿي مون سامهون وڏي ٽيبل پرسان ڪرسي تي وينل آفيسر کي نماٽائپ سان سلام ڪيم. مونتي نگاهہ وجهندي صاحب چيو ”ڪير آهين.“ مون چيومانس ”سائين نوڪري جو گهرجائو آهيان.“ اهو ٻڌي آفيسر چيو. ”تون هتي ڇا ڪندين“... چيومانس... ”سائيجن جيڪو ڪم چوندا اهو ڪندس.“ ”پڙهيل ڇا آهين“... ”ميٽرڪ پاس آهيان ۽ بجلي جو ڪم بہ ڄاڻان.“ آفيسر وراڻيو... ”ليبارٽري ۾ چند ڦوڪ جي جاءِ آهي ڪم ڪندين.“ مون چيومانس ”جي سائين ڪندم.“

سپرنٽيندينٽ صاحب جي مهرباني سان ٻن ڏينهن اندر مون کي زولاجيڪل ليب ۾ ٽيبلن ۽ ڪرسين جي صفائي جي ڪم تي لڳايو ويو.“ انيس جون ڳالهيون ٻڌي مون کي خوشي ٿي تہ ڪيس نوڪري ملي ۽ هاڻي هو ضرور قصي کي جلد اختتام پذير ڪندو.

مون ڪرسي تي پاسا ڦيرائيندي ڪندي ڪيس چيو ”پلا هاڻي باقي بي چڪر ۾.“ هن وراڻيو .... ”اجا اصل ڳالهه ته هاڻي شروع ٿيندي.“ ٿورو رڪي چوڻ لڳو ”زندگي آ سومرا صاحب زندگي. سومرا صاحب ليب ۾ ڪجهه ڏينهن ڪم ڪندي گذريا ته ليب جو هڪ اهم اليڪٽريڪل ڊوائس ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. آفيس ۾ ان ڊوائس جي ڪارآمد ٿيڻ ۽ مينٽيننس تي جيڪا رقم ۽ ٻاهراين ملڪ مان پرزا گهرائڻ جي بجيٽ ايلوڪيٽ پئي ڪرائي وئي سا هزارن ۾ هئي. مون وجهه وٺي سپرينٽينڊينٽ صاحب کي چيو ته اهو ڊوائس مان ٺيڪ ڪري ويندس رڳو ٻئي سو رپيا لڳندا.“ اها ٻڌي آفيسر مونکي پرنسپل جي اڳيان وٺي وجي بيهاريو. پرنسپل آفيسر کي چيو ”هي ڪير آ.“ آفيسر چيس ته ”اليڪٽريشن آهي مگر ليباريٽري ۾ ڪم ڪندو آهي دعويٰ ٿو ڪري ته ليباريٽري جو خراب ڊوائس ٻئن سون ۾ ٺيڪ ڪري ويندو.“ پرنسپل چيو ”ڇا توکي ان ڊوائس کي صحيح ڪرڻ جو تجربو آهي.“ مون وراڻيو ”سائين ڊوميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ مون ڪجهه سال ڪم ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو ڊوائس کي رڳو مينٽيننس جي ضرورت آهي.“ اهو ٻڌي پرنسپل چيو. ”جي ڊوائس وڌيڪ خراب ٿيو ته نوڪري مان ڪڍي ڇڏيندوسائن.“ مون ڪيس وراڻيو ”پلي سائين مون کي منظور آهي.“ سندس اها ڳالهه ٻڌي منهنجي ٻه انيس جي ڳالهين ۾ وئي دلچسپي وڌندي. مون چيومانس پوءِ ڇا ٿيو. هو وراڻيو مون پنهنجي آفيسر کي چيو. مون کي گهربل ٽول ۽ هڪ هيلپر ڏنو وڃي.... ”مون چيومانس ڳالهه اڳتي ڪر“..... ”چيائين“ مون پوري ڊوائيس کي کولي چڪاسيو ته ڊوائس ڪجهه وقت کان گهم جو شڪار رهيو آهي تنهنڪري ان جي وائر جا ڪنيڪشن گهٽي پاڳي ڍلا ٿي پيا آهن. ڊوائس ۾ اندر گهٽي دز ڄمڻ جي ڪري ٻه ان جي تارن کي نقصان پهتو آهي. هوور سان دز مٽي صاف ڪري تمام ڪنيڪشن

جي تارن کي صاف اجرو ڪري ۽ چڱي طرح ٽائٽ ڪري. مون ڊوائز کي هڪ ڏينهن اس تي سوڪهڙو ڏئي ٻي ڏينهن اسٽارٽ ڪيم تہ ان برابر پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪرڻ ڏنو.“ مون انيس کي چيو ”توکي ڪو انعام اڪرام مليو.“ ڪلندي چيائين ”مونکي ليبارٽري اسٽنٽ جي عهدي تي رکيو ويو ۽ رهائش لاءِ هڪ ڪمري وارو ڪوارٽر پڻ مليو ٿورو رکي چيائين، ”منهنجي لاءِ اهوئي ڪافي هو.“

ڪرسي تان اٿندي مون انيس کي چيو ”چڱو ٿيو پرديس ۾ ننڍي عمر ۾ توکي پڪي سرڪاري نوڪري ملي وئي.“ ”سومرا صاحب اجا ڳالهہ ڪاٿي ڪٿي آهي“. مون چيومانس ”باقي ڇا رهيو.“ هو وراڻيو. ”توهان ويهو تہ ڳالهہ پوري ڪيان.“ سومرا صاحب ان وچ ۾ پرڪٽيڪل لاءِ ڪاليج کي انساني کوپڙين کي کولڻ جي ضرورت هئي. جيڪي اڳ۾ ٻاهران ڪلي اينديون هيون. مون پڇيومانس، ٻاهران ڪٿان. چيائين يورپي ملڪن ۽ آمريڪا مان آرڊر ڏئي ڪليل کوپڙيون گهرائيون پونديون هيون. مگر ڊوميڊيڪل ڪاليج ۾ ديسي طريقي سان کوپڙين کي کولڻ جو اهو فن مون پنهنجي والد صاحب جي آرٿوپيڊڪ ٽيڪنيڪل ٽيم کان لڪي چوريءَ سکيو هو.

تنهنڪري پرنسپل صاحب کي مون عرض ڪيو ٻاهران ڪليل کوپڙيون نہ گهرايو. توهان مونکي پندرهن ويهہ کوپڙيون فراهم ڪريو جن کي مان ڇئن پنجن ڏينهن ۾ کولي ڏيندس“..... پرنسپل مسڪرائيندي چيو ”ڇورا تون کهڙا کهڙا ڪم ڪندو آهين.“ مون وراڻيومانس بس سائين اهو ئي ڪجهہ ٿورو گهڻو ڄاڻندو آهيان“... پرنسپل چيو ”ڪيئن کوليندين.“ وراڻومانس ”سائين اهو ڪم منهنجو آهي مونکي گهربل سامان ۽ ٻہ هيلپر ڪم لاءِ ملن تہ مان توهان کي کوپڙيون کولي ڏيندس.“

انيس جي اهڙي دعويٰ تي مونکي به پورو ويساهه نه پيو بيهي.مان پاڻ هن جي اهڙي قسم جي ڳالهن کي ڊيل بازي پئي ڄاتو. بهر حال ڳالهه دلچسپ مرحلي ۾ وڃي داخل ٿي هئي. سو مونکي توڙ تائين ٻڌڻي پئي. مون انيس کي چيو. "ها پوءِ ڇا رزلٽ نڪتو." ورڻيائين "سومرا صاحب ٻئي ڏينهن به ڪم وارا ڇوڪرا ۽ گهربل سامان به مليو. مون ڏينهن جو انهن انساني کوپڙين کي ڌوئرائي صاف ڪرائي ليبارٽري جي هڪ ڪمري ۾ رکي ڇڏيو. ساڳي رات جو ماني کائي جهٽ پلڪ آرام ڪري سامان مان ڇٽا ڪڍيا ۽ انهن کي پاڻي ۾ ڇاڇولي ٺاهي ڪري کوپڙين ۾ پري هڪ پاسي لاک سان سيل ڪري ڍڪي رکي ڇڏيم." مون چيومانس "پوءِ ڪڏهن اهي انساني کوپڙيون کليون. وراڻيائين "اهو وڏي ڏيرج وارو پروسيس آهي ۽ ڇئن ڏينهن ۾ اڪثر اهي کلي پونديون آهن." مون پڇيومانس "ڪاميابي جو ريشو ڇا رهيو." هن چيو "ڇٽا آهستي آهستي ڦندبندا ويا ۽ کوپڙين جي جوڙن تي ويا دٻاء وجهندا نيٺ انهن کي پنهنجن قدرتي حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائون ۽ ڪاميابي جو ريشو وڃي سئو سيڪڙو بيٺو." ٿورو رکي مسڪرائيندي چيائين انهن ٻن ڪمن جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ اهي ڏينهن اهي شينهن. "مان چيومانس مطلب." وراڻيائين "بس وري ڪراچي جي سڪ لڳي ۽ پوئتي هليو آيس...." مون چيو "شڪر الحمد الله ".. "سومرا سائين مگر ڳالهه اڃان پوري نه ٿي آهي باقي توهان مونکي اڌ ڪلاڪ ڏيو ته مان پنهنجي جدو جهد واري زندگي جي هڪ اهم باب جو به ذڪر ڪري ڇڏيان." مون به دل ۾ چيو هيملٽن ۾ سوين ڪلوميٽرن جي ڊگهي مسافت ڪري آيا آهيون سو سنگت جي زندگي جي هن اهم باب کي به ٻڌي ڇڏجي.....

مون چيو مانس ”ها سائين بسم الله.“ ٽيبل تي رکيل ڪينيڊا ڊراءِ جي جنجريل ڊرنڪ جو ڪين خالي ڪندي انيس چوڻ شروع ڪيو . ”سومراصاحب منهنجي پيرن ۾ خارش آهي سو مان هڪ هنڌ ٽڪي نہ سگهندو آهيان“..... مون پوڇڻ ۾ چيومانس ”۽ هٿن ۾؟“ وراڻيو ”هٿن ۾ بہ خارش آهي هڪ پاسي کان پئسو پيو ايندو ۽ ٻئي پاسي کان ويندو خرچ ٿيندو.“ ”چڱو يلا ڳالھ کي ختم ڪريو.... “ چيائين ”ڪراچي ۾ رهي مون فزيوٿراپي ٽيڪنيشن جي مڪمل ٽريننگ حاصل ڪئي. تنهن کان ڪجھ وقت پوءِ سعودي عرب رائل فيملي جي آفر تي فزيوٿراپسٽ جي حيثيت ۾ اتي وڃي جوائن ڪيم.“ ”مسڪرائيندي چوڻ لڳو اتي مون شهزادن جي وڏي فنڪاري سان خدمت ڪري انهن جو قرب حاصل ڪيو.“ مون چيومانس ”يار انيس هاڻي ڳالھ کي ڪٿاء....“ چيائين ”سومرا صاحب سعودي ۾ مان زندگي جو چڱو حصو رهي ڪروڙين بہ ڪمايم ۽ وڏي سکي زندگي بہ گذاريم.“ مون ڳالھ کي ڪٿائيندي ڪيس چيو ”پوءِ تون ڪينيڊا ڪيئن آئين.“ وراڻيو هڪ دوست جي آڇ تي هتي اچي مون پنهنجي ڪمايل دولت کي دوست جي ڪمپني ۾ پارٽنرشپ ۾ سيڙپ ڪئي. مون چيومانس پوءِ نتيجو ڇا ٿيو. منهن تي هلڪي مسڪان سان گڏ هڪ سرد آہ ڀريندي چيائين ”دوست ڌوڪو ڏنو ۽ منهنجي سعودي عرب مان ڪمايل سڄي ڪمائي ڪٽ ٿي وئي.....“ چيومانس ”هاڻي ماشاءَ الله خوش آهين. ٽيبل تي پڪڙيل سرٽيفڪيٽن کي زپ لاڪ بيگ ۾ وجهندي چيائين“ بہ شاديون ڪيم هي گھر پنهنجو آهي شڪر آ رب سائين جو هاڻي جتي رکي جهڙو رکي ’وتعزمن تشاءُ وتُذل من تشاءُ‘. مون چيومانس ”يلا هاڻي هٿن پيرن جي خارش ۾ شانتي آهي ڪن آهي ڪجھ؟“ مسڪرائيندي چيائين ”اهو قصو وري ٻي ڀيري“.

آئون 2019ع واري سمر سيزن انجواءِ ڪرڻ لاءِ مئي واري مهيني ۾ وري ڪينيڊا وڃي نڪتس. سيزن جي شروعات ۾ ئي اسان ڊنڊي جي پڪين وانگر نياگرا فال، ڊنڊي اونٽاريو جا اوسا پاسا ۽ ڊنڊي سمڪو جي پاٽين تي لامارا ڏيڻ شروع ڪياسين. جون جي پوئين هفتي ڊنڊي سمڪو تي اسان جي وڏي پيماني تي فيملي پڪنڪ رکيل هئي. هن پڪنڪ دوران به منهنجي ملاقات انيس سان ٿي. مونکي وڏي قرب سان هٿ پڪڙي پاٽي ۾ ترندڙ حسين گوز (ڪونج جيڏا ولرن ۾ هلندڙ پکي) جي ولر ڏانهن ڇڪي وٺي ويو ۽ وڃي هڪ بينچ تي ويهاريائين. جهٽ پلڪ حال احوال اوري مونکي وري پنهنجي زندگي جي سفر جي شروعات 1948- 1947ع کان انهيءَ ساڳوٽي انداز ۾ بيان ڪرڻ شروع ڪيائين. منهنجو ساٽس دوستي سان گڏ مائٽاٽو تعلق اهڙو هو جو مون ڊنڊي جي خوبصورت پکين کي به ويني ڏنو ۽ 1948ع جي هن جي ڪهاڻي پئي ٻڌي. منجهند جي ماني تي اسانجي ۽ انيس جي ڪهاڻي جي رسيس ٿي.

منهنجي نندي ساليءَ جي پٽ جي شادي مسي ساگا جي هڪ شادي هال ۾ هئي. ان شادي جي واقعي تي اسانجي وري ملاقات ٿي. مون انيس سان ڪلي آجيان ڪئي. هن به سني موٽ ڏني. جڏهن ڌم ڌڙاڪا ۽ ناچ گانا شروع ٿيا تڏهن مونکي هٿ کان وٺي اهو چئي آخري ٽيبل ڏانهن ڪنڊ ۾ وٺي ويو ۽ چيائين ”سومرا صاحب زندگي جا هي تماشا به گهڻا ڏٺا آهن. اڄ ته پنهنجي ديس جون ڳالهيون ڪيون ڪراچي نيٽي جيٽي پل تي سج لهڻ جا خوبصورت منظر ۽ جام شوري جي حسين ماحول ۾ اڪين ۾ نند آٽيندڙ روح پرور هوائن جون ڳالهيون ڪيون.“ ٿورو ٿڌڙو ساهه کڻندي چيائين، 1948- 1947ع واري زماني ۾ جڏهن اسان ڪراچي ۾ هئاسين تڏهن ڪراچي جي روڊن رستن جي صفائي ڏسي مون کي لڳندو هو ته،

هي ڪو ولايت جو شهر آهي. ”مون چيومانس“ يار هاٿي ماني لڳي چڪي آهي هل ته هلي پهريون حملو ڪيون. “

انيس سان ڪيترن ملاقاتن جي تجربي ڪان پوءِ مون هن جي هن راز کي وجي سمجهيو ته دوست پنهنجي زندگي جي ساروٽين جي چار ۾ سو ٻه 1947ع ۾ هڪ لحاظ کان قيد ٿي چڪو آهي. جنهن مان شايد ئي ڪڏهن نڪري سگهي.

❊❊

# اڪيلائي جي گسن جا مسافر

پڪرنگ وادي جي هن واتا ورڻ ۾ اڻ ڳڻيون خوبيون موجود آهن. آب و هوا ۾ توڙي فضا ۾ منفي سيڪڙو گدلاڻ آهي. نظرن ڪان ڪوه پري به وڻ ٽڻ ۽ شيون صاف پيون نظر اچن ٿيون. پاڪ صاف هوا ۾ صاف آڪسيجن جو تناسب ججهو ٿئي ٿو تنهنڪري جيڪو ساه کڄجي ٿو سو ڦڦڙن ۽ دل دماغ کي فرحت بخشي ٿو. پوري ملڪ جو پاڻي ڪينيڊا جي وڏين ڍنڍن ذريعي صفائي جي پلانٽن مان گذري گهرن ۾ اچي ٿو جنهن کي اسين بنا فلٽر مان گذاريندي براه راست نڪلن مان پيئون ٿا ۽ رڌ پچاءَ جي استعمال هيٺ آڻيون ٿا.

هتي ڇهه مهينا برف پوي ٿي ۽ سانوڻ ۾ گهاٽن ٻيلن جي هجڻ ڪري مسلسل موسم مينهوڳي واري رهي ٿي. جنهن ڪري سڄو ملڪ سائو لڳو پيو آهي. روزگار جي وسيلن جي موجودگي ڪري ۽ ويزا پاليسي بهتر هجڻ ڪري برطانوي ۽ فرينچ نسلن جي گاڏڙ حڪمراني هيٺ هلندڙ هن ملڪ ۾ تقريبن دنيا جي هر نسل ۽ رنگ جا ماڻهو رهن ٿا. منهنجي نظر ۾ ڪينيڊا دنيا ڀر جي انساني نسلن جو هڪ خوبصورت گلدستو ٿي پيو آهي. صبح جو جڏهن آئون پنهنجي نيم موجب باغ ۾ واڪ ڪرڻ ايندو آهيان ته گالف گرائونڊ تي رانديگرن جي پيڙ ڏسي زندگي کي جاڳندو ڏسي لطف ايندو آهي. رواجن گهڻن ماڻهن سان هيلو هاءِ ٿيندي آهي. اتان لنگهي جڏهن مان ڪريڪ سائيڊ پارڪ ۽ ساڪر گرائونڊ جي سائڊ واڪس تي ايندو آهيان ته مختلف قسم جي عجيب ۽ غريب قد ڪاٺ رنگ ۽ شڪلين جي ڪتن ۽ انهن جي مالڪياڻين ۽ مالڪن جون صورتون ڏسڻ لاءِ ملنديون آهن. مغرب ۾ ماڻهن جي ضروري

۽ سڀ کان وڌيڪ دلچسپ عادت ڪتو پالڻ آهي. هر نسل جو ڪينيڊين باشندو ڪتو پالي ٿو پر گوري نسل جي ماڻهن کي ڪتي سان خاص الخاص عشق آهي. اصلي ڪينيڊين جي گهر ۾ ڪتي کي گهر جو ڀاتي واري حيثيت حاصل آهي. هتان جي ثقافت موجب ڪتو ماڻهو جو يار، سنگي، ساٿي، اولاد ۽ هيرو- ڪيرو سڀ ڪجهه آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون محسوس ڪيو آهي ته پنهنجي ڄائي اولاد کان وڌيڪ هو ڪتي کي پنهنجو ساٿي ۽ دوست سمجهن ٿا. هتي ڪتي کي رڳو ووٽ ڏيڻ جو حق ڪونهي باقي ٻيا سڀ حق ان کي حاصل آهن. گرائونڊ ۾ مالڪن سان ڪتن جي محبت ۽ لڳاءَ کي ڏسي مان اهو اندازو لڳائيندو آهيان ته ڪتو انسان سان نه رڳو بي انتها پيار ڪري ٿو پر هو پنهنجي مالڪ جو هڪ بهترين وفادار ساٿي پڻ آهي.

روزانو صبح ۽ شام جا مالڪ ڪتن کي گهران ڪڍي باغن ۾ گهمائڻ اچن ٿا ته جيئن هو پنهنجي جسم کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ييچ ڊڪ واريون ڪٿرتون ۽ پوتي پيشاب ڪري فراغت حاصل ڪن. ڇاڪاڻ ته هتي گهرو پاليل ڪتا پنهنجي رهڻ واري جاءِ تي يا گهر ۾ ڪنهن قسم جو گند ناهن ڪندا. اهي هنن جون خصلتون ۽ عادتون هونديون آهن. هو پنهنجي گهر ڀاتين جي نيمن يا قائدن جي خلاف پنهنجي مرضي گهٽ ڪندا آهن. گهرن ۾ ڪتا ڊرائنگ روم ۽ مالڪن جي بيڊ بسترن تي ويهن ۽ سمهن ٿا. اوهان کي حيرت ٿيندي ته ڪيترا ڪتن جا مالڪ نئين توڙي پراڻي نسل سان تعلق رکندڙ پنهنجي دوست پالتو ڪتن کي پنهنجي هنڌ ۾ پاڻ سان گڏ سمهارن ٿا. هڪ لحاظ کان اها ڪتن جي خوش نصيبي ضرور ليکبي پر اها انهن مالڪن جي پڻ خوش نصيبي ليکي وڃي ٿي.

هتي جڏهن پنهنجو ڄائو اولاد جواني ماڻڻ جي لائق ٿيندو آهي اهو ڪنهن ڀاڱي پنهنجي وڏن کان ڪنارا ڪشي ڪري

پنهنجي زندگيءَ جا گس پنهنجي مرضي مطابق ونندو آهي. هتان جي سيڪيولر ۽ ترقي يافته معاشري جي سماجي مسئلن مان اهو هڪ وڏو مسئلو آهي. هڪ رخ به آهي ۽ هڪ الميو به آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته اهو هڪ سماجي ۽ معاشرتي ٽرينڊ آهي. مغربي زندگي جو هڪ ڏارو آهي.

مغربي معاشرو ڪتن جي وفاداري ۽ پيار جو وڏو قدردان ان ڪري ٿيو آهي جو هو پاڻ پنهنجي وڏن يعني پيءُ ماءُ جا اهڙا قدردان ناهن جيئن مشرق جا ماڻهون آهن. هتي مشرق و مغربي سماجن جي روين جي پيٽ ڪرڻ اسان جو موضوع ناهي. تنهن هوندي به هتان جي سماج جي روين تي ٻي اڪر لکڻ لاءِ دل چوي ٿي.

ڪتن جي پالنا واري عادت هتان جي معاشري جي ڪا نئين عادت ناهي پر نشاط ثانيا کان پوءِ جڏهن هتان جي انسان ترقي جي منزلن کيماديت جي تکي گهوڙي تي سوار ٿي تکيون ڊوڙون پري طئي ڪيو آهي اهو هڪ لحاظ کان ان ڊوڙ جو نتيجو آهي. مادي ترقي ڪندي، پهريون هتان جي سماج پنهنجي پراڻن خانداني رشتن وارن بنڌڻن کان آزادي حاصل ڪئي آهي. وري مغرب سرمائيداري نظام جي غلبي هيٺ جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو، تنهن هتان جي معاشي-سماجي ۽ اقتصادي روين ۾ وڏيون ڦيريون گهيريون آنديون.

مادي زندگي جي فلسفي جو بنياد ڇاڪاڻ ته رڳو مادي فڪر جي مادي قدرن ڏانهن انساني سماجن جو رخ موڙي ڇيو. تنهن ڪري جيترو گمڀيرتا ۽ سنجيدگي سان مغرب جو سماج ماديت جي فائدن ۽ اصولن جي پوئلڳي ڪندي اڳتي ترقي جون منزلون لتاڙيندو ويو اوترو پنهنجي سماجي قدرن کان پري ٿيندو ويو. نشاط ثانيا کان پوءِ ڪارخانيدار ۽ ڪارپوريٽ ازم گهڻ ناٽي ڪمائڻ ۽ ان سرمائي سان بينڪن جون واڳوئن جي وات جيڏيون

ٽجوڙيون پرجڻ ڪري عام ماڻهن جي گهرن جون ٽجوڙيون خالي ٿيڻ لڳيون.

سرمائيداري نظام جو اهو هڪ چقمقي متو رهيو آهي ته وڏي مڇي ننڍي مڇي کي ڳڙڪائي ويندي آهي. وڏو اصول ته پيسو پيسي کي ڇڪيندو آهي. هن سماج ۾ ته نهيو پر جتي جتي مغرب جو سرمائيداري نظام پهتو اتي جي ماڻهن جي گهرن ۾ رکيل ٽجوڙين جون رقمون گهرن مان نڪري بينڪاري نظام جي ڪرنگهي کي مضبوط ڪنديون رهيون. سرمائيداري نظام جي چانوري هيٺ هلندڙ بينڪاري نظام جا وڏن وڏن بنڪرن جيڏا وات کلي پيا. جن ۾ ذاتي لاڪرن جو ڌنڌو به شروع ٿي ويو. لاڪر سسٽم ته گهر جا زيور، املاڪن جا قانوني ملڪيتي دستاويز ۽ سڀ قيمتي شيون سماج جي سرندي وارن جي گهرن مان ڪڍي بينڪن ۾ آڻي ڪديا.

مذڪوره سماجي ۽ اقتصادي تبديلين جي ڪري نون سماجي لاڙن جنم ورتو. سرمائي جي هوس وڏي طبقاتي نظام کي جنم ڏيندي انيڪ پراڻن سماجي قدرن کي پامال ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ مغرب ۾ بادشاهتون. سلطنتون ۽ خانداني نظام زمين تي اچي پيا.

سماجي روين ۽ قدرن جي ڦيري سبب انساني مزاج ماديت جي تابع ٿي ويو. ڏوڪڙ ڪمائڻ ۽ ان کي جمع ڪري ان مان ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ ۽ ان مان پنهنجي حيات جون خوشيون تلاش ڪرڻ جو سفر طئي ڪرڻ دوران انسان پنهنجي عادتن مزاج ۽ فطرت کي ورڪو هالڪو ڪري ڇڏيو يعني هن ڪمائي جي پنيان پاڻ کي رات ڏينهن رجهائي ڇڏيو.

انسان جي ورڪو هالڪ ٿيڻ ڪري، هن جي سماجي زندگي جي اٿن ويهڻ ۽ فيملي لائف تي اگرا اثرات مرتب ٿيڻ لڳا. زال

ٻارن ۽ پنهنجي ويجهن عزيزن ۽ دوستن کي گهٽ وقت ڏيڻ ڪري انسان سماجي ٻنڌڻن کان دور ٿيندو ويو. اهڙن روين ڪري انسان پاڻ کي اڪيلو ڪندي تنهائي وارن ڏڳن جو مسافر ٿيندو ويو. سرمائيداري نظام جي ترقي يافته جهتن مان ڪارپوريٽ ازم هڪ نئين جهت جي صورت ۾ منهن ڪڍيو آهي. جنهن سماجي زندگي کي پهريان کان وڌيڪ نيون شڪليون ڏنيون آهن. جن انسان جي حياتي کي نون ڪالبن ۽ پنجوڙن ۾ قيد ڪرڻ شروع ڪيو آهي هاڻي انسان رب رب ڪردي اي جي جاءِ تي ڏوڪڙ ڏوڪڙ ڪردي اي ڪندو وتي ٿو.

هن فلسفي هيٺ دنيا جي ملڪن جا گهڻا ماڻهو گهٽي ناڻي ۽ پنهنجي مرضي مطابق عيش ۽ آرام جي زندگي گذارڻ لاءِ پنهنجن وڏڙن کي الوداع چئي، جي ايٽ ملڪن ۽ مشرق وسطا جي تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ڏانهن پئسو ڪمائڻ وڃن ٿا. ۽ مغربي سماج وارن روين تي هلي پنهنجي خانداني نظام کي متاثر ڪن ٿا. ڪينيڊا ۽ آمريڪا ۾ هاڻي مشرقي سماج جي رهاڪن کي ٻه ائين ڪتا ڏارڻا پوندا جيئن هتان جا گوري نسل جا ماڻهون سرمائيداري نظام جي پوئلڳي ڪندي پنهنجي سماجي خاندان واري نظام جي منڊپ کي ڪيرائي هڪ جوڙي تي مشتمل خاندان واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿيا آهن.

سرمائيداري نظام ۽ سيڪيولر سوچ گڏجي سماجي نظام ۽ انساني قدرن کي اجا ٻه وڌيڪ هاجو پهچايو آهي. جنهن هيٺ مغرب جنس مخالف جي بنا سماجي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجڻ جي زال مڙس وانگر گڏجي هڪ هنڌ تي سمهي زندگي گذارڻ وارن روين جنم ورتي مغرب جي رهي کهي خانداني نظام کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. هنن نون ٻنڌڻن جي ڪري هاڻي گهر ۾ هڪ ڪتي جي جاءِ تي ڪين ٻه ٻه ڪتا ڏارڻا پون ٿا. گرل فرينڊ جو ڪتو هڪ نسل جو ته وري

بواءِ فرينڊ جو ڪتو ٻئي نسل جو. نسلن جي ايڏي تقسيم اڳتي هلي ڪهڙا گل ڪلائيندي ان جي اندازي لڳائڻ جي لاءِ مستقبل جو منتظر رهڻو پئبو.

آئون ايورٿون ٽائون شپ جي گيريزن ڪراسنگ روڊ تي رهان ٿو. هتي ويهن گهرن جي سلسلي جون ڪيئن قطارون آهن سواءِ ٿورن ديسي ماڻهن جي گهرن ۾ ڪنهن جوڙي جا والدين رهن ٿا.

گوري نسل جي خانداني نظام جا نشان ته ڳولهيا پيي نٿا لين بس اتي ۾ لوڻ جي برابر مس نظر اچن ٿا. ٻه ٽي ڪراڙا ڏسندو آهيان جي صبح و شام ڪتن کي پو ڪرائڻ باغ ۾ وني ايندا آهن انهن سان شايد ڪتا ئي رهن ٿا پائنجي ٿو ته اولاد انهن کي ٻه ڇڏي وجي پنهنجا گهر وسايا آهن. اسان جي ڪابي ساڄي گهر ۾ رڳو جوان زال مڙس رهن ٿا. ڪابي کان اٺويهن گهرن تائين رڳو زال مڙس تي مشتمل جوڙا رهن ٿا. آخري گهر خيرن سان ديسي ڪراچي جي ماڻهن جو آهي جيڪي پنهنجن ٻچڙن سان رهندي خوشيون ماڻن ٿا.

وري سامهون واري لائن جي ويهن گهرن ۾ چار گهر ديسي ماڻهن جا آهن جن مان هڪ ۾ افغانستان جي فيملي ٻارن سان رهي ٿي ۽ هڪ ۾ ڪراچي جي فيملي هڪ پارتي ۽ هڪ چيني فيمليون اولاد سان گڏ مقيم آهن ۽ ٻن گهرن ۾ رڳو گورن جون فيمليون هڪ ٻه ٻار سان گڏ رهن ٿيون. چاليهن گهرن مان ڏهن ۾ ٻچڙيوال آهن باقي ٽيهن گهرن ۾ زال مڙس تي مشتمل هڪ هڪ خاندان آهي. انهن جي زال مڙس واري ٻنڌڻ کي جاچي ڏسبو ته ٻئي سيڪڙو مس ڪليسائي قانون مطابق رشتي ۾ ٻڌل هوندا.

بنيادي طور ڪيناڊا گورن جو ملڪ آهي کي صوبا ۽ ڪي شهر اهڙا آهن جن ۾ گورن جي واضح اڪثريت آهي. ٽي سگهي ٿو

تہ اتي فيملي سسٽم جو ريشو ۽ انگ اکر مختلف هجن. مون کي صحيح اسٽيٽڪس ۽ ڊيٽا جو علم ناهي. پر پوءِ بہ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ مغرب جي سيڪيولر سماجي نظام ۾ ڏوھہ ثواب جي ڪاٿن جا معيار اسان جي مذهبي ڪاٿن کان مختلف آهن. بادشاھہ جو حق بادشاھہ کي ڏيو ۽ خدا جو حق خدا کي ڏيو.

عيسائيت جو اهو مقولو تہ اهو ظاهر ڪري ٿو تہ چڱا ڪم ڪندي چندو ۽ خيرات خدا جي حوالي ڪيو ۽ سماجي زندگي پنهنجي مرضي سان بنا ڏوھہ ثواب جي ڪاٿي سان جيو ۽ زماني جي قائدن ۽ قانونن مطابق وقت جي حڪومت ۽ حڪمران کي پنهنجي ڪمائي مان ٽيڪس ڏيو الا الا خير صلا. هتي روشن خيالي يعني ريڊيڪل ازم ۽ سيڪيولر ازم جي اصولن کي آڏو رکي ڪيندين ماسواءِ عرب ۽ ڏکڻ ايشيائي مسلمانن جي يا ٻين نسلن جي پنهنجي پنهنجي زندگي گذارين ٿا.

وڌ ۾ وڌ عيسائي مذهبي ۽ انهن جا فرقا پنهنجن عقيدن موجب زندگي بسر ڪن ٿا. جن ۾ گھٽائي اهڙن جي ٿي ڏسجي جن جو متو مول آهي تہ ڏوھ پادري اڳيان قبوليو جنهن جي آڌار تي اوھان کي دنيا ۾ ئي ڪيل ڏوهن کان مڪتي ملي ويندي ۽ يسوع مسيح مصلوب ٿي خداوند کان توھان جا ڏوھہ اڳ ۾ ئي معاف ڪرائي ويو آهي.

اهڙي گھرگھلي قسم جي تصور سيڪيولر ازم ۽ لادينيت کي وڌي هٿي ڏني آهي. جنهن انسان ۾ بي خوفي جو عنصر پيدا ڪيو آهي. جنهن جا اثرات انسان جي سماجي زندگي ۽ سماجي روين تي مرتب ٿين ٿا. ڏوھہ ثواب جي حساب ڪتاب جو تصور گھرگھلو هجڻ ڪري. ماڻهو سيڪيولر ۽ لادين بڻجڻ ۾ دير نٿو ڪري.

اڄ مغربي معاشرو جن حدن کي ڇهي چڪو آهي تنهن هيٺ انسان جون سماجي حالتون ڇو نہ ڪيتريون بہ بهتر هجن پر سماج جي خانداني نظام جيڪي نوان رخ ۽ نيون شڪليون اختيار ڪيون آهن تن کي ڏسي مان هڪ مسلمان جي حيثيت سان پنهنجا ڪن پڪڙي اهو ورد ڪرڻ تي مجبور آهيان تہ الامان الامان.

❊❊

# اسان ائين سوچي بہ نٿا سگهون

صبح جو ائين لڳي ويلي پبلڪ اسڪول ۾ ٻارن کي ڇڏي آئون اسڪول جي گرائونڊ تي پري پري تائين وڇايل سائي ڇٻر واري چادر تان آهستي آهستي ٻرهانگون پريندو ميجر اوڪس روڊ جي ڪنڊ واري ولا کان لڙي گهر ڏانهن وڌيس تہ ولا جي ڪاٺ واري بائونڊري سان لڳاتار وائلڊ بلو بيري جي ٻوٽن ۾ بيشمار لڳل ٻيرن تي منهنجي نظر پئي. ولا جي ٻاهرين پاسي جيڪي بہ ڪارا ٻير گوشن ۾ لڏن پيا تن کي پٽڻ لاءِ دل سٽ ڏني . مون هيڏانهن هوڏانهن نهاري پڪ ڪئي تہ مونکي ڏسڻ وارو ڪوئي ڪونهي. آئون ائين اجان واجهائي رهيو هوس تہ منهنجي نظر هڪ پاني تي لکيل نوٽس تي پئي . جنهن تي تحرير ٿيل هو تہ ٻيرن جي چونڊ فري آهي. اهو ڏسي مونکي دلي اطمينان ٿيو تہ هاڻي انهن ڪارن ٻيرن کي بنا اجازت جي پٽي ڪائڻ رزق حلال آهي.

جهنگلي بلو بيري جي لذت ۽ ذائقو محسوس ڪرڻ لاءِ مون ٻوٽن مان ڏھ پندرهن ٻير پٽيا ۽ انهن کي چکي ڏندن جو چشڪو وٺي پنهنجي پاڙي ٺيرا ڪوٽا ڏانهن راهي ٿيس. روڊ ٽپي چونڪ جي ٻئي پاسي پهتس تہ ڪنڊ واري بنگلي جي اڳيان لان جي سائي ڇٻر جي وچ ۾ بيٺل ساون صوفن جي وڻ تي نگاھ پئي. جيڪو صوفن سان ٽمٽار لڳو پيو هو. وڻ جي هيٺان بيشمار صوف ڪريا پيا هئا ۽ وڻ جي پاڙ ۾ جيڪو چلهو نهيل هو تنهن ۾ پڻ ڍڳ صوفن جو پيو هو. مان اهو لقاءَ ڏسي ڪريل صوفن جي ماجرا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس تہ ايتري ۾ بنگلي جو دروازو کليو جنهن مان هڪ وچولي عمر جي خاتون نمودار ٿي. جيڪا مونکي ڪيڪار ڪندي. چوڌاري ڪريل صوفن جي چونڊ ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وئي ۽ جهٽ پلڪ ۾ پنهنجي ٽوڪري ڀري صوفن کي وڻ جي پاڙ ۾ اڇلائي ڇڏيو. مون اچرج ڀري نگاهن سان بيٺي اهو لقاءَ ڏٺو. جڏهن سمورا ڪريل صوف جمع ڪري ان

خاتون وڻ جي پاڙ ۾ ڪنا ڪيا. تڏهن مون ڪانئس سوال ڪندي چيو. ”مانواري توهان اهي ڪائڻ جي لائق صوف وڻ جي پاڙ ۾ ڇاڪاڻ رکيا“ هن وراڻيو: ”برادر هنن صوفن جي ڪالهه ڪان فري پڪنگ آهي. جيڪڏهن اوهان ڪي گهرجن ته روزانو هتان صوف پٽي ويندا ڪريو“ ائين چئي خاتون خانه وڻ مان به ٺاهوڪا پڪل صوف پٽي مونکي وٺڻ جو اشارو ڪيو. مون به به ٻرهانگون اڳتي وڌي سندس هٿن مان صوفن جو تحفو وٺندي مجتا طور شڪرگذاري جو اظهار ڪيو.

وڻ جي پاڙ ۾ گڏ ڪيل صوفن جي ڍڳ جي باري ۾ مون ٻيهر خاتون خانه ڪان سوال ڪيو. ”اوهان وڻ جي پاڙ ۾ هي صوف ڪهڙي مقصد لاءِ جمع ڪري رکيا آهن“ هن وراڻيو: ”پلو ٿي تنهنجو.... اهي ڪريل صوف ان وڻ جو حق آهي. ڏسو نه اهي صوف ڏي اهو ٿو اسان پيا ٿا ڪائون .پلي اهو به پنهنجي اپت مان ڪجھ حصو ڪائي. اهڙي طرح اهو به توانو رهندو ته اسان به ان جي آڌار توانا رهنداسين“ وڻ جي پاڙ ۾ جيڪي ڪريل صوف هئا تن مان ڪيترا مٽي ۾ ڳري ملي پاڻ جي صورت اختيار ڪري چڪا هئا.

ڪينيڊا ۾ رهندي مونکي هڪ فطري ۽ قيمتي ڄاڻ ملي ته هتان جي ماڻهن ۾ گهڻو ڪري اها به عادت آهي ته هو زمين مان پاڻ ڦٽي نڪرندڙ ميوي ۽ جهنگلي ميون جو استعمال گهٽ ڪندا آهن. بلڪ مارڪيٽ مان پنهنجي پسند سان خريد ڪري واپرائيندا آهن.

پنهنجي گهر اچي اڄ مون به ائين ڪيو. گهر جي بيڪيارڊ ۾ بيٺل صوفن. پامس. ( آلوچا) ۽ ناسپاتي جي وڻن مان هيٺ ڪريل ميوو گڏ ڪري وڻن جي پاڙن ۾ نهيل چلهن ۾ رکي انهن کي مٽي ماءُ جي حوالي ڪري ڇڏيو ته پل اهي به پنهنجي ميوي مان پنهنجو وت ۽ ست وڌائين.

**

# هيوي موٽر بائيڪ

ڪينيڊا ۾ رهندي مونکي هيوي موٽر بائيڪ جي اهميت، غائيت ۽ استعمال کي ڏسندي اچرج سان گڏ ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي جهڙي طرح ڪينيڊا ۾ يات ڪلب، گالف ڪلب، ريس ڪورس ڪلبس، سوئمنگ ڪلب عورتن ۽ مردن لاءِ اتان جي سماج ۽ ثقافت جو هڪ اهم ۽ ڪارائتو حصو آهن، تهڙي طرح هتي ڪينيڊا ۾ هيوي موٽر بائيڪر جا هيوي بائيڪ ڪلب پڻ مشهور ۽ مقبول آهن، جن ۾ مون مردن سان گڏ عورتون خاص ڪري نوجوان نسل جون ان ۾ گهڻي دلچسپي وٺندي ڏٺم. ٽورنٽو ۽ مونٽريال شهرن ۾ پراڻين گاڏين جي شوقينن جا هر هفتي ڪنهن کليل گرائونڊ تي پراڻين گاڏين کي شو ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ لاءِ ميلا لڳندا آهن، مگر هيوي موٽر بائيڪ جي شوقينن جا بلڪل نين بائيڪ جا گروپن جا گروپ ڪينيڊا جي شاهراهن تي تيز رفتار ۾ گاڏيون ڊوڙائيندي نظر ايندا آهن. منهنجي ڇاڪاڻ ته ٻالڪپڻي کان هيوي بائڪ سان دلچسپي رهي آهي، تنهنڪري ڪينيڊا ۾ نوجوان بائيڪر ۽ انهن جي گروپن جي ميلن کي ڏسڻ سان مونکي ڏاڍي خوشي ٿندي هئي. پڪرنگ ۾ اونٽاريو ڍنڍ جي ڪناري پررونق يات ڪلب ايريا جي شاهراه جي ننڍن گرائونڊن جي پاسن ۾ شام جو لڳندڙ هيوي موٽر بائيڪرس جي ميلن کي ڏسڻ لاءِ مان ۽ منهنجو فرزند ڊاڪٽر فرحان گڏجي ويندا هئاسين. انهن هيوي موٽر بائيڪرس جي اهڙين گڏجاڻين ۾ فرحان رڳو هارلي ڊيوڊسن جي پراڻن ۽ نين بائيڪن جي ماڊلس کي ڳولهيندو رهندو هو.

ويهين صدي جي شروعات ۾ جڏهن سائيڪلون آٽو جي روپ ۾ آيون تڏهن ورهاڱي کان اڳ هندوستان ۾ اهي ڦٽ ڦٽ يا ڦٽڦٽي سڏجڻ لڳيون. اڳتي هلي آهستي آهستي انهن جي اهميت ۽

شهرت ۾ واڌ ايندي وئي. پهرين عالمگير جنگ ۾ آمريڪا، جاپان، برطانيہ ۽ جرمني هيوي موٽر بائڪ کي جنگي مقصد تحت هڪ هٿيار طور استعمال ڪيو. ٻي مهاڀاري واري زماني تائين پهچڻ وقت جنگي جهازن ۽ آٽو موٽر گاڏين سان گڏ فٽ فٽ باقاعدي جنگي سازو سامان طور استعمال ڪئي وئي. ان زماني جي جنگين تي جيڪي فلمون ٺهيون انهن ۾ اسان جرمني جي هيوي موٽر بائيڪ ٽرمپ عام طور تي ان مقصد ۾ استعمال ٿيندي ڏٺي. ٽرمپ موٽر سائيڪل کي سائڊ ۾ هڪ اوپن ڪيريئر ڪيبن لڳائي ويندي هئي. ان ۾ ڊرائيو ڪندڙ فوجي سان هڪ ٻيو فوجي ساٿي گن بارود ۽ کائڻ پيئڻ جو سامان کڻي ويهي سگهندو هو. عالمي جنگن کان پوءِ هيوي موٽر بائيڪ جو جنگي استعمال گهٽ ٿيو. جنهن کان پوءِ جلدئي اها ڳري موٽر سائيڪل عام تکي سواري جي مقصد هيٺ لائٽ موٽر بائڪ جي صورت ۾ وئي عوام ۾ مقبول ٿيندي.

اسان جڏهن علي گوهر آباد ۾ رهندا هئاسين. تڏهن 1955ع ڌاري اسانجي پاڙي ۾ انصارين جو هڪ بروهي دوست ٽرمپ هيوي موٽر بائيڪ تي گهمڻ ايندو هو. جنهن جي بائيڪ کي ڏسڻ لاءِ مان اتي وڃي بيهندو هوس. ان زماني ۾ هڪ ٻي شايد SB ڪمپني جي ٺهيل هيوي موٽر بائيڪ ايمپائر سنيما روڊ تي ڪتابن جي دڪان تي هاءِ اسڪول جي استاد جي بيٺي هوندي هئي. ان بائيڪ تي استاد محترم جڏهن اتان پنهنجي سواري تي چڙهي روڊ تي مچي مارڪيٽ ڏانهن سڌ ڪندو هو تڏهن سندس شلوار هوا پرجڻ سبب ڦوڪجي ويندي هئي ۽ اهو مونکي ڏاڍو ٺلو ماڻهو پيو لڳندو هو.

مٿي لکي آيو آهيان تہ جڏهن منهنجو ڪيناڊا وڃڻ ٿيندو آهي تہ هيوي موٽر بائيڪ سان دلچسپي رکندڙ رائيڊرس جي

گروپن جون سائيڪلون. انهن جا ميڪ ۽ ڊزائنون. انهن جا ٽائر، ڪلر ۽ هارس پاور ۽ اسٽيڪر وغيره ڏسڻ لاءِ مختلف جاين تي لڳندڙ ميلا ڏسڻ لاءِ اسان ويندا آهيون. ان ڏس ۾ منهنجو ٻالڪپڻي جو شوق پنهنجي جاءِ تي، پر فرحان رسول جيڪو پاڻ سيڪنڊري اسڪولنگ ليول کان هيوي موٽر بائيڪ جون پنهنجي هٿن سان هوبهو ۽ خوبصورت تصويرون ٺاهيندو هو جي دلچسپي قابل ديد هونديون هيون. هو ڪار ڊرائيو ڪندي جڏهن ڪنهن هيوي موٽر بائيڪر کي پنهنجي مرر سائڊ ۾ ڏسندو آهي ته رڙڪري منهنجو توجہ ان پاسي ڇڪائيندو آهي. جيترو اتس هيوي موٽر بائيڪ جو ڪريز اوترو اتس پراڻين ۽ نين موٽر گاڏين جو ڪريز، مونکي خوشي ٿيندي آهي جڏهن ڪو نوجوان اهڙي قسم جي صحتمند سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندو آهي.

**

# ڪاري رنگ جي ٻلي

ڪيناڊي جي ماڻهن جي سنن گڻن جي تعريف ڪرڻ مان پنهنجو فرض سمجهان ٿو. اسانجي پاڙي ٽيراڪوٽا ۾ هڪ ڪاري رنگ ۽ نيري اکين واري پاليل ٻلي آهي. هيءَ ٻلي رات جو اڪثر ان وقت راتاها هڻڻ لاءِ پنهنجي گشت تي نڪرندي آهي. جڏهن ماڻهو پنهنجي خوابگاهن ۾ آرامي هوندا آهن.

هتي ڪيناڊا ۾ پاليل ٻلين جو ائين گهر گهٽيون نوسڻ ۽ ڪنهن جو ڪو نقصان ڪرڻ ڪو سهنجهو ڪم ناهي. ڇاڪاڻ ته پاليل جانور خاص ڪري پنهنجي گهرن ۾ نهيل ۽ رکيل ڪيبن، ڪڏين ۽ مخصوص ڪيل جاين ۾ رهڻ جا عادي هوندا آهن ۽ ڇڙواڳي جا گهڻو عادي نه هوندا آهن. جيئن اسانجي ڏکڻ ايشيائي ملڪن ۾ عام هوندو آهي پر هيءَ ڪاري رنگ جي ٻلي پنهنجي ڪڏي عادت جي ڪري رات جي پهر ۾ پنهنجي پاڙيسرين سان هاجان ڪندي وتندي آهي.

ڪيناڊا ۾ عام طور سمر سيزن ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت ماڻهو پنهنجا عام سليپر ۽ جتيون پنهنجي گهر جي صدر دروازي تي لاهي رکندا آهن. تيئين مون به پنهنجي چپل گهر جي ٻاهران لاهي رکي هئي. پنهنجي عادت کان مجبور اها ڪاري ٻلي پنهنجي رات واري گشت دوران منهنجي چپل جو هڪ پادر پنهنجي وات ۾ کڻي رفو چڪر ٿي وئي.

ٻلي جي اهڙي قسم جي ڪارواين جي مونکي اڳ ۾ ڪا خبر ڪانه هئي. نه هتي ڪا اهڙي بد فضيلتي ٻلي به رهندي آهي. جيڪا ماڻهن جا پادر کڻي وڃي پنهنجي گهر ۾ اسٽور ڪندي آهي. پنهنجي چپل جي هڪ پادر جي غائب ٿيڻ واري پريشاني کي هفتو کن گذري ويو، تڏهن مون پنهنجي ننهن کي ٻڌايو ته منهنجي چپل

جو هڪ پادر غائب آهي . تنهن تي هن وراڻيو: ”چاچا توهان جي وڄايل چپل جو پادر توهان کي ڏينهن ٻن ۾ ملي ويندو توهان فڪر نہ ڪريو“. مون وٽ هڪ ٻيو سليپر هو مون تنهن مان پئي ڪم هلايو.

سمر سيزن جي اڄوڪي دل لڀائيندڙ جهڙالي شام جو مان ميجر اوڪس روڊ لتاڙي ميجر اوڪس پارڪ جي هڪ هندوستاني ڪچهري باز پٽيلن ۽ گجراتين جي جٽي سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ نڪتس تہ ٽيرا ڪوٽا چونڪ جي وراڻي وٽ ليٽر باڪس جي پير ۾ گرائونڊ تي رکيل نيري ۽ سائي رنگ جي پلاسٽڪ ڪارٽن تي منهنجي نظر پئي جن مان هڪ ۾ مطالعو ڪيل ڪتاب. رسالا ۽ اخبارون رکيل هيون ۽ ان تي هڪ نوٽس لڳل هو تہ ڪو بہ هتان ڪتاب. رسالا ۽ اخبارون پاڻ سان پڙهڻ لاءِ کڻي وڃي سگهي ٿو. اهڙي طرح سائي رنگ جي ڪارٽن تي نوٽس لڳل هو ماڻهو پنهنجون وڄايل شيون پاڻ سان کڻي وڃن. مون وڄايل شين واري باڪس ۾ جهاتي پائي ڏٺو تہ ان ۾ منهنجي وڄايل چپل وارو پادر رکيل هو. جيڪو مون پلاسٽڪ شاپر ۾ وجهي پاڻ سان کنيو.

هتان جي سماج جي ماڻهن جي اهڙين سنين ۽ سهڻين عادتن ۽ سهڻن سماجي روين کي اسان ڪيترو نہ قدر جي نگاهہ سان ڏسنداسين تہ ماڻهن جي وڄايل شين کي انهن جي مالڪن تائين پهچائڻ جي ڪوشش وارو هنن جو جذبو ڪيتري قدرنہ تعريف جوڳو آهي.جڏهن تہ هتي ٽيراڪوٽا (پاڙي جو نالو) ۾ هر مذهب، رنگ، نسل ۽ زبان ڳالهائيندڙ ماڻهو رهائش پذير آهن ۽ سيني ۾ اهڙي قسم جي سماجي روين وارا جذبا موجود آهن.

**

# هاٽ باٿ

آچر جي ڏينهن گهر ۾ ننڍين وڏن سڀني کي موڪل هئي. اسان پنهنجي ٻارن کي ايجيڪس شهر جي صحت ۽ تندرستي جي بحالي واري مرڪز ڏانهن وٺي هليا وياسين.

ڪينيڊا ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن کي اڪثر اهڙن صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لاءِ اهڙن مرڪزن تي وٺي ويندا آهن ته جيئن هو جسماني ڪثرت ۽ ترڻ ۾ مهارت حاصل ڪن.

منهنجو هي پهريون ڀيرو هو جو آئون پنهنجي ٻارن سان صحت ۽ تندرستي جي مرڪز تي وڃڻ لاءِ حامي ڀري. ايجيڪس جي هن سينٽر تي پهچڻ وقت معلوم ٿيو ته سينٽر ته خاص ڪري رجسٽرڊ ميمبرن لاءِ مخصوس آهي پر تنهن هوندي به علاقي جا شهري ڏهاڙي جي بنياد تي في ادا ڪري سئمنگ پول استعمال ڪري سگهن ٿا.

اسان ٻارن کي ساڻ ڪري رجسٽريشن ڪائونٽر تي وياسين. اتان واندا ٿي پول جي لاڪر سيڪشن ۾ وياسين ته جيئن پنهنجي الاٽ ڪيل لاڪرس ۾ پنهنجا سيل فون. سليپر جوتا ۽ ڪپڙا وغيره محفوظ ڪري رکئون. ساڳئي جاءِ تان پول ۾ وڃڻ لاءِ سئمنگ ڪاسٽيوم پائي اسان وارمنگ روم ۾ داخل ٿياسين جتي غسل خانن جون قطارون لڳيون پيون هيون. انهن غسل خانن جي فوارن ۾ ننهن سوسڙي گرم پاڻي ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن قدر معمولي گرمائش مان گذارڻو هو. اهڙي عمل کان واندا ٿي اسان اڳتي سئمنگ پول جي ان ايريا ۾ داخل ٿياسين جنهن جي ويڪرائي هڪ فٽبال گرائونڊ جيتري هئي، ۽ مون جڏهن پول جي ڇت ڏانهن مٿي نهاريو ته ان جي اوچائي به مونکي پنجيتاليهه

پنجاهه فٽ ڪن پئي لڳي. ايڏو وڏو هي سئمنگ پول ٽن حصن ۾ ورهايل هو. هڪ حصو معمولي گرم پاڻي وارو. ٻيو حصو نيم گرم پاڻي وارو ۽ ٽيون حصو چڱو ڀلو گرم پاڻي وارو جيڪو وهنجڻ لاءِ قابل برداشت هو. حمام جو هي آخري حصو بيضوي شڪل ۾ هو جنهن کي جڪوزي( JACUZZI) سڏيو ويندو آهي. مگر پهريون اسان ڪلاڪ کن ننهن سوسڙي پاڻي واري پول ۾ خوب انجاءِ ڪيوسين. ان کان پوءِ ٻارن کي اتي ڇڏي فرحان مونکي اونهي پاڻي واري حصي ڏانهن وٺي ويو. مگر ان پول واري حصي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اسانکي ٻه ڏگهيون ڏاڪٽيون چڙهٽيون پيون. اهڙي مشقت ڪرڻ کانپوءِ مونکي هڪ هيوج قسم جي واٽر سلائيڊ مان گذرڻو پيو. جنهن وقت مونکي واٽر سلائيڊ ۾ وڃڻ جو سگنل مليو ته مان ان ڏانهن پنهنجا قدم وڌايا. هن عمر ۾ منهنجي لاء اهڙي قسم جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ڪو مناسب نه ٿي لڳو پر پوءِ ٻه الله تو آهر ڪندي ان چڪر ڏيندڙ سلائيڊ ۾ وڃي وينس. جڏهن سلائيڊ پنهنجي خوفناڪ رفتار سان مونکي ڦيريون گهيريون ۽ ور وڪڙ ڏيڻ شروع ڪيا ته بجاءِ مزي وٺڻ جي منهنجي مٿان خوف طاري ٿي ويو. ڇاڪاڻ جو واٽر سلائيڊ جي ورن ۽ وڪڙن جي ڦيراٽين مونکي اڌ مئو ڪري وڌو. اندروني حصي جي اوندهه ۾ اها ٻه خبر نٿي پئي ته هي سلائيڊ مونکي الائي ڪٿي ۽ ڪيتري اونهي پاڻي ۾ وڃي ڪيرائيندي. ڏهه منٽ کن سلائيڊ جي ان ڏانڊوڙ ۽ ولوڙ واري مشقت کي برداشت ڪرڻ کانپوء مان جنهن هنڌ وڃي ڪريم تنهن جاءِ تي اوترائي منٽ سانت سان ساهي پٽي پنهنجو ڇيتو جاءِ ڪري پوءِ ننهن سوسڙي پاڻي جي حد کان نڪري وڏيڪ گرم جڪوزي ۾ جسم کي سرس سيڪو ڏيڻ پهتس.

هي جڪوزي وارو حصو درحقيقت واٽرٿريپي جو مرڪز هو. بيضوي شڪل وارو هي پول اٽڪل ڇهن ماڻهن جي وهنجڻ لاءِ مخصوص هو. پول ۾ چار فٽ ڪن پاڻي اونهو هو. مگر پول جي پاسن ۾ لڳل تيز رفتار ڇڏيندڙ گرم ڦوارن وارو پاڻي ڇيلهه وارن حصن کي گرم پيو ڪري. جتي ڦوارا لڳل هئا اتي ٽائل جون بيضوي شڪل بينچون پول جي ديوار ۾ ڪتل هيون جن تي ويهڻ سان ماڻهو مڪمل آرام پيو محسوس ڪري سگهي. سئمنگ پول جي مڙني حصن ۾ بنا ڪنهن عمر جي حساب ڪتاب، جنس ۽ نسل جي امتياز جي غسل ۽ گرم پاڻي جو مساج ڪري سگهجي ٿو. اهو سمورو ماحول هتان جي سيڪيولر سماج جي ڪلچر جو هڪ حصو آهي. جنهن کي هتي معيوب نٿو ڀانتو وڃي. ۽ نئي وري هن سماج ۾ رهندڙ ماڻهو ان پاسي سوچن ٿا. مگر هتان جي گاڏڙ سماجي سيٽ اپ ۾ هر هڪ ماڻهو جي اها پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهي ته اهڙي سيڪيولر روايتن ۾ هن کي ڪهڙين سرگرمين ۾ حصو وٺڻو آهي، ڪهڙي پاسي وڃڻو آهي ۽ ڪهڙي پاسي وڃڻو ناهي.

بيضوي شڪل واري پول جي هن گرم پاڻي واري حصي ۾ جسماني ورزش ۽ واٽر ٿريپي دوران مڙئي اجنبي يا سنگت جا ماڻهو پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا رهندا آهن. ۽ اتي ڪو به ڪنهن سان پنهنجي پسند جي موضوع تي ويچارن جي ڏي وٺ ڪري سگهي ٿو مگر اهو سڀ ڪجهه سهڻي سياء ۽ ادب و آداب کي ملحوظ خاطر رکي ضرورت جي آڌار تي ٿي سگهي ٿو.

اهڙي طرح منهنجي لڪٽين ۾ پڻ اظهار جون حدون مقرر هونديون آهن جن جي مونکي پابندي ڪرڻي پوندي آهي

ڏيساور جي سماج ۽ ماحول تي ڪيترن سفرنامه نگارن جي مقابلي مان پنهنجي قلم جي نوڪ کي سنڀالي استعمال ڪندو

آهيان. منهنجي اها عادت هوندي آهي ته مان ٻئي ڪنهن جي جتي ۾ پير ڪونه وجهندو آهيان.

ايجيسڪس شهر جي هن صحت ۽ تندرستي جي بحالي جي مرڪز جي مڙني پولن ۾ تڙ پاڻي ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ اهڙي گرم ڪمري ۾ سئمرس پنهنجي جسم مان پگهر ڪڍڻ لاءِ ويندا آهن. جنهن کي هاٽ باٿ چئي سگهجي ٿو. هن قسم جي هاٽ باٿ وٺڻ دوران جسم جي سمورن پورن مان پگهر نڪري پوندو آهي. هن ڪمري ۾ ڪاٺ جون بينچون رکيل هونديون آهن. مگر ڪمري ۾ گرمي پد چڱو ڀلو چڙهيل هوندو آهي پر تنهن هوندي به برداشت جي قابل هوندو آهي ۽ اتي ماڻهوءَ کي هڪ قسم جو خاص سڪون ملندو آهي.

ڪاٺ واري گرم ڪمري ۾ منهنجي سامهون بينچ تي ويٺل سٺ واري ڏهاڪي کان چڙهيل خاتون منهنجي سيني تي CABG جا لڳل ٽاڪا ڏسي مونکان سوال ڪيو. "باءِ پاس"؟ مون ڪيس وراڻيو: "جي" هن وري پڇيو. "ڪڏهن ٿيو". مون وراڻيو "2001ع ۾" اهو ٻڌي خاتون جيڪا پنهنجي حقيقي عمر کان ويهارو سال ڪن گهٽ پئي لڳي تنهن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو. "هي جيڪو اوهان هاٽ باٿ وٺي رهيا آهيو. اهو جيڪڏهن مسلسل ڪو ماڻهو وٺندو رهي ته زندگي ۾ ڪيس ڪڏهن باءِ پاس جي نوبت ئي نه پوي."

مون خاتون جي مفت مشوري لاءِ شڪريو ادا ڪيو. اها خاتون جيڪا اوول شيپ پول ۾ وڏي مشقت سان ڪثرت ڪري رهي هئي، مان ان وقت هن جي سمارٽنيس جو اندازو لڳائي چڪو هوس. پر پوءِ به از راهِ شريڪ گفتگو ۽ معلومات مون ڪانس پڇيو. "توهان جي سمارٽنيس جو ڪهڙو راز ٿي سگهي ٿو". هڪ وڏو ٺهڪ ڏيندي هن مخاطب ٿيندي چيو" اهوئي جيڪو مون اڳ

اوهان کي ٻڌايو“ مون چيو ”پر پوءِ بہ“ وراڻيائين. ”گرم پاڻي ۾ هڪ ڪلاڪ ترڻ ۽ گرم ڪمري ۾ اڌ ڪلاڪ هاٿ باٿ وٺي پنهنجو بلڊ سرڪيوليشن بهتر ڪرڻ ۽ روزانو اڌ ڪلاڪ کلي فضا ۾ ڊڙڪي پرڻ.

بس اهوئي منهنجي صحت جو راز آهي“. اهو ٻڌي مان بينچ تان اٿيس ۽ پنهنجي نراڙ تان پگهر جون بوندون اگهندي خاتون کي باءِ چوندي ٻاهر نڪري ويس.

**

# گوهر ڏنم گودڙي ۾

آشوا ڪينيڊا جي صوبي اونٽاريو جو هڪ خوبصورت ۽ ڪشادو شهر آهي. شهر ايجيڪس کان ٿي اسان هن شهر ۾ داخل ٿيندا آهيون. هڪ وڏي چونڪ جي پرسان اسانجو گهر آهي جيڪو فنلينڊ کان آيل هڪ گهرجائو جوڙي کي في مهيني جي حساب سان ڪجهه رقم عيوض مسواڙ تي ڏنل آهي. ماهوار مسواڙ جا پيسا ته آن لائن ٽرانسميشن ذريعي اسان کي ملي ويندا آهن، پر منهنجي پٽ ڪينيڊا ۾ پنهنجي پرمننٽ ايڊريس ان گهر جي رکي آهي تنهنڪري مهيني ۾ ٻه ڦيرا پوسٽ جاچڻ لاءِ اسانکي آشوا شهر جي ياترا ڪرڻي پوندي آهي. هڪ ڏينهن اسان شهر جا پارڪس ۽ ٻنيون ٻارا گهمڻ وياسين. روڊ جي ٻنهي پاسي ٻنين ۾ مڪئي جو فصل تيار بيٺو هو جنهن جي هڪ مخصوص قسم جي خوشبو هر پاسي پکڙيل هئي.اسان گاڏي جهلي هڪ پاسي کان باغ ۾ گهرڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ڪاميابي ڪانه ٿي. ڪينيڊا ۾ زمينن جي حد بندي ڪرڻ لاءِ ڪي اوڏڪيون پٽيون ڪونه هونديون آهن سوين فرلانگن تائين ٻنين جي باروڊ لائن تي هڪ خاص قسم جا ٻوٽا پوکيل هوندا آهن جن جون لامون هڪ ٻئي سان ڳتجي هڪ ناقابل عبور ديوار ٺاهي ڇڏينديون آهن. انهن ساون ٻوٽن جي جهڳٽن جي پرسان اسان کي افريقي نسل جو هڪ همراه نظر آهيو جنهن جا بظاهر حالات بي گهر ماڻهن جهڙا پئي لڳا. هو ماڻهو طبعن مون کي پاڻ تياڳڻ واري خيال جو پئي لڳو منهنجي خيال ۾ اهڙا ڪجهه فقير طبع ماڻهو پنهنجي غريبي يا بدنصيبي کي ٻين کان پوشده رکي شهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ رهي لوڪان لڪي پنهنجي مقدر جا ڏينهن پيا گذاريندا آهن.

اسان سموري فيملي هن فقير جي ويجهو ٿي سندس اجازت سان حال احوال ونڻ شروع ڪيو هن بہ ڪلندي مسڪرائيندي اسان جي سوالن جا جواب پئي ڏنا. اسان جو گڏيل سوال هو تہ تون هت جهنگ ۾ ڇو وينو آهين ۽ ماني ٽڪي ڪاٿان پيو ڪائين. سندس چهري تي ڇانيل خوبصورت مسڪراهٽ ۾ هن جي اعتماد ۽ اطمينان ڪي ڏسي مان هن ڪان گهڻو متاثر ٿيس. ٿورو رڪي هو ساڳئي مسڪان پنهنجي لبن تي آڻيندي چيو، ”مان پنهنجي مرضي سان پيو رهان. ۽ مان هتي گهڻو خوش آهيان.“ مون ڪيس چيو ”ڪهڙي شئي آهي جيڪا توکي هتي خوش رکي ٿي؟“ هو پنهنجي اڳيان ٻرندڙ باهہ تي مڪئي جي سنگ جو پاسو مٽائيندي وراڻيو. ”مان هتي آرگينڪ شيون پنهنجي ٻاريل باهہ تي پچائي يا اوٻاري ڪائيندو آهيان.“ ڪاني سان ٽانڊن کي يڪجا ڪندي وري چوڻ لڳو . پاسي ۾ صوفن جا باغ آهن جتان مونکي صوف ملي ويندا آهن. اتي ويني ويني هن پنهنجي هڪ بيگ جي زپ کولي ۽ ٿرڪي پڪي جون بہ رانون ڪڍيون جن کي هن ٿورو لوڻ مرچ ڇڙڪي ٽانڊن تي سيڪڻ لاءِ رکيو. سندس اها ڪرت ڏسي اسان جي سوالن ڪرڻ جي اٽڻ وئي پئي وڌندي. اسانجا سوالن مٿان سوال هئا جن جا هن جوان ڪمال اطمينان سان جواب پئي ڏنا. هڪ پاسي رکيل هن جي هڪ ٻي گودڙي تي منهنجي نظر پئي جنهن جي زپ ڪليل هئي ۽ ان مان ڪجهہ ڪتابن جا ٽائيٽل ڪور پئي نظر آيا. مون ڪانئس معلوم ڪيو تہ ”هن بيگ ۾ ڇاهي؟“ چهري تي ساڳئي سهڻي مسڪراهٽ آڻيندي چيائين، ”هن ۾ منهنجي پسند جا ڪتاب آهن. جن جي مطالعي سان آئون پنهنجي دماغي غذا بہ پوري ڪندو آهيان ۽ پنهنجو من بہ وندرائيندو آهيان. سندس جواب مون کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون. جهٽ پل ۾ اسان فقير ڪان موڪلائي پنهنجي رستي تي ٿياسين.“ اڳتي هلي مون پنهنجي پٽ ڪان پڇيو

”يار خبر ڏي هتان جي فقرين ۽ بي گهر زندگي گذارڻ وارن ڪي بہ مطالعي جو ايڏو اونو رهي ٿو؟“ فرحان ٻڌايو ”بابا سائين اهو شعور آهي جيڪو ڪنهن ڪي مطالعي جي طلب ۾ قيد ڪري ٿو.“ فرحان وڌيڪ ٻڌايو تہ ”بابا سائين هي جنهن ڪي اوهان بي گهر فقير سمجهو ٿا منهنجي خيال ۾ ڪو فقير ناهي. هي نيچرلسٽ آهي. ۽ پنهنجي شخصي آزادي جو ڀرپور فائدو حاصل ڪندي. هي سماج کان ٽوري وڇوٽي ڪري پنهنجي روح کي هڪ قسم جي تسڪين پيو ڏئي. هن جو جيڪو ڪجهہ اسان حال ڏٺو سين اهو هڪ لحاظ کان هن جي راحت جو سامان آهي، ۽ بابا ٿي سگهي ٿو تہ جيڪي ڪجهہ اسان ڏٺوسين اها هن جي اصلي پرسنلٽي نہ هجي.“ مون چيو، ”اهو وري ڪيئن؟“ ”بابا هتي ماڻهون آفيسر هوندا آهن. ڪي وڏا جاگريدار هوندا آهن. ڪي وڏا واپاري پيسي وارا هوندا آهن اهي بہ نيچرلسٽ ٿيڻ لاءِ يا پرسنلٽي متائڻ جي شوق ۾ هر قسم جو روپ ڌاريندا ۽ سوانگ رچائيندا آهن. انهن جي اهڙي حال کان هنن جون زالون ۽ ٻار توڙي محڪمن وارا تعلقدار بہ بي خبر رهندا آهن . ويسٽ ۾ اها هڪ قسم جي روش يا هڪڙو شوق آهي.“ مونکي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي، پر پوءِ بہ هن فقير جي ڪتابن جي گوچانيءَ مونکي ڪو وقت متان طاري ٿيل سحر مان نڪرڻ جي وات ڪانہ ڏني.

**

# يارڪ ڊيل شاپنگ مال

ڊائون ٽائون ٽورنٽو کان موٽندي اسان کي ڪافي دير ٿي چڪي هئي. جنهن رستي کان اسان ڊان ويلي ۾ داخل ٿياسين تنهن رستي جي ٻنهي ڪنارن تي ديال ۽ ميپل جي وڻن جون قطار در قطارون اسان جي نظرن کي گهيرو ڪري رهيون هيون. پر ۾ ڊان درياء جي رت ڄمائيندڙ ٿڌي پاڻي تي راٻن پکين جي اڏام ڏسي دل اهڙي فطري ماحول ڏانهن هر هر ڇڪجي پئي وئي. اسان جڏهن ڪنهن ڊگهي سفر تي هوندا آهيون ته قدرتي طور ان وقت ماحول ۽ منظر به دلنشين هوندو آهي. اهڙي سمي فرحان ۽ مان سر ۽ لئي ۾ اچڻ ۾ دير نه ڪندا آهيون. فرحان مون کان ڇڱو ڳائي ڄاڻي. مون هڪ ڀيرو وري ڊان ويلي جي خوبصورتي تي نگاه وجهندي حميرا چنا جو ڳايل گانو جهونگارڻ شروع ڪيو. هيءَ حسين زندگي ائين گذري وئي. خواب هو يا هوا ڪا خبر ئي نه پئي.

اڄ ٽورنٽو ۾ پروموشن ڊي هو تنهنڪري ڊان ويلي روڊ تي گاڏين جي غير معمولي ٽريفڪ ڏسڻ ۾ پئي آئي ۽ گاڏي جي رفتار به هر هر وجي زيرو تي پئي بيٺي. قسمت سانگي جڏهن اسانکي ڇڱي وٿي ملي ته فرحان اوچتو پراڻي پل جي پاسي کان ڊان درياه جي ٻئي پاسي گاڏي کي موڙيندي چيو. ”بابا هلون ٿا آغاخان ميوزم ۽ اسماعيلي سينٽر ڏسڻ.“ مون چيومانس ته ”پهريون ٻارن سان ته صلاح ڪر.“ وراڻيو ”مڙئي خير آ بابا ٻارن جي به تفريح ٿيندي.“ آغاخان ميوزم ويندي مونکي ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ اسان ڊان ويلي مان گذري هڪ حسين پاڪستاني وادي ۾ پيا سير ڪريون. هن خوبصورت وادي جي رستن جي ٻنهي ڪنارن تي برف ڄمي پئي هئي. ڊگها ميپل ۽ پلتر جا وڻ مونکي بنا پنن جي

غريبن جي اگهاڙن ٻارن جيان پئي لڳا. انهن وڻن جي ٽارين تي پکين جي اڏيل آکيرن جو حال پڻ ساڳيو هو. مون سوال ڪندي فرحان کان پڇيو. ”ڊان رور جي ٻنهي ڪنارن تي جيڪي وڻ پئي ڏناسون تن جي اگهاڙين ٽارين ۾ ڪئين پکين جا سڪل آکيرا ٽنگيا پيا هئا پر پکي هڪ به نظر نہ پئي آيو؟“ هو وراڻيو ”بابا برفباري جي سيزن ۾ هتان جا اڪثر پکي ميڪسيڪو ۽ ڏکڻ آمريڪا جي معتدل علائقن ڏانهن هجرت ڪري هليا ويندا آهن.“ باقي رابن. جهرڪيون ۽ ابابيل جن جي اڏام ايتري سگهاري ناهي، اهي ماڻهن جي گهرن جي ڇتين جي ڪنڊن پاسن ۾ پنهنجا گهر ۽ آکيرا ٺاهي هتان جي سرد موسم سان منهن ڏئي ويندا آهن.“ ميوزم جي ويجهو پهچي آغا خان ڪميونٽي جي اسمائيلي سينٽر ۽ ميوزم جي شاندار لوڪيشن ۾ نهايت حسين منظر ڏسي دل خوشي تي وئي. نيري آسمان هيٺان نيري پيرامڊ شيپ ڊزائن تي نيري گنبد واري ڇت نهايت خوبصورت پئي لڳي. وري ميوزم جي عمارت جي ڇت هيٺان نيري زمين جي گولي کي وڏي آرٽ جي انداز سان ٽنگيل ڏسي وڏي حيرت اتپڻ ٿئي پئي. آغاخان اسماعيلي سينٽر جي ميوزم ۾ گرانقدر آرٽ ۽ ڪلچر سان گڏ انمول تاريخي نوادرات جو خزانو پڻ موجود آهي. عربي، ترڪي، پاڪستاني خاص ڪري آغاخاني انداز جي پرموٽ ڪيل جيوميٽريڪل ڊزائن جا نمونا جن تي سنڌي ڪاشي ڪاري فن جي ڇاپ نمايان نظر پئي آئي، سي سهڻن ۽ نفيس ڪٻاٽن ۽ شوڪيسن ۾ سجايل هئا. شيشي، چيني، چمڙي، نڪر، اوني ۽ سوٽي ڪپڙي تي جديد ۽ قديم دور جي ڪيليگرافي جا بي بها نمونا پڻ ميوزم جي زينت بڻيل هئا.

ان ڪانسواءِ ڪوفي، نستعليقي ۽ ٻين سهڻن خطن ۾ لکيل قديم ۽ جديد قرآن شريف جا انمول جلد پڻ رکيل هئا. آغا خان

اسمائيلي سينٽر ٽورنٽو کي ڏسڻ لاءِ وقت گهربل هو جيڪو اسان وٽ محدود هو. چاڪاڻ جو اسان سيني کي اها اُٽڻ هئي ته بليڪ فرائيڊي پروموشن ڊي اسان جي هٽان نه نڪري وڃي ۽ ساليانی لڳندڙ ان وڏي سيل مان فائدو وٺڻ کان اسان ڪٿي محروم نه رهجي وڃون. آغاخان ميوزيم جا مزا ماڻي اسان واپسي جو منهن ڪيوسين ۽ بليڪ فرائيڊي جي رونق ڏسڻ لاءِ يارڪ ڊيل مال جو رخ ڪيوسين.

”سيپٽيمبر مهيني جي آخري هفتي جي جمعي واري ڏينهن لڳل هن بليڪ فرائيڊي جو سڄو ٽورنٽو انتظار ۾ رهندو آهي“ فرحان آغاخان جي حسين وادي جي لاهين تي گاڏي جي رفتار کي تيز ڪيو“. مون پڇيومانس ”پلا چو“. وراڻيو. ”بابا اٽڪل سڀ شيون اڌ اگهه تي ملنديون آهن. اسان به انشاءَ الله گاڏي پري هلنداسين“. سج لهڻ ۽ ڏڻ وارو هو اوور هيڊ برج تان گاڏي کي موڙيندي فرحان اسان کي يارڪ ڊيل مال جي صدر دروازي اڳيان لاٿو ۽ پاڻ گاڏي کي پارڪ ڪرڻ هليو ويو. مال جي سامهون ميلن تائين سڄي پارڪنگ گاڏين سان پريل هئي. مون پنهنجي زندگي ۾ ايتريون گاڏيون هڪ هنڌ جمع ٿيل ڪڏهن نه ڏٺيون هيون. مال کان ٻاهر ٿڌ اسان جي لاءِ برداشت کان ٻاهر هئي. تنهن ڪري منهنجي تنهن ٻار ۽ مان مال جي اندر وڃي دروازي وٽ فرحان جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. ڪيس گاڏي پارڪ ڪرڻ ۾ اڌ منو ڪلاڪ لڳي ويو. اسان ڪانيو ٻڌي جڏهن مال ۾ اڳتي پير وڌاياسين ته فرحان مونکي چيو ”بابا سڀ هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي هلو.“ مون وراڻيو ”ها بابا“.

يارڪ ڊيل شاپنگ مال ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهن جا مٿا ڏسي مون کي ڏينهن جا تارا نظر اچڻ لڳا. مون ٻارن کي چيو هتي اسان ڪيئن هلنداسين ڪيئن گهمنداسين ۽ ڪيئن خريداري

ڪنداسين. مونکي ننهن وراڻيو بابا بس توهان پنهنجو خيال ڪيو. ٿوروئي هڪ دڪان ڏانهن اڳتي وڌياسين ته ماڻهن جي وڏي پيڙ جي زور ۾ خبرئي نه پئي ته منهنجو هٿ ڪيئن ڇڏائجي ويو. مون سامهون نگاهه ڊوڙائي ته فرحان جهڙو ماڻهو اڳيان ويندي محسوس ٿيو. بس مان ان جي لاري لڳي پيس. ٻارن ۽ فرحان مونکي گهڻي ئي آواز ڏنا پر لکن جي تعداد جي پيڙ ۽ گوڙ ۾ مونکي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه آيو. ٿورو اڳتي وجي دڪانن جي هڪ چونڪ تي مان ڏئي وڻي بيهي رهيس ۽ محو حيرت اوسي پاسي جو جائزو ورتم ته پاڻ کي ماڻهن جي وچ ۾ قيد ٿيندي محسوس ڪيم. وڏي مشڪل سان پنهنجي هٿن ۽ ڪلهن کي حرڪت پئي ڏئي سگهيم. ڪلهاگس هن پيڙ ۾ مان رڳو مال جي ڇت کي پئي ڏسي سگهيس يا پنهنجي پيرن کي. مون کي هن خيال وڏي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو ته مار هن بليڪ فرائيڊي جي سيل تي پئسي جي بچت جي چڪر ۾ هيءَ ايڏي وڏي قيامت برپا ٿي آهي.پهريون دفعو مونکي اهو احساس جاڳيو ته ڪڏهن سستائپ جي چڪر ۾ انسان ڪيڏو نه سستو ٿي پوي ٿو. نفسان نفسي جي اهڙي ماحول ۽ منظر ۾ ذري گهٽ مان پنهنجا مڪمل حواس وڃائي وينو هوس پر قسمت سانگي بچي ويس ۽ وڏي مشڪل سان پنهنجو ڇيتو جاءِ ڪري پاڻ کي سنڀالي سگهيس. ٻاهر برف پئي وسي مونکي جسم تي ٻن ٽن تهن ڪپڙن جي مٿان اوور ڪوٽ پاتل هو. تنهن ڪري گرمي پئي لڳي. اهڙي سمي واش روم جي تلاش ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوش ۾ مان ڪامياب ٿي ويس.

مال جي غير معمولي رش جي دٻاءَ مونکي هر لحاظ کان بي وس ڪري ڇڏيو هو. پر هر لمحي ان فڪر به مونکي پئي پريشان ڪيو ته مان هاڻي مڪمل طور گم ٿي چڪو آهيان. پوءِ به ڪرم مولا سائين جو ته منهنجو اعتماد بحال هو. مون خيال ڪيو

تہ واش روم ڪان واندو ٿي ساڳئي مين اينٽرينس تي وڃي بيهندس ۽ فرحان سان رابطو ڪندس. جيتوڻيڪ منهنجي ائين گم ٿي وڃڻ تي هن بہ سيڪيورٽي روم ۾ وڃي اتان جي عملي کي منهنجي گم ٿيڻ جي رپورٽ ڪئي هئي ۽ انهن بہ لائوڊ اسپيڪر ۽ واڪي ٽاڪيز تي مونکي با خبر ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر هن بي انتها پيڙ ۽ گوڙ ۾ منهنجي ڪنن ڪجھ نہ سئو. واش روم ڪان موٽ تي مين گيٽ تائين پهچڻ لاءِ مونکي هڪ ڪلاڪ ڪن لڳي ويو.

مون وٽ پنهنجي سمارٽ فون هئي پر مسئلو اهو هو تہ انجي چارجنگ زيرو کي پهچي چڪي هئي. ٻئي منٽ ساه پٽي مون مال جي دڪيءَ تي پرسان وينل هڪ گوري خاتون کي جيڪا فون تي ڪي نمبر ملائي رهي هئي. دل جهلي ٻڌايم تہ هن پيڙ ۾ مان پنهنجي ٻارن کان وڇڙي ويو آهيان. جي اوهان مدد ڪريو تہ پنهنجي فون تي منهنجي پٽ فرحان کي اطلاع ڏيو تہ مان هن دروازي تي سندس انتظار ۾ وينو آهيان. خاتون پنهنجي خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪندي مونسان فارسي زبان ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون کيس ٻڌايو تہ مونکي فارسي ناهي ايندي. چيائين توهان مونکي فرحان جو سيل نمبر ڏيو. مون کيس نمبر ڏنو .خاتون وڏا وڙ ڪري نمبر ملايو ۽ فرحان کي ٻڌايائين تہ تنهنجو والد گرامي هتي مين اينٽريس نمبر ون تي وينو تنهنجو انتظار پيو ڪري. پنجن منٽن ۾ فرحان مون وٽ پهچي ويو. خاتون جا ٿورا مڃيندي اڳتي وڌياسين تہ فرحان چوڻ لڳو ”بابا توهان هٿ ڇڏائي ڪاڏي هليا ويا هئا. هتي سڄي سيڪيورٽي اعلان ڪري ٿڪي آهي؟“

مون چيومانس ”بابا اهو سڀ ڪجھ هن رش جي ڪري ٿيو آهي.“ فرحان چوڻ لڳو ”بابا اسان بہ يڪو وقت اتي ئي در اڳيان

بيٺا آهيون. ٻارن سان جڏهن ملياسي ته فيصلو ٿيو ته هلو ته هاڻي گهر ٿا هلون. ٿورو اڳتي هلي دڳ تي مون فرحان کان پڇهيو ”پٽ هي جي ايٽ ملڪن جا ماڻهو ڇئن پئسن جي بچت پنيان ايڏو ٿا مرن؟“

فرحان وراڻيو ته بابا ”هي اسان جي لاءِ قلندر ۽ پٿائي جو ميلو آهي بچت جي بچت ۽ دنيا جو چسڪو مزو ڏار“. مون چيو. ”هوندو بابا“

❊❊

# پان شاپ

مارچ جو پهريون هفتو شروع ٿي چڪو هئو. ٽورنٽو جي روڊن تان تکيون هوائون برف جي ڍيرن کي فضا ۾ ائين اڏائي رهيون هيون جيئن سنڌ ۾ هوائون رستن تان مٽيءَ کي اڏائي ڏوڙيا مچائي ڇڏينديون آهن. ڊائون ٽائون ٽورنٽو اميگريشن بورڊ ۾ فرحان جي داخل ڪيل پيرينٽس جي ڪيس جي اپيل جي تاريخ رکيل هئي. اسين صبح جو نيڪ انين لڳي ڪورٽ روم جي لڳ ويٽنگ روم ۾ پنهنجي وڪيل مسٽر جول سان ڪيس جي ڪن پهلوئن تي گفتگو ڪري رهيا هئاسين. ان سمي اسان کي هڪ آفيس ريپريزينٽيٽو ليڊيءَ اطلاع ڏيندي چيو، ”مسٽر جول، مسٽر فرحان ڪورٽ روم پنجين ۾ اوهان جي پهچڻ جو وقت ٿي چڪو آهي ۽ آنرايبل ليڊي جج ۽ مسٽر ميمبر آف اميگريشن بورڊ پنهنجي سيٽ تي پهچي چڪا آهن.“

اسان جي ڪيس تي قانوني پهلوئن جي لحاظ کان هڪ بجي تائين بحث مباحثي جو امڪان هو. تنهنڪري مون فرحان کي ڦوڪ ڏئي ڇڏي ته مان هينان چڪر لڳائي ايندس ورنه هتي ويهي وڏي بوريت ٿيندي. جهٽ پلڪ ۾ هڪ مايونيز سينڊوچ ۽ گرم گولڊ بلينڊ نيسڪيف جا چار ڍڪ پي اوور ڪوٽ اوڍي لفٽ نمبر ڏهين ذريعي بلڊنگ کان هيٺ لهي مون نڪ سامهون واري گهٽيءَ ڏانهن رخ ڪيو.

منهنجو شوق هو ڪيٿيڊرل چرچ آف سينٽ جيمس کي ڏسڻ جو جيڪا ڪينيڊا ۾ قدامت ۽ خوبصورتي جي لحاظ کان آرٽ جو هڪ خاص نمونو ليکي وڃي ٿي. ڊائون ٽائون ۾ ٽرام ذريعي سڌ پنڌ جو سفر ڪري مان ٽورنٽو جي هڪ وسيع ۽ خوبصورت چونڪ تي جيمس ڪيٿيڊرل چرچ جي آڳر ۾ وڃي لٿس.

اتي پهچي لڳي ائين پيو ته روڊ جا مڙئي پير پاسا. ماڻهن جي لنگهڻ جون فٽ پيريون ۽ سائڊ واڪ سڀ سينٽ جيمس چرچ جي حوالي ڪيا ويا آهن. خاص شاهه راهه تي شهر جي وچين علاقي ۾ ايڏي ڪليل ۽ ڪشادي چرچ مون پهريون دفعو ڏٺي جنهن جي ڪنهن به ڪنڊ پاسي گهمڻ ڦرڻ جي ڪا جهل پل يا نگهداشت لاءِ سڪيورٽي بينل ڪانه هئي هونئن به ڪيناڊا ۾ چرچ جو هڪ تاريخي تقدس قائم رهندو آيو آهي. ان جو سبب اهو ٿو ڏسجي ته هتي جيڪي مسيحي دنيا جون قومون بادشاهت وارن پراڻن عهدن ۾ فرانس، گريٽ برٽن، اسپين ۽ پوءِ دنيا ۾ عظيم جنگن وگهي منقسم ٿي ياچ ڪائينڊڙ يورپ جي سمورن حصن جي مسيحي مذهب جي پختي ۽ قديم خيالن جي ماڻهن جا جٿا سرزمين ڪيناڊا تي اچي گڏ ٿيا. جن تاريخ جي پوءِ جي دورن ۾ اڳتي هلي گڏيل فيڊريشن جي معاهدي هيٺ هڪ حڪومت قائم ڪئي. اهي خاص ڪري مسيحي ڪيٿولڪ مذهب جو تقدس قائم رکندا آيا آهن. اهڙي طرح مذهبي تاريخ جو مطالعي ڪرڻ وارن کي ڪيٿولڪ ورلڊ جي ڪرستانن جو ڪيناڊا ۾ هڪ گڏيل اتحاد نظر اچي ٿو جنهن جي نمائندگيءَ سان مسيحي مذهب جي معاملن ۾ گهڻي سرشاري ۽ هم آهنگي پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن جي بنياد تي ڪيوبيڪ ۽ مونٽريال فرينچ صوبي ۾ ڪيٿيڊرل ناٽريڊيم چرچ کي عظيم جنگين جي دور کان گهڻو اڳ قائم ڪيو ويو. هن چرچ جي قائم ڪرڻ پنيان ڪيٿولڪ ڪرسچن دنيا جي قديم فرينچ مسيحي گروه جو هٿ ۽ سهڪار رهيو. چاڪاڻ ته اصل وڏي ۽ قديم ناٽريڊيم چرچ فرانس ۾ آهي. جيڪا فرانس ۾ پنهنجي سونهري تاريخ جا ڪيترا دور ڏسي چڪي آهي.

اهڙي طرح 1797ع ۾ اسپينش مسيحي گروه پنهنجي ڪيٿولڪ دنيا جي محبت ۽ سرشاري جي جذبن هيٺ ٽورنٽو ۾

اسپين جي قديم ڪمينو آف سينتياگو جيمس چرچ جي نالي پٺيان هتي هڪ اهڙي عظيم ڪيٿيڊرل چرچ جو بنياد وڌو جنهن جي بلندين جو محو حيرت ڪندڙ ڏيک انوقت عظيم ٽورنٽو جي ٻي ڪنهن عمارت ۾ ڪونہ هو.

هن عمارت جو نالو سينٽ جيمس اينگليڪن ايپسڪوپالين ڪيٿيڊرل چرچ آهي. مون سينتياگو جي ڪمينو سينٽ جيمس چرچ جي ڊسڪوري گائڊ. ٽريول گائڊ ۽ ٻيون هسٽاريڪل ۽ آرٽ تي مبني وڊيوز جو مطالعو ڪيو آهي پر جيڪو آرٽ ۽ آرڪيالاجي جي شوقينن کي اصل ماڳن جي ڏسڻ مان لطف حاصل ٿيندو آهي سو پري کان ويهي مطالعي ڪرڻ مان ڪونہ ٿيندو آهي.

ڪلاڪ کن گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ مان چرچ جي سامهون واري اسٽريٽ تان تڪڙا قدم کڻندو زيبراڪراسنگ تي وجي بيٺس تہ اوچتو منهنجي نظر هڪ دڪان جي سائن بورڊ تي پئي جنهن تي وڏن اکرن ۾ ”پان شاپ“ لکيل هو. رستي ڪلڻ جو انتظار پورو ٿيو تہ پرديس ۾ پان کائڻ جو شوق پورو ڪرڻ جي غرض سان مان پان شاپ ۾ گهري ويس.

اندر گهري جيئن ئي دڪان جي وچ ۾ وجي بيٺس تہ منهنجون تہ وايون ئي ولڙيون ٿي پيون. وائڙن وانگر مان هڪ نظر شوڪيسن ۾ رکيل شين تي پيو وجهان ۽ وري هڪ نظر سان دڪان جي مالڪ کي پيو ڏسان. جهٽ پل ۾ دڪان جو مختصر جائزو وٺي ڪائونٽر تي وينل هڪ جهوني وضع قطع جي همراه جيڪو گوري نسل جو پيو لڳي سان رابطو ڪندي چيم ... ”برادر مونکي بہ منا پان کپن.“

هو همراه جيڪو اڳ ۾ ئي مونکي هر هر اکيون ڇنڀي حيرت سان پيو واجهائي تنهن منهنجي ”ٽو سويٽ پان“ جي گهر کي هڪ ڪل مزاق سمجهيو ۽ منهنجي خيال ۾ هن بہ منهنجي سوال جو

جواب ساڳئي نوعيت سان ڏيندي چيو. ”برادر مون وٽ هڪڙو پان آهي. پر منو ناهي جيڪو ڏسين ٿو تنهنجي سامهون آهي.“

ڳالهه مونکي بہ سمجهه ۾ نہ آئي. مون سوچيو هي گورو ماڻهو آهي سو پان ڪيئن ڪپائيندو. پر پوءِ بہ مون ڪيس چيو هي پان جو دڪان ناهي. هن لبن ۾ مسڪرائيدي وراڻيو، بلڪل ”پان شاپ آهي“ مون وري هڪ ڀيرو ڪنڌ ورائي سمورن شوڪيسن ۽ ڪائونٽرن جو جائزو ورتو. جنهن تي منهنجي غلط فهمي دور ٿي تہ همراهہ ڪباڙي آهي.

سچ پڇو تہ مونکي بہ اهو پهريون ڀيرو ادراڪ ٿيو تہ ڪينيڊا ۾ ڪباڙي جي دڪان کي پان شاپ چئبو آهي. پر منهنجي حيرت جي حد نہ رهي تہ هتي جي ڪٻاڙ جي اهڙن دڪانن تي هزارين اينٽيڪ شين. پراڻن ڪتابن. پراڻين گهڙين واچن ۽ سون جي پراڻن ڳهن وغيره جي ڏيتي ليتي وهنوار ۽ واپار هلي ٿو. مان در اصل پنهنجي مطلب جي بلڪل صحيح هنڌ ۽ دڪان تي پهتو هوس جتي مان گهڻو وقت گذارڻ چاهيان پيو پر مونکي ٺيڪ ٻارهين بجي موٽي اميگريشن بورڊ آفيس پهچڻو هو جنهن لاءِ مون کي رڳو پندرهن منٽن جو وقت گهربل هو.

**

# جهيل پري

ٻہ ڏهاڙا اڳ آئون هڪ سهڻي جهيل جي ڪنڌار تي شام جو پهر گذاريندي ڪجهہ تصويرون ڪڍيون هيون. هتان جو وايو منڊل ۽ ڍنڍ جو حسن لاڙڪاڻي واري گهاڙواه سان گهڻي ڀاڱي ميل ڪائي پيو. جڏهن اٺويهہ سو سٺ پنجهٺ جي زماني ۾ اهو پنهنجي عروج جي بلڪل پوين پساون ۾ هو. پوءِ ٻہ لاڙڪاڻي جي جهونن سڄڻن ڪي ان جي ڪنارن تي زيتونن، ڪارڪن ۽ انبن سان پريل ٻيڙين جي سهڻي تار، اوسي پاسي جي وڻن ۽ سهڻن ٻوٽن جي گلن گلڪارين مان اٿندڙ هٻڪار، ڪارڪن، زيتونن، انبن ۽ ليمن جون لذتون ۽ خوشبوئن هاڻي ٻہ اوس خوابن ۾ ايندڀون هونديون. هن وقت آئون اهڙو ساڳوڻو واتاورڻ ڏسي هن ڍنڍ تي دل هاري وينس، اهڙي خوبصورت شام ۽ شام جي ٿڏڙي هوا جي مٽرائتي ماحول ۾ مگر هن ويراني ۾ مون پنهنجي سامهون هڪ عورت کي ايندي ڏٺو جيڪا پري کان جل پري کان ڪا گهٽ نہ پئي لڳي، هن جي سهڻن قدمن جي چلت مونکي يلي لڳي، ڍنڍ جي ڪانئر پکين کان لينس جو رخ آهستي مگر ڪجهہ خفيف ۽ خفيہ انداز ۾ هٽائيندي هن جو فوٽو ڪڍي ڍنڍ جي ڪناري تي ڪٽل لوهي گرل کي ٽيڪ ڏئي بالم تي ٻيهي رهيس.

جيستائين هوءَ مون وٽ پهچي دل ۾ اچي ڦڦڙي لڳي تہ يار هن ڏسي تہ نہ ورتو هوندو بس پيشاني تي پگهر شروع، دل جي ڌڙڪي جي رفتار ٻيڻي ۽ ٻيڻي کان ٽيڻي تي وئي ان جو سبب هي هو تہ هتان جو قاعدو ۽ قانون نهايت سخت ڇا پر سخت ترين آ، جي هن واتين وٽين ٻہ پچا ڳاڇا ڪئي، يا بنا اجازت منهنجي ڪلڪ ڪرڻ جي پوليس کي فونڪ اطلاع ڪيو تہ مان وزيٽر جي حيثيت

وارو تہ هڪ ڦوڪ ۾ ڊي پورٽ ٿي ويندس، پر جي هوءَ اهڙو ڦهر نہ بہ ڪري ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي بہ ٿي ڳٽا يا ابتا سبتا اکر چئي وجهي تہ بہ هن اچي ڏاڙهي ۾ مان اڏ مري ويندس. جڏهن هوءَ قريب آئي تہ آءٌ ڏانهس ڏٺو مگر خوشگواري واري انداز ۾ چاڪاڻ تہ ڪينيڊا ۾ ڪنهن کي پيي مسڪرائي ڏسڻ بهترين عمل ڄاتو ويندو آهي، خاص طور عورتن ۽ ٻارن کي.

ايتري ۾ هوءَ بلڪل ويجهو اچي وئي ۽ نهايت سهڻي انداز ۾ مسڪرائيندي سلام ڪيائين. هتي ماڻهن جو انداز اهڙو ئي هوندو آ مگر پهرين ميل ملاقات ۾ هيلو هاءِ يا گڊ مارننگ ۽ گڊ ايوننگ تائين ڪيڪار رهندي آهي. منهنجا سيئي خدشا دور ٿيا ساهہ ۾ ساهہ پيو ائين محسوس ٿيو ڄڻ منهنجي جان بخشي ٿي.

**

# پٿرن جو مان ۽ مڃتا

سماجي تاريخ ۾ اسانکي ڏهن هزار سالن کان نظر اچي ٿو ته انسان پٿر کي پنهنجي اجهي سان ڳنڍ . تحفظ جو ديوتا سمجهندو اچي ٿو ۽ ان سان ڳنڍ هو ان کي هڪ مانائتي وٿ سمجهندي ان کي استعمال ۾ پيو آڻيندو رهيو آهي. ان مان اسانکي معلوم ٿو ٿئي ته انسان پنهنجي تهذيب کي پٿر جي تهذيب سان ڳنڍ ڳنڍ ڪٽي هليو آهي. انسان ۽ پٿر جي تهذيب جا اهڃاڻ اسانکي پٿر جي زماني کان ملن ٿا جن جا پڪا پختا نشان ڌرتي جي ڪيترن حصن ۾ اڄ سوڌا پکڙيل آهن.

ڏکڻ امريڪا جي ملڪ پيرو ۾ جا بجا قديم قد آدم پٿرن کان به وڏا پٿر ڪن هنڌن تي ميدانن پکڙيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. فلسطين جيريڪو ۾ اردن جي جابلو سلسلي وارن علاقن ۾ پٿر جو خوبصورت ۽ نهايت قديم اڏيل پيٽرا شهر، ترڪي، شام سعودي عرب جي قديم قبل از تاريخي شهر مدائن صالح جي جابلو سلسلن ۾ عاد ۽ ثمود قومن جون وڏيون جوڙيل عمارتون ۽ حضرت عيسيٰ عليه سلام کان ڏيڍ صدي ڪن اڳ العلا شهر جون حيرت انگيز چيائن پٿرن جون عمارتون، عراق ۾ پٿر جو اڏيل ٽاور آف بابل ۽ مصر ۾ دنيا کي محو حيرت ڪندڙ چيائن پٿرن جون آسمان کي ڇهندڙ قبرستاني عمارتون (پيرامڊ) ۽ وڏا وڏا ستون قبل از تاريخ زماني جا پٿر جي مان ۽ مڃتا جو هڪ سمبل بڻيل آهن.

قبل از تاريخ ۽ پنج سو قبل مسيح جي تاريخ کان ويندي اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن طرح انسان جو پٿر سان پيار ۽ لڳاءُ نظر اچي ٿو. اسانجي جنوبي ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۾ پٿر جي بتن جو مان ۽ مڃتا جو سلسلو پڻ قديم زماني کان قائم دائم آهي.

هندوستان ملڪ جي اڪثريت جو مذهب پٿر جي جوڙيل بتن جي پوڄا ڪندي انهن کي پنهنجو خدا مڃن ٿا.

دنيا جا جديد ملڪ جن سائنسي لحاظ کان وڏي ترقي ڪئي آهي اتي بہ اسانکي ڪنهن نہ ڪنهن طرح پٿر جو مان ۽ مڃتا سان گڏ ان جي اهميت ۽ استعمال نظر اچي ٿو. هتي ڪينيڊا جي باغن ۽ ٻين انيڪ جاين تي پٿر مان گهڙيل ۽ اڻ گهڙيل آرٽيفيڪٽ ۽ رامٽيريل نظر ايندو.

ميوزيمس، پبلڪ پارڪس توڙي نيشنل پارڪس ۾ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ بينچن سان گڏ وڏا ڇپائان پٿر جا ٻجا رکيل نظر ايندا آهن جن تي گهڙي سوا ويهي ماڻهو ٽڪ لاهي سگهي ٿو. اهو آهي اڄ جي دور ۾ بہ پٿر جو قدر ۽ مان.

**

# آئينديءَ جي نسلن جي آبياري

پنهنجي نسل جي ٻارن جي ڪچي عمر ۾ ابتدا کان رانديڻ ۾ مهارت پيدا ڪرڻ لاءِ تربيت ڪرڻ، ٻارن جي جسماني واڌ تي خاص توجهه ڏيڻ. تن سازي جا پروگرام جن لاءِ تربيت يافته ماهر رانديگر رکڻ سان گڏ والدين جي سرپرستي ۽ نگراني هيٺ ٻارن جي نشونما ڪرڻ. يورپ ۽ مغرب جي ماڻهن جو هڪ خاص مشغلو رهيو آهي. ويسٽ ۾ اهڙن ڪمن جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري مشنري، سرڪاري اعانت ۽ والدين جي سرپرتي هيٺ ادارن جو قيام عمل هيٺ آندو ويجي ٿو. اهڙا ادار به ننڍين وڏن ڪلبن ۽ مرڪزن جي صورت ۾ قائم ڪيا وڃن ٿا. هي ڳالهه مان پنهنجي مشاهدي تي نه پر عملي طور رانديڻ جي ميدانن ۾ پنهنجي روبرو ڏسي انتي پنهنجا خيال پيش ڪري رهيو آهيان.

رانديڻ ۽ تن سازي جي عملي سکيا کي مغرب ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. جنهن جي حصول لاءِ ڪلب ڪلچر ۾ وڃڻ کان اڳ سرڪاري سرپرستي ۾ هلنڊڙ ابتدائي سکيا گهر جن کي ڊي ڪيئر سينٽر به سڏيو وڃي ٿو تنهن کان شروع ٿيندي آهي. اهي ٻارن جا سڄو ڏينهن حفاظتي مرڪز، سکيا جي سلسلي ۾ به رکي سکيا ڏين ٿا. ٻن سالن جي ڪچي عمر جي ٻار جي باري ۾ اسان اندازو لڳائي سگهئون ٿا ته هن کي سکيا جي مرحلن مان ڪيئن گذاريو ويندو هوندو. پل اسان وٽ اهڙو رواج موجود ناهي مگر هتي ڪينيڊا ۾ ان کي خاص اهميت ڏني وڃي ٿي. ڪچي ٻالڪپڻي ۾ جڏهن والدين ٻارن کي سکيا مرڪزن ۾ داخل ڪرائين ٿا. تڏهن ٻارن لاءِ ڪو يونيفارم مقرر نه هوندو آهي، جيتوڻيڪ هنن ڊي ڪيئر سينٽرن تي ابتدائي نشونما ڪندي ٻارن کي تعليم جو پهريون ڏاڪو چاڙهڻ سيکاريو ويندو آهي. ا، ب، ت ۽ ڳڻپ سان

سان گڏ ٻيو مرحلو شروع ڪيو ويندو آهي. اهو مرحلو آهي راند روند جنهن ۾ جسماني ڪثرت پڻ شامل هوندي آهي. اهڙن مرڪزن کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جو تجربو مون کي ان وقت ٿيو جڏهن مان پنهنجي پوٽي حارث کي پنهنجي پٽ سان گڏ وڃي پنهنجي علائقي جي ڊي ڪيئر سينٽر ۾ داخل ڪرايو. ٻتي ڏينهن سينٽر ۾ ٻارن جي سکيا جون سرگرميون پنهنجي اکين سان ڏٺيون. سينٽر ڇا هو. هڪ تربيت گاهه ۽ اسڪول هو. هي ٻارن جو سڄو ڏينهن خيال رکڻ وارو تربيت گاهه ۽ ناليج سينٽر پڪرنگ جي اهڙي قدرتي خوبصورت لوڪيشن تي قائم آهي جنهن جو ٽئي سڙڪ جهڙو رستو بي پناهه خوبصورتن جي مالڪ ڍنڍ اونٽاريو تي وڃي ختم ٿئي ٿو.

ڊي ڪيئر ناليج سينٽر تي ٻارن کي راند روند ڪرائيندي موٽر ڪارن ۽ هر قسم جي وهيڪل جا پلاسٽڪ مان جڙيل ماڊل، پلاسٽڪ رانديڪا، ايگريڪلچرل مشينري ۽ ڳري ٽرانپورٽ وهيڪل جا نمونا، هوائي جهاز ۽ هيليڪاپٽرن جا ماڊل، زمين کوٽڻ جا اوزار، ڪارپينٽر جو سامان، ڪاٺ جا تختا، پلاسٽڪ جا مترڪا ۽ ڪارايون مطلب تہ پنجن سالن جي عمر تائين ٻار انهن سينٽرن تي سکيا وٺندي وٺندي سڄي جهان ۾ ڪم ايندڙ موٽر ڪار ۽ مشينري کي پنهنجي هٿن ۽ اکين مان ڪڍي انهن متعلق ڄاڻ حاصل ڪري وٺندا آهن.

ٻارن جي جسماني ڪثرت ۽ نشونما جي لاءِ سينٽر ۾ ترڪٽون ڏاڪٽون، ڇيڪلا، چوڏيلون، ساڪر بال، ٽينس، بيڊ منٽن، هاڪيون، بيس بال گيم جا پلاسٽڪ جا ڏنڊا وغيره هوندا آهن، جن سان سڄو ڏينهن ٻار تربيتي ماهر خاتون استادن جي نگراني ۾ جسماني ورزش ڪندا رهندا آهن. سينٽر تي وقت تي شيڊول مطابق کاڌو ڏنو ويندو آهي ۽ بيڊ رومس ۾ آرام پڻ ڪرايو ويندو آهي.

مون پنهنجي پڪرنگ فٽبال گرائونڊ ۾ لڳل هڪ ڪئمپ ۾ ٻارن جي ساڪر گيم جي تربيتي سمر ڪئمپ کي ٽن ڏينهن کان ڏسان ٿو، جتي ماهر استاد مشاق طريقن سان ٻارن کي گرائونڊ ۾ آڻي انهن ۾ اسڪل يعني مهارت پيدا ڪن ٿا بلڪ راند جي سکيا پوري ٿيڻ کان پوءِ هنن کي ڊرل ڪرائي منجهن نظم ۽ نسق پيدا ڪيو وڃي ٿو. ان سان گڏ هنن جون جسماني مشقون به ٿي وڃن ٿيون. پڪرنگ جي ميجر اوڪس روڊ تي ويلي پبلڪ اسڪول جي وڏن ۽ ويڪرن ميدانن تي مونکي اتر امريڪا جي قومي معروف راند بيس بال ڏسڻ جو ڪيترا دفعا موقعو مليو آهي. هن راند ۾ ستن اٺن سالن کان ڏهن ٻارهن سالن جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي ڇٽا پيٽيءَ واريون ميچون ڪيڏن ٿا. جيڪي تقريبن ننڍي هوندي سکيا گهرن ۽ ناليج سينٽرس تي ابتدائي تربيت وٺي تيار ٿيل هوندا آهن.

هن ميدان ۾ ٻار صبح ۽ شام بيس بال راند ڪري پنهنجي مهارت وڌائيندا رهندا آهن ان سان گڏ جسماني ڪثرت ڪندا آهن. مگر هنن ميدانن ۾ ٻارن جي والدين جي شرڪت ۽ دلچسپي ڏسي مونکي حيراني وٺي وئي. ٻارن جي همت افزائي لاءِ ساڳي وقت انهن جا پيءُ ۽ ماءُ موجود هوندا آهن جيڪي ڪيڏڻ لاءِ ٻارن جا ڪٽ، ٻارن جي کائڻ ۽ پيئڻ لاءِ ميوا ۽ شربت پاڻي کڻي ميدان جي وٽن ۽ پاسن تي ويهڻ لاءِ فولڊنگ ڪرسيون کلهن تي کنيو ايندا آهن. ٻارن جي تعليم، تربيت ۽ راند روند تي هتي مغرب ۾ جيترو ڌيان انهن جا ماءُ پيءُ ڏين ٿا ته پوءِ ڇو ڪونه ايندڙ وقت ۾ انهن جي ايندڙ نسلن جا وڏا مان ٿيندا.

ڪينيڊا ۾ رهندڙ قومن جون ترجيحات رهيون آهن ته زندگي جي تمام شعبن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاء هنن جا ٻار جنهن ميدان ڏانهن پاڻ لاڙو رکن ٿا تنهن لاءِ هنن جا والدين نه رڳو انهن کي

موقعو ۽ ماحول فراهم ڪن ٿا پر پنهنجي زندگي مان وقت ڪڍي اولاد اڳيان موجود رهي هنن کي سپورٽ ڪن ٿا. دنيا هاڻي هڪ شهر. هڪ ڳوٺ. هڪ گهر ۽ هڪ نيٽ ورڪ ۾ سمائجي چڪي آهي. پنج منٽ اڳ مون ڪيناڊا کان هڪ عرض، نيٽ ذريعي پنهنجي دوستن کي "انيس انصاري صاحب جي تصوير کپي" لکي موڪليو. سچ پڇو جي مان پنهنجي ڪمري جي ڪٻاٽ مان تلاش ڪري فوٽو ڪڍان ها ته ڪجهه وقت لڳي ها. مون پوسٽ لکي وال تي موڪلي اک ڇنڀ ۾ پياري دوست ڊاڪٽر دانش مونکي گهربل تصوير موڪلي. مٿان انيس صاحب جي نينگرن محترم اسحاق احمد انصاري ۽ اشفاق پڻ خوبصورت تصويرون موڪليون. اها آهي هڪ گهر ۽ ڳوٺ واري ويجهڙائي جو هڪ عملي نمونو. تنهن ڪري اسان جي سکيا ۽ تربيت جي سلسلي ۾ دنيا پر مان پرائڻ جي سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ ڪيترو سهنجو ۽ ويجهو سو به مفت ۾ مهيا ٿي پيو آهي.

هاڻي اسانکي گهرجي ته اسان پنهنجي سوچ. ريتن. روايتن ۽ سرگرمين کي فائديمند دڳ تي لڳايون. پنهنجي عادتن ۽ روين کي مٿائي بهتر ڪرڻ ۾ هاڻي وڏي سرمائي جي ضرورت درڪار ڪانهي. هڪ پيري اسڪول ٽيچر شاگرد کان پڇيو "اڙي تون اڄ منهن ڇو ڪونه ڌوئي آيو آهين." ٻار جواب ڏنو "سائين مان غريب آهيان." اسان هاڻي اهڙا جواب ڏيڻ ڇڏي ڏيون نه ته ريل گاڏي اسٽيشن تان نڪري اسان کي ڇڏي ٻي اسٽيشن تي ٻين مسافرن کي وٺي ڪٽندي.

**

# سائيڪلنگ صحت جي ضامن

سائيڪلنگ صحت جي ضامن آهي. منهنجي خيال موجب اڳين وقتن ۾ خاص ڪري سٺ ۽ پنجاه وارن ڏهاڪن تائين سائيڪل وهائڻ ڪي تندرستي ۽ فٽنس قائم ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو سمجهيو ويندو هو. جڏهن سائيڪل ترقي جي ڏاري ۾ اچي موٽرسائيڪل جو روپ اختيار ڪري وئي تڏهن ان جو ڪارج هڪ ٻيو رخ اختيار ڪري ويو ۽ موٽر سائيڪل رڳو شوق ۽ باربرداري جو اوزار ٿي پئي. اسان جي ملڪ توڙي ريجن ۾ هاڻي سائيڪل تندرستي ۽ فٽنس جو بهترين ذريعي واري معنا ۽ مطلب وڃائي چڪي آهي، پر ويسٽ ۽ فارايسٽ ملڪن توڙي آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ سائيڪل وهائڻ جو رواج اجا قائم آهي. جنهن ديس ۾ مان رهان ٿو تنهن ۾ سائيڪلنگ پڻ جديد دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي. هتي جيترو قدر جي نگاه سان موٽر ڪار ڪي سٺي سواري سمجهيو وڃي ٿو ۽ اهي هر گهر جون زينت بڻيل آهن، تهڙي طرح سائيڪل ڪي بہ ساڳيو بلڪ ان ڪان وڌيڪ ٻن ٽن مطب واري اهميت حاصل آهي. يعني سائيڪل ڪم جي جاءِ تي ۽ آفيس پهچڻ جو ذريعو بہ آهي ۽ شوق خاطر بہ ان جو استعمال آهي ۽ گڏوگڏ انکي بهتر صحت ۽ فٽنس جو ٽول بہ سمجهيو وڃي ٿو.

مونکي ڪينيڊا جي فرينچ اسپيڪنگ صوبي جي گشت جو موقعو مليو تنهن ۾ ڏٺم تہ سرڪاري آفيس. اسڪول. ڪاليج ۽ يونيورسٽي وڃڻ وارن سائيڪل سوارن لاءِ تيز ترين ۽ بهترين سائڊ ٽريڪس تعمير ڪيا ويا آهن ۽ وري اتان جي سائڪلن ۾ اهڙا ڪارائتا نفيس ۽ جديد مٽيريل جا پرزا ڪتب آندا وڃن ٿا جو انهن جي رفتار مونکي تقريبن موٽر بائڪ جي ويجهو ويجهو ٿي لڳي.

وڏي ڳالھ هي آهي تہ ڪينيڊا جي وڏن شهرن مونٽريال ٽوڙي ٽورنٽو ۾ سائيڪل جي مقرر ڪيل ٽريڪ تي پبلڪ، پبلڪ گاڏيون ۽ شهرين لاءِ هلندڙ گو بسن جو اچڻ ممنوع ۽ خلاف قانون آهي ۽ سائيڪل وهائيندڙ لاءِ پڻ ٻين جي ٽريڪ ۾ داخل ٿيڻ اوتروئي قانوني ڏوھ آهي.

ڪينيڊا جي ٽورنٽو سٽي جي ڊائون ٽائون جنهن کي اسان جي ملڪ ۾ صدر چيو ويندو آهي .جتي دنيا ڀر جي ملڪن جون ٽريڊ آفيسون ۽ انهن جا مرڪزي دفتر آهن، بي بي سي ۽ ٻين براڊ ڪاسٽنگ ادارن جون آفيسون، ڪافي هائوس، ريسٽورانٽ شاپنگ مال موجود آهن ۽ وڏي چهل پهل ڏسڻ ۾ ايندي آهي اتي روڊن جي پاسن تي ڪار پارڪنگ جو هڪ اندر گرائونڊ مربوط اسپيشل نظام رکيل آهي. ساڳي جاءِ تي سائيڪلن جا پڻ خاص اسٽينڊ نهيل آهن جتي ڪارن ۽ گاڏين کان وڌيڪ مونکي سائڪلون بيٺل نظر آيون. هتي گهمندي ڦرندي معلوم ائين پيو ٿيندو آهي تہ جڻ هن شهر جا ماڻهو پنهنجي ذاتي. دفتري ۽ گهرو ڪمن ڪارن جي سلسلي ۾ سائيڪل جو استعمال ڄاڻي واڻي گهڻي کان گهڻو ڪن ٿا. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪينيڊين ٻاءِ سائيڪل جي افاديت کي ڀليءَ ڀت ڄاڻن ٿا .

ڪينيڊا ۾ ٻہ ڦٽي کي ٻاءِ سائيڪل سڏيو ويندو آهي. منهنجي اندازي موجب ڪينيڊين وٽ موٽر گاڏين کان وڌيڪ گهرن ۾ ٻاءِ سائيڪلون موجود آهن ڇاڪاڻ تہ ان جو ڪاج ٻٽو آهي. هڪ تہ اها گهرو ڪم ڪار ۾ بہ ڪتب اچي ٿي ۽ صحت ۽ ڪثرت لاءِ بہ ان جو استعمال آهي تنهنڪري ان جي اهميت بہ ٻيڻي آهي. جنهن گهر ۾ ٻار آهن اهو گهر تہ ماڻهن کان وڌ سائيڪلن جو گهر ڀڃيو پوي.

اسانجي گهر ۾ ٻه ٻه گاڏيون ۽ چار سائيڪلون آهن ٽن ٻارن جون ۽ هڪ منهنجي پٽ جي ۽ ننهن کي ايڪسرسائز لاءِ ٽريڊ مل سائيڪل جي روپ ۾ رکيل آهي. هتي ڪيناڊا ۾ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي سائيڪل هلائڻ جو ته جنون آهي. هن سمر جي سيزن ۾ شام جا ڇهه لڳندا آهن ته ٻار پنهنجن گهرن مان پنهنجي سائيڪلن تي نمودار ٿي سائيڊ واڪس ڏئي پارڪس ۽ ڪلبس جو رخ ڪندا آهن. هتان جي ٻارن جي عادت آهي سنگت، جوڙيوال ۽ جيڏي عمر جا گروپ ٺاهي سائيڪل بازي ڪن ٿا. ٻيو وري ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ جنس جو ڪو فرق ڪونهي تنهنڪري ڇوڪرا ڇوڪريون گڏجي به سائيڪل هلائن ٿا. شام جو والدين پنهنجي ننڍن ٻارن کي به ڦٽي ۽ ته ڦٽي تي گهران وٺي ٻاهر نڪرندا آهن ۽ پبلڪ پارڪس جي سائڊ واڪ توڙي اندروني راهدارين ۾ بنا خوف ٿي سائيڪل هلائڻ ۽ سکڻ ۾ ٻارن جي هر قسم جي مدد ڪندا آهن. شام جو ڏينهن ٺري جوان جمان عورتون به پنهنجي فٽنيس لاءِ خوب سائيڪل وهائن ٿيون ۽ ان ۾ ڪنهن قسم جو ڪلائو يا شرم محسوس نٿيون ڪن.

ڪيناڊا ۾ خاص ڪري ٽورنٽو پڪرنگ سٽيءَ ۾ ماڻهن ۾ گروپ سائيڪلنگ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ وڏي هم آهنگي موجود آهي. انجو ڪارڻ اهو آهي ته هن صوبي ۽ هن شهر ۾ دنيا جي هر ملڪ جو ۽ هر رنگ، نسل ۽ هر فڪر ۽ مذهب جو ماڻهو رهي ٿو.

گورو نسل به هاڻي پر ڏيهي ماڻهن کان ڪئو نٽو ڪائي. ڪيناڊا دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن ۾ گورو ڪارو نيرو ڳاڙهو جيڪو هتان جي شهريت رکي ٿو ته پوءِ اهو ٻيو سڀ ڪجهه پوءِ آهي، پهريون اهو ڪينيڊين آهي. شهرين جي اهڙي حيثيت ۽ حقوق تي هڪ ٻئي تي ڪا فوقيت ڪانهي بلڪ ان جي اهڙي

حيثيت ڪي ملڪ جي چونڊيل نمائندن، پارليمينٽ ۽ آئين جي پٺ ڀرائي حاصل آهي. تنهنڪري بنا ڪنهن خوف جي ماڻهو هڪ ٻئي سان ڀائيچاري ۽ رواداري سان ملن ڪن ٿا. سڀ پاڻ ۾ گڏجي رهن ٿا. گڏجي گڏجاڻيون ڪن ٿا ۽ پنهنجي عقائد ۽ ايمان موجب گڏجي ڪائن پيئن ٿا.

اسانجي پاڙي پڪرنگ گالف ڪلب ايريا مين گورن کان علاوه گهٽائي پر ڏيهي جن ۾ هندوستاني. پاڪستاني. بنگلاديشي. برمي، سريلنڪن، چيني، جاپاني عربي، ايراني، افغاني، ٿبيٽي، يوناني رومي ۽ ٻين انيڪ نسلن جا ماڻهو رهن ٿا. تنهنڪري هتي هڪ اهڙو ملٽي ڪلچرل ماحول ۽ اڪائي جنم وٺي ٿي جنهن جو هر روپ ۽ هر رنگ نيارو، نرالو ۽ پلو ٿو لڳي. ڏسجي ته ان ملٽي ڪلچر جا ماڻهو پاڻ ۾ ملي هڪ رنگين ۽ خوشنما گلدستي جو روپ ۽ رنگ ڌارن ٿا.

اهو روپ اهو رنگ اسانکي انهن ٻارن ۾ انوقت ڏاڍو وڻندڙ ۽ حسين ٿو لڳي جڏهن اهي ٻار اسڪولن جي ميدانن ۽ منچ تي گڏجي هر ايڪٽ ۽ ڪم ۾ هڪ اندلني رنگ پيدا ڪن ٿا. مونکي هتان جي ٻارن جي ميٺ محبت جا اهڙا رنگ روز ڏسڻ لاءِ ملندا آهن جڏهن آئون ڪين پنهنجن گهرن مان سائيڪلن تي پبلڪ پارڪ گالف ڪلب جي ميدان ڏانهن گڏجي گروپن ۾ ايندي لڙبڪيڙو ڪندي ڏسندو آهيان.

**

# مغرب جو رنگارنگ ماڻهو

ڪينيڊا جو شمار دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي تنظيم جي سيون ۾ ٿئي ٿو. هتان جي معشيت ۽ سياسي سماج مضبوط بنيادن تي بيٺل آهي. هتان جي سماجي زندگي ۽ سماجي نظام جي جوڙجڪ گهڻ قومي نه بلڪه گهڻ نسلي افراد تي ٻڌل آهي جنهن ۾ عادي بنيادي اصلوڪا جن کي هاڻي فرسٽ نيشن ڪينيڊين چئجي ٿو. انهن سان گڏ اهي به جن ڪينيڊا کي تلاش ڪري لڌو ۽ اچي هن کي پنهنجو مستقل مسڪن بڻايو تن جي فهرست ۾ فرينچ ۽ انگريز برطانوي نسلن سان تعلق رکندڙ ماڻهون اچي وڃن ٿا. ان سان گڏ هتي وڏو تعداد ناسي رنگ جي نسلن جو آهي باقي سمورا ماڻهو ڪينيڊا ۾ روزي روٽي جي بهاني آيل آهن جيڪي دنيا جي گهڻن قومن ۽ نسلن سان تعلق رکن ٿا. هن وقت جنهن ماڻهو کي ڪينيڊا جي شهريت حاصل آهي اهو هتان جي سرزمين تي. هتان جي آئين. قائدي ۽ قانون جي لحاظ کان بنا ڪنهن تفريق ۽ ڀيد ڀاو جي ڪينيڊين آهي. انهن جا ڪم و بيش شهري حق هڪجهڙا آهن. در اصل ڪينيڊا گهڻ نسلي، گهڻ ثقافتي، گهڻ ٻوليائي گروپ ڳالهائيندڙ ماڻهن جو ملڪ آهي. هتي تقريبن سياسي سماجي ۽ معاشرتي حقوق هڪ جهڙا آهن. جيڪو ماڻهو پنهنجي مرضي سان جيئڻ چاهي جئي سگهي ٿو. پاڻ ۾ پنهنجي گروهي ٻولي جيڪا ڳالهائڻ گهري ته ڳالهائي سگهي ٿو. تهذيبي، ثقافتي طور ڪيتريون سماجي سرگرميون هر ڪو پنهنجي مرضي سان ڪرڻ ۾ آزاد آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڪينيڊين سماج ۽ ڪينيڊين معاشرو آزاد بنيادن تي هلي ٿو.

ڪيناڊا ۾ نوڪري ڪرڻ جا بنيادي اصول ۽ قائدا هڪ جهڙا آهن. واپار، وهنوار ۽ تجارت ڪرڻ جي معاملي ۾ هر هڪ فرد کي حقوق ۽ مواقع تقريبن هڪ جهڙا حاصل آهن مگر پير جنهن جا جيترا پختا آهن اهو اوترو ميدان ۾ اڳتي وڌي سگهي ٿو. عادي بنيادي فرسٽ نيشن ماڻهون جيڪي قبل از مسيح کان ڏهه پندرهن هزار سال اڳ کان ڌرتي ڄاوا سڏجن ٿا تن کي هڪ جاءِ تي رکي ڇڏيو سگهجو ٿو ته فرينچ ۽ برطانوي انگريزن ڪيناڊا کي ڪيناڊا بنايو آهي. سياسي، سماجي ۽ معاشي طور وڏي محنت ڇڪتاڻ ۽ جاکوڙ کان پوءِ هنن هن سرزمين تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو آهي، تنهنڪري سياسي. سماجي ۽ معاشي لحاظ کان اهي ڪيناڊا جو پايو وجهندڙ وڏيڪ طاقتور آهن ۽ سياسي سماجي جوڙجڪ تي ۽ انهن جي گرفت مضبوط نظر اچي ٿي. تنهن ڪري هتان جي سماج ۾ انهن راڄ قائم ڪندڙن ۽ بعد ۾ شامل ٿيندڙ نسلن جي وچ ۾ سماجي ۽ فڪري طور کي واضح ليڪا نٽا ڏيکارجن. سماجي روين ۽ فڪر و نظر سان گڏ اٿڻ ويهڻ ۽ ڏيک ويک توڙي ڪم ڪار ۾ سيني جو انداز هڪ جهڙو ڏيکارجي ٿو. جنهن جي ڪيسي ۾ ناڻي جو جيترو وزن آهي ان جي منهن تي اوتريون مرڪون آهن ۽ اهو پنهنجي زندگي کي جنهن ليول تي ڪٽي وجي بيهاري اوترو بيهاري سگهي ٿو.

سياسي جوڙجڪ جي منظر ۾ ڏسجي ٿو ته سڀ کي ووٽ ڏيڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو حق برابر آهي. پارليامينٽ مرڪزي هجي يا صوبائي ٻنهي ۾ هر ڪينيڊين شهري حصو وٺي ملڪي سياسي ڪاروبار ۾ پنهنجو پارٽ ادا ڪري سگهي ٿو. مسٽر محمد حسين اڳين ٽينيوئر ۾ وزير خارجا هو هن ٻيري ڪامياب ٿي ڪنهن ٻي وزارت کي هلائي ٿو.

هتي سڪ برادري جا ليڊر بہ ملڪي پارٽي جا سربراه آهن جيتري قدر انساني ۽ شهري حقن جي هڪ جهڙائي جو سوال آهي. ان ۾ سڀ ڪينيڊين هڪ جهڙا حق رکن ٿا. رٽائرڊ ماڻهو بہ هر طرح جي حقن ۾ برابر آهن ۽ پنهنجي زندگي پنهنجي خواهشن مطابق گذارين ٿا. جيئن سڀ ملازم گذارين ٿا. سينيئر شهري هجڻ ڪري انهن کي اجا وڌيڪ سهولتون ميسر آهن.

ڪيناڊا ۾ هتي جي آب هوا سٺي هجڻ ڪري. گدلاڻ جي ڪنٽرول هجڻ ڪري ۽ ملڪ ۾ ڪوالٽي ڪنٽرول جي سخت ترين ضابطن جي ڪري ماڻهن جي صحت سٺي رهي ٿي. سرڪار نامدار طرفان صحت جون سموريون سهولتون برابر مفت ملڻ ڪري سڀ ماڻهو پريشانين کان پري قرار ۾ آهن، فڪرات کان آجو هجڻ ڪري اهي گهڻي عمر جي حصي تائين صحتمند ۽ سگهارا ڏيکارجن ٿا. ماڻهو جي سراسري عمر بہ اسي پنجاسي سال آهي. ماڻهون ان عمر ۾ بہ ڪلب لائف ۾ وقت جو سڦل نموني گذارو ڪندي پنهنجي شوق ورايون رانديون ڪن ٿا. ڪيناڊا ۾ ماڻهو رٽائرمينٽ کان پوءِ شاهاڻي زندگي گذاريندي شوق بہ شاهاڻا رکن ٿا .چاڪاڻ تہ هڻ ٻڌي ايي. جي ڪار ڪندي. نون جذبن سان نئين سر ۽ نئين رخ سان زندگي کي ڏسن ٿا تنهن کي گذارڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو مختلف اسپورٽس ڪلبن جي ممبرشپ وٺي يورپي اسٽائل ۾ باقي عمر جا مزا وٺن ٿا.

رٽائرمينٽ کان پوءِ هتان جا ماڻهون چوندا آهن تہ پارٽي تہ هاڻي شروع ٿي آهي.تنهن ڪري زندگي خوشگوا نموني گذارڻ لاءِ ماڻهو ڪراڙپ ۾ بہ سير سفر ۽ سياحت ڪن ٿا. يورپي نسل جي ماڻهن جو سياحت ۽ ايڪسپلورنگ ڪرڻ واري عادت وڪٽورين دور کان بہ اڳ جي رهي آهي. يورپي نسل جي ماڻهن مان ڪولمبس اهڙي قسم جي شوق ۾ تہ امريڪا ڳولهي يورپ جي

حوالي ڪئي ۽ مسترد جي. ڪارٽيئي ڪينيڊا جي ساحلن تي پنھنجا بحري جھاز اچي بيھاريا ھئا. ۽ نتيجي ۾ ھتي برطانوي ۽ فرينچ ماڻھن جو راڄ قائم ٿيو. ھنن پھنجا شوق پورا ڪندي دنيا ڪي نون ڪندن ڪان متعارف ڪرايو. سياحت ۽ سير تفريح ڪان علاوه جيڪي شوق ھتان جي رٽائر طبقي جا ماڻھون ڪن ٿا. انھن ۾ اسپورٽ جي ميدان ۾ ھو گھڻيون سرگرميون ڏيکارين ٿا. ھتان جا ماڻھو سمنڊن. دريائن ۽ ڪينيڊا جي جاگرافي تي پکڙيل وسيع ۽ لامحدو پاڻين سان پريل ڍنڍن ۾ جھاز راني ۽ بوٽنگ ڪن ٿا. جتوڻيڪ بحري جھازن. ڪروزن ۽ ذاتي ننڍين ۽ وڏين ٻيڙن تي سير سفر وارو شوق ھڪ مھانگو شوق آھي پر چوندا آھن تہ شوق جو ڪو ملھ ڪونھي تنھنڪري ھتي رٽائرنگ لائف جي زماني ۾ ان پاسي گھڻا شوقين وجن ٿا.

بوٽنگ کي ھتي اسپورٽس جو درجو حاصل آھي . چئن سالن جي تجربي دوران مون ڏٺو آھي تہ ھتي جي ماڻھن جي گھرن اڳيان ننڍيون وڏيون لانچ ڪارون. ياٽس. ۽ تيز رفتار موٽر بوٽس بينا ھوندا آھن. جيئن اسان جي ملڪن ۾ گھرن اڳيان گاڏيون بينل نظر ايندیون آھن. انھن بوٽس جي نقل ۽ حرڪت لاء ماڻھون. S U وھيڪل خريد ڪندا آھن جيئن گھر ڪان پاڻين تائين پنھنجيون ٻيڙيون نيئي سگھجن. ڪجھ ماڻھون اتي وجي ڪيمپنگ ڪندي ڏينھن جا ڏينھن تفريح ڪندا آھن . ڪيئمپنگ لاءِ وڏا خرچ ڪري ھو C.V ڪئمپنگ وھيڪل خريد ڪندا آھن. سي. وي ۾ رات. ٽڪڻ ڪرڻ ۽ ڪئپنگ ڪرڻ جو سمورو سامان ان گاڏي ۾ ڪٺي وجي سگھجي ٿو. ان گاڏي ۾ جوڙي يا فيملي جي سمھڻ ڪرڻ جي لاءِ ھنڌ بسترا ۽ کاڌي پيتي جو سمورو سامان موجود ھوندو آھي.

ڪينيڊين ڪلچر ۾ ڪيترا اھڙا بہ شوقين آھن جيڪي رٽائر لائف جو گھڻو وقت گھرن ڪان ٻاھر ھنڌ ھنڌ ۽ شھر شھر جو سير

ڪري پنهنجي دل جي تسڪين خاطر سمر سيزن گذاريندا آهن. اهي ماڻهون هوٽلن تي پنهنجو وقت گذاريندا ناهن مگر قدرتي ۽ فطرتي ماحول وارين جاين تي گوشه نشين ٿي پر سڪون زندگيءَ جي لمحات کان لطف اندوز ٿيندا آهن. اهڙي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو H.M.V ڌاريندا آهن. هوم. موٽر. گاڏيون وڏيون ڪشاديون هونديون آهن. انهن موٽر هومس جي اندروني اڏاوت ۾ هڪ ننڍي گهر جهڙي هوندي آهي. هڪ گهر جي ضرورت جو سمورو سامان. بنيادي طبي سهولتن. تفريح لحاظ کان راندين ۽ ٽيلي فلم ڏسڻ جون سهولتون ميسر هونديون آهن. عام اسپورٽس ڪلبن جهڙوڪ گالف. آئيس هاڪي. بيس بال وغيره لاءِ ڪلب ڪلچر جوائن ڪندڙ جهونا وري ننڍين R.V..C ڪيريئر گاڏيون رکندا آهن جن ۾ اسپورٽس ڪٽ کي کڻي راندين جي ميدان تائين ويندا آهن.

ڪينيڊين رٽائرڊ ماڻهن کان سواءِ ٻيا عمر رسيده ۽ جهونا ماڻهو ٻه پنهنجي عمر عزيز جو فالتو وقت اهڙين سرگرمين ۾ صرف ڪندا آهن. وڏي خوشي جي ڳالهه آهي ته هو پنهنجي محنت جو ڪمايل سرمايو پنهنجي صحت جي ڀلائي ۽ ڪارآمد سرگرمين ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ پنهنجي نجي توڙي خانداني زندگي کي مثبت طرقي سان گذاريندا آهن. هتي ويچار ڪرڻ جي هڪڙي ڳالهه هي آهي ته هي سماج گهڻ اولاد پيدا ڪندڙ ڪلچر جو حامي ناهي. تنهن ڪري ٿوري اولاد وارن جوڙن کي زماني ۾ ذميواريون ۽ بار ٻه گهٽ ڪڻا پون ٿا. ٻيو رشتن جو گنجان معاملا ۽ گنڀير مسئلا ٻه هن سماج ۽ ڪلچر ۾ ڪونهن. اڌ تي سماج ۾ بواءِ فرينڊ ڪلچر جي ڇڙواڳ ڳانڍاپن ڪري زندگي بيپرواهي وارن روين هيٺ لڙهڪندي رهي ٿي. تنهنڪري سماجي طور رشتن ۾ اها مضبوطي نٿي اچي جيڪا باقاعدي قانون. ڪليسا مسجد. سائنيگاگ يا مٺ ۽ مندر جي ڇانوري ۾ ٿئي ٿي. اهڙن سماجي لاڳاپن ۾ رڳو ٻڌ ڇوڙ

وارو رشتو رهي ٿو. نپٽ آزادي ڪري هڪ ڪان گهڻن لاڳاپن ۾ اڇڻ ڪري هڪ هنڌ تي اچي ڏريون ڊپريشن جو شڪار ٿين ٿيون. پوءِ سک جي زندگي جا سيئي موقعا هوندي بہ ماڻهو جي زندگي جنجال ٿيو پوي. اهڙن حالتن ۾ هتي جي اهڙي ڪلچر ۽ روين سان بدل ماڻهون زندگي جا مزا ماڻي نٿا سگهن .

اسانجي جي ديسي سماج توڙي ڪلچر ۾ رشتا ناتا مذهبي پابندين ۽ اصولن جي بنياد تي ٻڌجن ٿا . اسان جا لاڳاپا مضبوط آهن مگر ڏکڻ ايشيائي ملڪن ۾ غربت ۽ گهڻي اولاد وارو ڪلچر پڻ هڪ جنجالي ڪلچر جو روپ ٿو ڌاري. جنهن ۾ عيش و آرام ۽ مزي ڪرڻ جا سڀ موقعا مفقود ٿيو وڃن. سماج ۾ سک نصيب ٿئي ٿو مگر ٿورن ماڻهن کي. سير تفريح جا موقعا بہ سماج جي سرندي واري کي نصيب ٿين ٿا. تنهن ڪري هتي جي ملڪن جي سماجي اسٽرڪچر ۾ ۽ ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي سماجي جوڙجڪ وارن ملڪن جو پاڻ ۾ جيئن ڪو رشتو ناتو ڪونهي تيئين ڪو ميل مقابلو يا موازنو بہ ڪونهي.

اسان جي ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جا پنهنجا ريتي رواج آهن. سنڌ هند جي پنهنجي هڪ جداگانا رنگ ۽ روپ واري تهذيب ۽ ثقافت آهي .غم خوشي جو تعلق هروڀرو پيسي ڏوڪڙ يا اميري سان ناهي پنهنجي وت آهر پنهنجي پيسي پنجڙ مطابق ۽ پنهنجي روين ۽ رواجن هيٺ مزا ماڻي سگهئون ٿا. بس هن معاملي ۾ اسانکي اهو ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ غم ۽ خوشن جي ملهائڻ يا عيش ۽ آرام جي مدي تي اسانجو ڪنهن سان مقابلو بنهہ ڪونهي.

پنهنجي ڳوٺ وڻن ۾ رهي پنهنجي ثقافت پنهنجي رواج هيٺ ۽ پنهنجي ڪيسي آهر اڳي بہ صدين کان موج مزا ڪندا آيا آهيون. بلڪ سنڌ هند جو ڪلچر پنهنجي خوشي جي ڏڻن ۽ موقعن جي ملهائڻ جي ڪري گهڻو سگهارو رهيو آهي. عيدون. موسمن

مطابق ملهائڻ وارا ڏينهن. فصلن پوکڻ. پچن ۽ لهڻ وارا ڏينهن. اسان وڏي خوشي ۽ ڌوم ڌام سان صدين کان ملهائيندا پيا آچئون. هوليون . دسهڙا ۽ شو راتريون اسان جي هند سنڌ جا امير غريب جاتين وارا هندو ماڻهو وڏين خوشيڻ سان پيا ملهائين ٿا.

سنڌ ۾ تہ پيرن فقيرن جي درگاهن تي ميلا لڳن ٿا. جن تي هر ڪو وجي موج ڪري ٿو. هاڻي تہ اتي ٿي ٿي ڏينهن گڏجاڻيون . ڪانفرنسون سميلن پيا ٿا ملهائجن. جنهن ۾ غريب غربو چار ڏوڪڙ کيسي ۾ وجهي اولاد سوڌو وجي شرڪت ڪري هڪ نہ ٻہ نہ پر ٿي ٿي ڏينهن خوشيون ملهائي گهر موٽي ٿو. سنڌ جي ثقافتي ماحول ۾ تہ مزائي مزا ۽ سرهائيون ئي سرهائيون آهن. گذريل صدي ۾ اسان غربت جي حالتن مان گذرندي بہ اهڙا شادمانہ کياسي جو وسريو نٿا وسرن.

لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ رهندي پنج گلي. لب مهراڻ ۽ ساڌ ٻيلي وجي روهڙي جي پل جا دلنشين نظارا ڪرڻ پلا وسارڻ جهڙا آهن. لاڙڪاڻي ۾ رهندي گهاڙ پل جي مٿان چيرون پائڻ . گهاڙ جي ڪپن تي جيڏن سان وجي پکنکون ملهائڻ رائيس ڪئنال ۽ پنج پلي جي پاسن ۾ وڻراءَ هينان مٿن ۾ برف سان ٿڌا ڪيل انب. ڏوڪا ۽ گدرا هنداڻا کائڻ سان گڏ سنڌي پلاءَ ۽ قيمي پريل افراٽن جا اهڙا مزا پلا ٻئي ڪنهن هنڌ ملي سگهن ٿا ڇا. انسان کي پنهنجي ڳوٺ وڻن ۽ ماحول ۾ جيکو لطف ۽ راحت ملي ٿي ان جو ڪو نظير ٿي نٿو سگهي. اسانجي غريب وڏن جن جا کيسا بہ خالي هوندا هئا انهن اسان کي اهي وٿون ۽ مزا ڪرايا آهن جن کي ڪنهن پل وساري نٿو سگهجي.

گذريل صدي جي پهرين ڏهاڪن ۾ سنڌ جي ڪلچر ۾ رهندي جيکو سکون. جيکي راحتون ۽ جيکي موج مستيون اسان جي وڏن. وڏن ڪٿنبن هوندي کيون انهن جو ذکر منهنجو والد

مونکي جنهن منظر ڪشي ۾ ٻڌايو. تنهن جي هتي هڪ جهلڪ پيش نظر ڪريان ٿو. عاقل خالد ڳوٺ سنڌوءَ جي ڪپ تي آهي ان زماني دريا بادشاه چڙيو وهندو هو. ”ان جي بي انت بيڪران بحر جي پاڻي تي پاڄيون. هنداڻا .گدرا ٻيو ميوو ايترو پيدا ٿيندو هو جو باغائن ۽ واڙين جي مالڪن وٽ ڪو ڳوناٽو ونڻ ويندو هو ته ڪانئس پيسا ڪونه پڇندا هئا. بابا ٻڌايو هو ته. ”سانوڻ ۾ رات جي پهر ۾ چنڊ جي ٿڌي روشني ۾ چار جوان گڏ ٿي دريا جي سير تي نڪري پوندا هئاسي.

پهريون ڏير جا ٻوٽا پٽي انجي ٻيڙي تيار ڪندا هئاسي. واڙين مان ورتل گدرا ان جي مٿان رکي دريا ۾ نڪري پوندا هئاسي. جڏهن گدرا پاڻي ۾ پسي ٿڌا ٿيندا هئا تڏهن وڍي ڪائيندا هئاسي ۽ ميلن جا ميل دريا سان گڏ وهندي جيڪو لطف ۽ راحتون ورتيون سي وسرڻ جهڙيون ناهن“ اهي سڀ خوشيون موج مزا. لطف ۽ راحتون مفت ۾ هيون جن جي مون هڪ جهلڪ پيش ڪئي.

❊❊

# ڪينيڊين ٻارن جي ڳاڙهن نسل جي اوسر

پڪرنگ گرين ويلي جي گالف ڪلب ۽ پڪرنگ ڪريڪ سائڊ پارڪ جي خوبصورت ٻارن ۽ راهدارين تي ڪيڏندڙ ڪڏندڙ ٻارن جي مثبت سرگرمين جو آئون مشاهدو ڪندو رهندو آهيان. ڪينيڊا ۾ سردين جي گذرڻ ڪانپوءِ بهار جي موسم شروع ٿيڻ سان پڪرنگ شهر جي ٻارن جي هتان جي فطري ماحول ۾ پلجڻ ڪري ذهني اوسر جو جيڪو اپياس اپري سامهون اچي ٿو تنهن ڪي آئون پنهنجي تحريرن جو موضوع پڻ بڻائيندو رهيو آهيان.

ڪورونا وائرس جي پکڙجڻ ڪري سموري دنيا سان گڏ جن اهنجاين سان ڪينيڊا جا ماڻهون منهن ڏئي رهيا آهن تن مان وڏو مسئلو اسڪول ويندڙ ٻارن جو اپري سامهون آيو هو جنهن ڪي حل ڪرڻ لاءِ اسڪولن جي انتظاميا ۽ ڪريڪيولم پورو ڪرائي امتحان وٺندڙ بورڊ پاران. تعليمي نظام ڪي طعطل ڪان بچائڻ لاءِ ورچوئل ايڊيوڪيشن سسٽم ذريعي سکيا ڪي جاري رکيو آهي. اسڪول جي شاگردن بہ صبح جي اوقات ڪار ۾ پنهنجي مدد پاڻ ۽ پنهنجي والدين جي ڪاوش سان پنهنجن تعليمي مسائل ڪي چڱي طرح منهن ڏنو آهي.

ڪينيڊا ۾ معمول مطابق جون جي آخري هفتي 28 تاريخ ڪان گرمين جون موڪلون تي چڪيون آهن. جيتوڻيڪ شاگرد ورچوئل ايڊيوڪيشن سسٽم تحت مڪمل ٿيل پنهنجا پراجيڪٽ اسڪول ۾ جمع ڪرائي چڪا آهن. مگر في الحال آن لائن تعليمي سرگرمين مان ڪيترو فائدو حاصل ٿيو ان سان شاگرد ۽ والدين ڪيترو سهمت آهن. اسڪول انتظاميہ ۽ حڪومت ان مان ڪيترو مطمئن آهي. اهو هڪ جدا باب آهي ۽ اهميت جوڳو معاملو ۽ مسئلو پڻ. پر آئون جنهن پاسي سوچي رهيو آهيان سي آهن ٻارن

جون اهي صحتمند سرگرميون ۽ مشاغل جن ۾ هو موتمار وبا جي سائي ۾ موڪلن جي ڏهاڙن ۾ پاڻ کي شام جي وقت ايس. او. پيز کي مد نظر رکندي پنهنجي زندگي خوشگوار نموني گزاري رهيا آهن .

آئون اڳ پنهنجي هڪ کهاڻي ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ ڪينيڊا جو سماج ايڪويهين صدي تائين سفر ڪري اهڙي هنڌ تي پهچي چڪو آهي جتي دنيا جي مختلف نسلن جا ماڻهو يڪجاءِ ٿيا آهن. جن جو تعلق دنيا جي مختلف خطن جي تهذيبن سان آهي. انهن تهذيبن جي ثقافت. ٻولين ۽ مذهبن ۾ پڻ ڪا هڪجهڙائي ڪانهي. اهي مختلف خطن ۽ سماجي گروهن سان تعلق رکندڙ ماڻهو. مختلف ثقافت جا مالڪ ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو يڪ سماجي ڌاري ۾ بنا ڪنهن اختلافي فڪري لاڙن جي گڏجي زندگي گذاري رهيا آهن.

زندگي جو اهو روپ اسانکي پوري ڪينيڊا ۾ گهٽ ۾ گهٽ فرق سان هڪجهڙو نظر اچي ٿو. ڪينيڊا جي سماج جي اها هڪ خاص خوبي آهي جنهن ڪي هتان جا ٻار پنهنجي والدين کان وڌيڪ خوش اصلوبي سان نہ رڳو سمجهن ٿا پر انکي نڀائن بہ اٿا. اسڪول جي ڪلاس روم کان ويندي راند روند جي ميدانن تائين .پاڙي اوڙي توڙي گهرن ۾ ۽ گهرن جي اڳيان باغن باغيچن ۾ ڪيڏڻ وقت ڪينيڊين ٻار پنهنجي قومي ايڪي ۽ ايڪتا کي بخوبي برقرار رکن ٿا.

پڪرنگ گالف ڪلب ايريا ۽ ڪريڪ پارڪ سائڊ جي گهاٽن وڻن جي ڇانو ۾ اسانجي پاڙي جا ٻار پنهنجا اسڪيٽ بورڊ کڻي اسڪيٽنگ ڪري ٿڪجي جڏهن ڪچهريون ڪندا آهن تڏهن انهن کي ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. خوشي ان ڪري ٿيندي آهي تہ هو هڪ دلفريب فطري ماحول ۾ اوياريون لنهنواريون .راند

روند سان متعلق ۽ پنهنجي اسڪولي تعليم ۽ آئيندي جي خوابن ۽ ياري باشيءَ متعلق ڳالهيون ڪندا آهن. هڪ پاسي سائيڪلنگ گروپن جا ٻار پنهنجون سائيڪلون ڇپر تي ليٽائي پنهنجو ٿڪ لاهڻ وقت. ڪاڏي پيتي جون شيون پاڻ ۾ ونڊي ورهائي نوش ڪندا آهن. ٻارن جا ڪيترا گروپ ڪريڪ پارڪ سائڊ جي ڪشادي ڇپر جي گرائونڊ تي ساڪربال راند ڪري جسماني توانائي جو صحيح استعمال ڪندي پنهنجي صحت کي صحيح نشونما بخشيندا آهن. گرائونڊ جي هڪ پاسي ڪرڪيٽ راند ڏسڻ وٽان هوندي آهي. جيڪا خاص ڪري هندوستان ۽ پاڪستان جا ٻار پاڻ ۾ گڏجي ڪندا آهن ڇاڪاڻ جو اها راند انهن جي خمير ۾ سمايل آهي مگر هي ڪينيڊين انڊين ۽ پاڪستاني ڄاول ٻار پاڻ ۾ ڏاڍي محبت ۽ يائيچاري وارن جذبن کي اڳيان رکي ڪرڪيٽ کيڏندا آهن.

ويچار ڪرڻ جي وڏي ڳالھ هي آهي تہ هن سموري فطري ماحول ۾ ٻارن جو تعلق ڪهڙي بہ مذهبي. ثقافتي يا ٻولي ڳالهائيندڙ گروپ سان ڇو نہ هجي ٻارن جي روين ۽ يڪ قومي سوچ کان سواءِ ٻئي ڪنهن پاسي ڌيان نہ ويندو آهي. ٻار راند روند ڪندي ضرور هڪ ٻئي کي ناراض ڪندا هوندا. ڪن وٽندڙ توٽي اٽوٽندڙ ڳالهين تي پاڻ ۾ اختلاف بہ ڪندا هوندا. رسندا بہ هوندا مگر مون ڪڏهن هتان جي ٻارن کي پاڻ ۾ تون ڇا تون ڇا ڪندي يا اگهاڙي وات ڳالهائيندي ۽ وڙهندي ناهي ڏٺو. آئون ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ هتان جي ٻارن جو تعلق مختلف رنگ جي نسلن سان آهي مگر هڪ ڳالھ هنن ۾ يڪسان سوچ واري آهي تہ هنهن جي قومي ٻولي انگريزي ۽ فرينچ آهي مگر سڀ کان وڏي ڳالھ تہ هو رڳو ڪينيڊين آهن منهجي خيال ۾ ان قسم جي سوچ هنن جي وڏن ۽ ننڍن کي هڪ قومي سوچ ۽ هڪ قومي ڌاري ۾ گڏجي هلڻ جي سگهہ بخشي ٿي.

❊❊

# اسڪمڊ ملڪ

پاسچرائيزڊ اسڪمڊ ملڪ يعني جراثيم کان پاڪ صاف کير. اسانجي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ مينهن. ڳئن ۽ ٻڪرين جي تازي ڏڌل کير کي واپرائڻ جو رواج گهڻو آهي ٻهراڙي ته ڇا پر شهرن ۾ به تازي يعني فريش ملڪ جي واپرائڻ کي اهميت ڏني وڃي ٿي، مگر دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن ۾ خاص ڪري ڪينيڊا. امريڪا ۽ اولهه اوڀر جي ترقي يافته ملڪن ۾ جيڪي جي سيون ۽ جي ايٽ جي نپي سان دنيا جي سماجي. معاشي ۽ اقتصادي اشارن کي ڦير گهير ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. ۽ دنيا کي پنهنجي آڱرين جي اشارن سان پيا هلائن ۽ نچائن ٿا تن ۾ کير جي استعمال کي انساني تندرستي ۽ صحت جي لحاظ کان وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي ۽ اهڙن معاملن کي پڙ سائنسي اصولن ۽ پيراميٽرس مطابق هلائڻ تي زور ڏنو وڃي ٿو. انهن ملڪن ۾ کير جي اپت ۽ کپت ۽ کير ڏيندڙ جانورن جي پيدائش ۽ افزائش کي هڪ صنعت جو درجو ڏنو ويو آهي. انهن ملڪن جون کير جي پيداوار ڪندڙ فيڪٽريون ۽ ڪارخانه صحت جي اصولن کي اڳيان رکي پاسچرائيزيشن جي فارمولي هيٺ ملڪي ضرورتن مطابق کير جي پيداوار ڪن ٿا بلڪه اهي ملڪ ٻين ديشن ۽ ڏيهن ۾ اقتصادي نقطي نظر کان پنهنجي پيداواري انگن اکرن کي وڌائيندا رهن ٿا.

اسان جي اڳيان کير کي پاسچرائيز ڪرڻ جو طريقو يا اصول ڪو نئون ڪونهي بلڪه اهو اٽڪل 1888ع کان يورپ مان رائج ٿيو. ان فارمولي جي باني لاءِ ٻئي اکر لکڻ ان جي مڃتا جي سلسلي ۾ ضروري آهن. اسان جنهن کي پاسچرائيزيشن ملڪ فارمولي جي نالي سان سڃاڻو ٿا اهو فرانس جي معروف ڪيمسٽري جي پروفيسر ڊاڪٽر لوئس پاسچر جي نالي پنيان

مشهور آهي جيڪو 1822 ۾ يورپ جي ملڪ فرانس ۾ ڄائو هو. ڪيس سائنسي جاکوڙ دوران هن ڳالهه جا ثبوت مليا ته جراثيم جيڪي بيڪٽيريا ۽ وائرس جي روپ ۾ اسان جي ڪاڄ جي ذريعن ۾ پيدا يا داخل ٿي وڃڻنڌڙ ۽ موتمار بيمارين جو سبب بڻجن ٿا اهي جراثيم انساني حيات لاءِ هر وقت هاڃيڪار آهن تنهنڪري کاڌي جي شين کي انهن کان پاڪ ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ڊاڪٽر لوئس پاسچر جراثيم کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي سلسلي ۾ جراحي اوزارن کي مريض جي سرجري ڪرڻ کان اڳ خاص گرمي پد تي تپائڻ جو هڪ اصول وضع ڪيو. هن عام طور تي انساني صحت ۽ سلامتي لاءِ غذائن ۽ خاص طور تي کير کي هڪ مقرر پد تي گرمي ڏئي پروسيس ڪرڻ جو پڻ فارمولو پيش ڪيو. جيڪو ان وقت کان دنيا جي مڙني ملڪن ۾ مروج رهندو پيو اچي. ويهين صدي ۾ اولهه ۽ دنيا جي ٻين ترقي يافته ملڪن جي فيڪٽرين ۾ هن وقت کير عام طور ٻن قسم جي گرمي پدن تي پاسچرائيزيشن جي عمل مان گذري ٿو. هڪ "ايچ.ٽي.ايس.ٽي ." هاءِ ٽيمپريچر شارٽ ٽائم ۽ ٻيو، "يو. ايچ. ٽي" يعني الٽرا هاءِ ٽيمپريچر. اسانجي ملڪ ۾ کير تيار ڪرڻ واريون ڪمپنيون ۽ فيڪٽريون عام طور تي پنهنجي ٽيٽرا پيڪ ڊبن تي يو. ايچ. ٽي جيڪو گرمي پد 280 فيرانائٽ تائين پروسيس انگ کي نروار ڪري ٿو ان جي واکاڻ ڪن ٿيون. پر جن ملڪن ۾ HTST فارمولي تي کير کي پروسيس ڪيو وڃي ٿو ان جو گرمي پد 160 فيرانائٽ تائين رکيو ويندو آهي. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي قابل قبول آهي ته صحت جي نقطي نگاهه کان کير گرم ڪري جراثيم کان آجو ڪري استعمال ڪجي.

اهو اصول پنهنجي جاءِ تي صحيح پر ان سان گڏو گڏ انهن ڊيري فارمن ۽ فيڪٽري ۾ کير کي مختلف گريڊن ۾ صحت ۽

تندرستي جي مقصدن ڪي آڏو رکندي پڻ تيار ڪيو وڃي. اسانجي ملڪ ۾ اهڙن مقصدن پٽاندڙ پڻ کير تيار پيو ٿئي جنهن کي اسڪمڊ ملڪ جي نالي سان وڪرو ڪيو وڃو ٿو. پر ان جو واهپو اتي ۾ لوڻ جي برابر آهي. اسان وٽ اجا فل ڪريم فريش ملڪ استعمال ڪرڻ جو رواج عام آهي. اسڪمڊ ملڪ فيشن ايبل علاقن ۽ سوسائٽين ۾ رهندڙ ماڻهو واپرائن ٿا مگر اتي به رڳو اهي ماڻهو استعمال ڪرڻ ڏانهن راغب آهن جيڪي دل جي بيمارين ۽ ٿولهه جي معاملن کان ڊنل آهن. يا وري جن کي ڊاڪٽر تجويز ڪن ٿا. سنڌ جي ننڍن شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ ماهيو. ڳائو توڙي ٻاڪرو کير رڳو تازي شڪل ۾ واپرايو وڃي ٿو. اهڙن علاقن ۾ پروسيس ملڪ يا اسڪمڊ ملڪ کي ڪو پڇي به ڪونه ٿو. البته ڪي هٿ ٺوڪيون ڪمپنيون چانهه جي مطلب سارو ٽيٽرا پيڪ کير تيار ڪن ٿيون جنهن کي ڏٻي جو کير سڏيو وڃي ٿو. سو گهڻي ڀاڱي چانهه ناهڻ جي نالي ۾ بطور ٽي وائٽنر جي مارڪيٽ ۾ آندو وڃي ٿو ۽ استعمال ڪيو وڃي ٿو. گهڻا ماڻهو ان کي غذائي مطلب کان پيئڻ جا حامي ناهن ۽ نه وري ڪو خوشي سان ان کي پيئڻ جي مطلب سان واپرائي ٿو.

اسانجي وڏن شهرن ۾ جيڪو کير غذائي مقصد کان ٽيٽرا پيڪ ڊيري ملڪ مارڪيٽ ۾ وڪامي ٿو ان جي ڪريم جدا ڪري مختلف گريڊن ۾ تيار ڪرڻ جو رواج گهٽ آهي. امريڪا، ڪيناڊا، يورپ توڙي مشرق بعيد جي ترقي يافته ملڪن ۾ گريڊن ۾ کير واپرائڻ جو رواج آهي ۽ اهي سمورا گريڊ پاسچرائيزيشن جي عمل مان گذاري تيار ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن سمورن گريڊن کي ماڻهو پنهنجي وزن، ٿولهه دل جي بيمارين ۽ جسم جي فٽنيس کي خيال ۾ رکي استعمال ڪن ٿا .

هتي ڪينيڊا ۾ ڊيري فارم ۽ ڪارخانن ۾ جيڪو کير پائسچرائيزيشن ڪري گريڊوائز تيار ڪيو وڃي ٿو. تنهن ۾ ٿي ڏهائي ٻه پنج سيڪڙو فيٽ وارو. رڳو ٻه سيڪڙو فيٽ سان ۽ هڪ سيڪڙو ڪريم وارو عام طور تي مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ آندو وڃي ٿو. جيڪي ماڻهو پاڻ کي ڪمزور ڄاڻن ٿا سي وڏيڪ گريڊ واري کيرکي ترجيح ڏيندي ان کي واپرائن ٿا. جن جي صحت وچولي ۽ بهتر آهي ۽ وري جسم جو تولهه ڏانهن ٻه ڪو رجحان ڪونهي تہ اهي خوشي سان ٻه سيڪڙو ڪريم ڳاڏڙ اسڪم ملڪ واپرائن ٿا ۽ اهو کير پنهنجي فطرت مطابق خوشذائقا ٿئي ٿو. هڪ سيڪڙو ڪريم وارو کيرگهڻو ڄدو ٿو ٿئي ۽ ان جي پيئڻ ۾ ذائقو تمام گهٽ ٿئي ٿو ۽ اهو عام طور گهٽ پاڳي استعمال ٿيندو آهي ان کي ڪچي پيٽ. ڪچي آندي ۽ نظام هاضمي جي ڪمزوريءَ جا شڪار ماڻهو ڊاڪٽرن جي تجويز مطابق استعمال ڪندا آهن. باقي ٿي ڏهائي ٻه پنج کير وڏيڪ ڪريم وارو ۽ وڏيڪ لذت وارو ٿئي ٿو.

منهنجو مشاهدو آهي تہ سڪمڊ پاسچرائيزيشن جي عمل مان گذري تيار ٿيندڙ کير انساني حيات لاءِ نهايت ڪارائتو ۽ مفيد آهي . اهڙي قسم جو کير ڊيري فارمن تي انتهائي نگهداشت ۽ حفظان صحت جي اصولن کي سامهون رکي تيار ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ آئون رڳو ڪينيڊا جي ڊيري فارمن جي ڳالهه ڪندس جن جو ٿورو گهڻو مشاهدو آهي. هن مضمون ۾ جيڪي تصويرون ڊيري فارم جون ڏنل آهن سي منهنجي برادر وڏي سالي مسٽر فهيم جي فارم هائوس جي آمهون سامهون بيٺل مال ۽ ڊيري فارم جون آهن ۽ انجي گهر جي آڳر مان ورتل آهن. مون کي کير جي هن ڪارخاني ۽ بين ڪن ڊيري فارمن جو مشاهدو 2017 کان رهيو آهي. وثوق سان چئجي سگهجي ٿو تہ کير ڏهڻ کان پروسيس تي پيڪ ٿيڻ جي عمل تائين ان کي انساني هٿ ڇهن نٿا. مال کي ڏهڻ

ڪان اڳ انهن کي وهنجاري چارو ڪارائيجي ٿو ۽ ڍهڻ مهل انهن کي مربوط نظام هيٺ هڪ وٿاڻ تي آندو وڃي ٿو مال هڪ ئي وقت قطارن ۾ بيهاري ان کي ڪارندا ايسٽرلائيزڊ هٿن سان هٿن ۾ گلوز پائي کير ڏهڻ واريون ايسٽرلائيز مشينون ٿڻن ۾ لڳائن ٿا ۽ اهڙي طرح انهن مشينن جي ذريعي کير ڏهجي پائپ لائين ڪان ٿيندو وڏي مرڪزي سلينڊرس ۾ جمع ٿئي ٿو جتان پروسيسنگ مشينن ۾ داخل ٿي پاسچرائيزيشن جي عمل مان گذري پنهنجي گريڊيشن جي عمل کي مڪمل ڪري ٿو.

**

# هل تہ پنيوري پٽون بزار

ڪوي ڪشنچند بيوس جو آشيانو جنهن جي اوپر ڏکڻ ۾ ميان جي ڳڙهي قادرين جو پاڙو. گاه پڙي ۽ لاڙڪاڻي جو مڇي مارڪيٽ آهي اتر اوپر پاسي جعفري امام بارگاه محمدايوب کهڙي جو بنگلو ۽ روڊ پار علي گوهر آباد ۽ شاه بهاري جو جوڙايل تاريخي ڪچو قلعو اتان جي ساوڪ پري وڏي وڻراءِ. ميوي ۽ گلن جو مرڪز بهارپور ميراڻين ۽ پٽن جو ڳوٺ. اهي سڀ هن وقت مونکان گهڻو پري آهن.

مان دنيا جي ٻي ڪنڊ ڪيناڊا جي پڪرنگ وادي جي سرسبز گالف ڪلب جي وڏي وڻراءِ ۽ گهاٽن ٻيلن جي سندر باغن جي ساوڪ پري زمين تي ستو پيو آهيان. اپ ۾ منهنجون ديدون نيري آسمان ۾ ڏور اونهاين ۾ ترورن جو پيڇو ڪري رهيون آهن. فضا ۾ پوپٽن جو پرواز. پنيورين جا لامارا ۽ پاسي جي وڻن مان بلبل جهڙيون حرڪتون ۽ لاتيون لونڊڙ پکين جون منڙيون ٻوليون. هيمنگ برڊ جي بانسري جهڙي ٽون جا منڙا آواز ۽ رابن پکين جا ڪبرين سان مشابهہ ٽريڪا ۽ هتان جي چيهن جي سريلي لات منهنجو ڌيان لاڙڪاڻي جي مانواري ماياناز اسڪول ٽيچر ۽ هند سنڌ جي فطرت نگار شاعر ڪشنچند بيوس ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ منهنجي خيال جو پرواز مونکي سڌو علي گوهر آباد جي ملان مسلم پرائمري اسڪول جي بينچن تي وٺي آيو جتي مون پنهنجي ساٿي شاگردن ڪي نظم جون اهي سٽون دهرائيندي ٻڌو..... هل تہ پنيوري پڙون بزار. اوچتو منهنجو ڪنڌ نرم ۽ ريشمي گاه سان لڳو. محسوس ڪيم چپن تي پيل راتوڪي ماڪ ڦڙن مٽي ۾ ملي روح ڪي واسيندڙ سڳنڌ پيدا ڪيو آهي جيڪو دماغ کان ٽيندو دل جي گهراين ۾ هليو ويو آهي جنهن سنڌ جي مٽي ماءُ ۽ علي گوهر

آباد لاڙڪاڻي وارا اهي ڏينهن ياد ڏياري ڇڏيا جيڪي ٻاروتڻ کان ذهن تي چٽيل ۽ اسٽور ٿيل آهن. ڌرتي توڙي هتان جي مٽي. هتان جي وڻن. گاهه ٻوٽن. زمين تي وڇايل ڇٻر. آڪاش تان ڪريل ماڪ ڦڙن جو مٽي ۾ ملياميٽ ٿي جسم کي دوام بخشيندڙ سڳنڌ جتي ڪٿي هڪ جهڙو آهي.

او سنڌ امان، هي سموري ڌرتي، هي سمورو جهان تو جهڙو آهي جنهن تي مان بيوس ٿي تاجل سنڌ جي ٻالڪ جيان چوڻ لاءِ مجبور آهيان سنڌ منهنجي امان. سونهن تنهنجي مٿان ڇا لکي ڇا لکان. هڪ قلم هڪڙو مان. ڪيئن پورو پوان. هي جهان. هو جهان. هو جهان هي جهان. او سنڌ منهنجي امان.

**

# وڻ ۽ انسان

انسان ۽ وڻ جي حياتي ۽ مقدر ۾ ڪيڏي نہ هڪجهڙائي آهي . وڻ جي هٿ نقش يعني پاڳ ريکائن جي پکڙيل ڪيتر تي. نيچ ڳاٽ ۽ اونچ قد ڪاٺ تائين پيٽ ڪجي تہ لڳو لڳ هڪ جهڙا پيد ڪلي سامهون ايندا. وڻ جي هٿ جي ٽيڏين سيڏين ۽ اوپارين لهنوارين ليڪن جو روپ انسان جي هٿ جي اوپارين. لهنوارين. اٽيل. ستل هٿ ڪيتر جي سمورن ليڪن جو نقش جاچي ڏسجي ٿو تہ پلي پانت سمجهہ ۾ ايندو تہ معاملو هڪ جيترو گمڀير آهي. جنم ونڻ بعد وڻ جو ٻوٽو زمين تان لهرون لوڏا ڪائي ائين پنهنجو ڳاٽ سڌو ڪري اٿي ٿو جيئن انسان ڄائو ريڙهيون ۽ بانبڙا پائي لوڏا لهرون ڪائي زمنن تي اٿي بيهي ٿو. جڏهن اهي ٻئي جيو پنهنجي حياتي جي سفر جي ابتدا مان گذرن ٿا تڏهن ٻنهي جي حفاظت ۾ پالنا لاءِ اپاو بہ هڪ جهڙا ونٺا پون ٿا. بالڪ جي کير خوراڪ ۽ وڻن جي ٻوٽن جي خوراڪ پاڻي وغيره جو جيڪڏهن پورو پنو خيال نہ رکبو تہ هڪ هڪ سائت انهن تي گران گذرندي. انهن ٻنهي جي اوسر ۾ اوس اڻ ڳڻيون رنڊڪون پڻ سامهون اينديون. جن ڪي جي سنڀال نہ ملندي تہ ٻنهي جي قد ڪاٺ ۾ فرق ظاهر ٿيندو. اهڙي قسم جي نشونما جي ڦيري ۾ انهن جو سڦل ٿيڻ بہ مشڪل ٿي پوندو، نتيجي ۾ ڪتريون اوٽايون. اهنجايون ۽ اوگڻ پيدا ٿيندا جيڪي انهن جي مقصد حيات جي سلسلي سان لاڳو هٽن جا ڪيترا ليڪا ميساري ڇڏيندا ۽ ائين انساني زندگيءَ جا ۽ وڻ جي زندگيءَ جا لاهہ نڪري ويندا.

ٻئي پاسي جي وڻ ٻوٽي ۽ انسان ساسي ساهہ جي پرورش ۽ پالنا تي توجہ جوڳو ڌيان ڏبو تہ ٻنهي جي زندگي ۽ مقصد حيات کي جوت ۽ جلا ملندي جنهن ڪارڻ جيوت چڪر کي انيڪ فائدا

ملڻ شروع ٿيندا. مثلن مذڪوره جيوت جڏهن خير سان جوان ٿيندا ۽ جي ان وقت وڻ جي جوڀن جا لاپ ڳٽبا تہ چنو ٻڌائيندو تہ وڻ نشونما وٺي پنهنجيون ٻانهون پکيڙي اوسي پاسي جي چوڌاري ماحول ۾ ڇانورو ڪندو ۽ نتيجي ۾ اسان ڪي چڱي طرح ڏسڻ ۾ ايندو تہ هن جي ڇانوري جي دائري ۾ هڪ قدرتي ڪشش هوندي جيڪا جهنگ جهر توڙي رڻ پٽ تان پکي پکڻ ۽ پسن ڪي ڇڪي هنجي هنج ۾ آڻي ڪنو ڪندي. وڻ جي ڇانو جي راحت حيواني توڙي انساني جيوت لاء بي مثل آنند مهيا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ وڻن جي سني قد ڪاٺ ڪيڻ تي ميون ۽ ٻجن جي مهيا ٿيڻ جو ججهو سبب پڻ بڻبو ۽ اهڙي قسم جي اپت انساني ۽ جهنگلي حيات جي خوراڪ بڻبي جيڪا پڻ ان جي مقصد حيات جي معاملن ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿيندي.

وڻ خوراڪ مهيا ڪرڻ جي لحاظ کان رڳو حيات بخش نہ ٿو ڄاتو وڃي بلڪ هو مڙيئي جيوت ڪي پنهنجي قدرتي نظام تحت آڪسيجن مهيا ڪرڻ جو سبب ٿئي ٿو جيڪو پنهنجي پر ۾ حيات بخش آهي. ٻئي پاسي ڏسجي ٿو تہ انسان سونهن جو سر آهي ۽ ڌرتي تي تخليق جي سلسلي جو سبب آهي ۽ ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ هن جو ڌرتي ڪي حسن ترين بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ٿئي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ هو بيشڪ سرموڙ آهي. مگر وڻ هوبهو لڳو لڳ پنهنجي فطرت کان مليل سيني خوبين ڪري ڌرتي جو سروپ ۽ حسن آهي وڻن بنا ڌرتي اڌوري آ. وڻ جي هٿ تي آڪسيجن واري لڪير جي موجودگي هڪ وڏو حيات بخش پندار آهي جيڪو ڪڏهن ڪٽڻو ناهي پر هڪ وڻ جي حياتي بہ انسان جي مقدر جهڙي آهي ٻئي پنهنجي نصيبن ۾ حيات جو دوام نٿا رکن ۽ ڪل شي ذائقہ الموت جي حدن ۾ اچي هڪ نہ هڪ ڏينهن پنهنجو وجود وڃائي ويهن ٿا.

❊❊

# گهاٽي ڇانوَ ۾ ٽڏڙيون هوائون

اسانجي محترم ڳوٺائي دوست پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق انصاري صاحب منهنجي هڪ پوسٽ تي پنهجو خيال ونڊيندي لکيو هو ته اسان جي ملڪ ۾ سيمينٽ جا جبل کڙا ڪيا آهن پوءِ گرمي جو پد ته آسمان کي ڇهندو. بيشڪ ياءَ ڳالهه سورهن آنا سچ لڳي آهي. مون پنهنجي پوسٽ ۾ ڪينادا جي وڻن جي گهاٽي ڇانو ۾ جون جي مهيني ۾ ٽڏڙين هوائن ۽ هيرن جو ذڪر ڪيو هو. يقينن ياءَ اسحاق جي رد عمل جو اشارو ان ڳالهه ڏانهن هو ته سنڌ مان وڻ وڍي ملڪ پٽ ڪري ڇڏبو ته حشر ته اهو ٿيندو. ٽامڻي ته ٻرندي.

اصل ۾ ڇاهي ته اسان پنهنجي پير تي ڪهاڙي هڻڻ جا هاٽي عادي ٿي چڪا آهيون هڪ نه پر ڪل ان ڏنڌي سان لڳل آهيون. پنهنجي ملڪ جا ٻيلا ڪنهن وڍيا. پنهنجي ملڪ جي دريائي ڪنارن وارين ڪيٽين تي ناجائز قبضا ڪري ڪاٺ وڪڻي ڪير مالدار ٿيا. واهن ۽ ڪئنالن تان راتين جو چوريءَ ٽاريون جيڪي انگريزن جي دور ۾ لڳيون انهن کي وڍي دريائي ۽ پاڻي جي وسيلن مٿان بندن جي مضبوطي ۽ واتاورڻ جي ٽڏاڻ کي وڏو ڇيهو پهچائڻ ۾ ڪنهن ڪثر نه ڇڏي آهي ۽ نئي ڪوئي پلو مانس پنتي رهيو اهي وڻ سرڪاري املاڪ هئا. ٻيلا ۽ جهر جهنگ به سڀ ملڪي املاڪ آهن . جن کي نقصان پهچائڻ جو ڪنهن کي ڪو حق ڪونهي.

ملڪ جي گرمي پد کي مٿي ذڪر ڪيل ٻيلن. جهنگلن جي وڻڪار جي موجودگي ملڪ مان تابمان کي گهٽ ڪندي هئي. انگريز سرڪار جي زماني ۾ چوريءَ وڻ وڍڻ جي ڪنهن کي جرئت ڪا نه ٿيندي هئي. ايتري قدر جو دڳ ۾ ڪريل ريلوائي ڪاٺي جي فش پليٽ يا ڪلي ڪانيءَ کي به ڪو ڇهندو ڪو نه هو.

.... ڪينادا ۾ ٽڏڪار آهي جهنگ جر ساوا لڳا پيا آهن. ڍنڍيون جهيلون وڏي وڻڪار سان ساوِن لڳيون پيون آهن. روڊ رستا. گهر

گهٽيون. حالانڪ گهرن اندر به ماڻهون گل ڦل ۽ ٻوٽا رکي پنهنجن گهرن کي ٿڌو ۽ گل گلزار ڪن ٿا.

هتي ڪيناڊا به وڪٽوريا ۽ الزبيٿ جي حڪومت رهي آهي اسان انگريزن کان مڪمل آزادي ورتي پر هتي ته هر شهري ۽ پارليامينٽ راڻي جي وفاداري جو حلف هاڻي به کڻي ٿي تنهن هوندي به هي ۽ هنن جا نسل ڪيئن اهڙا قدم نٿا کڻن جنهن سان ملڪ جي املاڪ ۽ ذريعن کي نقصان پهچڻ جو امڪان هجي. اسان مڪمل آزاد آهيون مگر اوترو ڇڙواڳ آهيون. مون هتي لڳايل پوسٽن ۾ هڪ تصوير اهڙي لڳائي آهي. جنهن ۾ جهنگ ۾ پائن جو وڏو وڻ ڪريو پيو آهي. اتي ان وڻ جو ڪاٺ سالن کان پيل آهي مجال آهي ڪنهنجي جو ان کي پنهنجي ڪنهن مقصد جي پورائي لاءِ ڪلهو ڏي. هتي جي سرڪار جا سخت قانون ٺهيل آهن انهن تي عمل درآمد به اوترو سختي سان ٿيندو آهي. وڻ وڍڻ ته پري جي ڳالهه ڪو ڪريل وڻ کي چوري پري ڪري رکي نٿو سگهي، اهڙين حرڪتن تي وڏا ڏنڊ رکيل آهن. هتي ڪو بنا لائسنس جي ماڻهو ڪنهن جانور. مڇي يا پکي پکڻ جو شڪار نٿو ڪري سگهي. ٻيلن ۾ وڻ جتي ڪرندو اتي سڙي ڳري زمين جو ڪاج ٻڻجي ويندو. اهو هتان جو قانون آهي ۽ اهي ئي هتان جي ماڻهن ۽ سرڪار جا رويا آهن پوءِ ڇو ڪونه جهر جهنگ. ٻيلا وسيون ۽ وهاڻ ۽ گهر گهٽيون سرسبز رهندا. ۽ ملڪ جو درجو حرارت ٿڌڪار ۾ بدلجندو. اسان کي به جي پنهنجي ملڪ کي سائو سبز ۽ ٿڌو رکڻو آهي ته ملڪ ۾ پلي سيمينٽ جا پهاڙ ملڪي ضرورتن جي پيش نظر اڏيا وڃن پر پنهنجي ملڪ. پنهنجن گهرن گهٽين ۽ اوڙي پاڙي کي سائو ڪرڻ لاءِ پنهنجيون عادتون ۽ پنهنجا رويا مٽائڻا پوندا. حڪومت کي سخت قانون نافذ ڪرڻا پوندا نه ته ملڪ ٿڌو ڪونه ٿيندو. برساتون ۽ مينهن ڪونه پوندا جي ائين نه ٿيو ته پوءِ فصلن جي گهٽ پيدا پيداوار. آڪسيجن جي ڪمي. بک ۽ بيماري اسانجو مقدر پئي ٿيندي رهندي.

**

# پکين جو پيار

صبح جو ٿڌڙي هير گهلڻ وقت اکين ۾ آب زم زم جا قطرا اوتيندڙ جهيل جا روح پرور نظارا دل تي آب حيات جهڙو اثر پيدا ڪن ٿا. جنهن گهر ۾ اسين مقيم آهيون. تنهن جي بيڪيارڊ ۾ هڪ سهڻي نيرنگي ڊنڊ آهي جنهن کي پڪرنگ گالف ڪلب جي سر سبز پائن ۽ ميپل جي گهاٽن وڻن ۽ چراگاه جي وچ مان وهندڙ هڪ ننڍو واهه سيراب ڪندو رهي ٿو. هن پاڻي جي ڪشادي قدرتي ذخيري جي هڪ پاسي مسلم. مسيحي ۽ عبراني نسل جي ماڻهن جو گڏيل قبرستان آهي جنهن ۾ پڻ ساڳي واه مان ڪسي جي صورت ۾ پاڻي وهي اچي هڪ تلاءَ ٺاهي ٿو. قبرستان جي انتظاميه هن تلاءَ مان ٻن خوبصورت ڦوهارن ذريعي پاڻي کي پري پري تائين پکيڙي هن ويراني ۾ هڪ دلڪش منظر ۽ ماحول ٺاهي ڇڏيو آهي. ڪينيڊا ۾ اٺ مهينا سخت سردي. برفاني طوفان ۽ مسلسل ٿيندڙ برفباري ڪري زمين ۾ پاڻي جي ليول مٿاڇري تائين رهي ٿي. سانوڻ جي مند ۾ ٻه هتي هلڪي هلڪي برسات جاري رهي ٿي تنهنڪري قبرستان ۽ ان جي چوڌاري اکين ٺار ساوڪ رهي ٿي. قبرن جي مهڙ وارين ننڍين دڪين تي نيم پليٽ ۽ رجسٽريشن نمبر ٻه پڪڙيل سائي گاهه جي ڪري مشڪل سان نظر ايندا آهن. قبرستان ۾ ترتيب سان لڳل ميپل. پائن ۽ سرو جي خوبصورت وڻن کان علاوه ڪيترا خودرو ٻوٽا ڦٽن ٿا جن ۾ ليار ۽ جهنگلي ٻيريون وغيره جام ٿين ٿيون جن جي ساوڪ ۽ ميوي تي ڇيها. رابن. جهرڪيون آبابيل ۽ بلبلن جهڙا پکي اچي پنهنجا آکيرا ۽ آشيانه ٺاهين ٿا جنهن جي ڪري قبرستان ۽ اوسي پاسي جو ماحول گهڻي ڀاڱي قدرتي ۽ دلنشين لڳي ٿو.

ڍنڍ جي الهندي چيڙي تي خوبصورت ٽائون هائوسز ۽ بنگلن جون قطارون آهن جن مان هڪ قطار هن قدرتي ڍنڍ جي ڪناري تي آهي جنهنجي سامهون منهنجي ڪمري جي دري کلي ٿي. ڪمري جي پر ۾ لونگ روم آهي جنهن جي گيلري مان اسان گهر جا ڀاتي هر وقت ڍنڍ تي لهندڙ گيز (ڳاڙهي چهنب ۽ منديءَ واريون اڏامندڙ ڪاري رنگ جون بدڪون) ڪائنيرن. ۽ ٻين پکين جو نظارو ڪندا رهندا آهيون. اسانجي گيلري ۾ چانهن پيئڻ جي لاءِ ٽيبل ڪرسون ۽ آرام ڪرسيون رکيل آهن. فجر جو سوير اٿڻ ڪري مونکي پنهنجي لاءِ چانهن پاڻ تيار ڪرڻي پوندي آهي. جنهن جو لطف وٺڻ لاءِ آئون گيلري ۾ اچي ويهندو آهيان ۽ صبح جو ساجهر اٿندڙ پکين جون مٺيون لاتيون ٻڌي پنهنجي دل وندرائيندو آهيان. ڪينيڊا ۾ هن وقت سانوڻي شروع ٿي چڪي آهي ۽ پرڏيهه هجرت ڪري ويل پکيئڙا هتي جي فضائن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتي جي برفيلي مند ۾ زندگي گذارڻ وارن پکين مان مونکي جنوبي ايشيا وارن پکين جي جنسن مان پنهنجي ديسي جهرڪي. ابابيل. ٻيرا ۽ ڪبوتر نظر پيا اچن. جهرڪين جي ٻچن ڏيڻ جي مند آهي ۽ ابابيل ٻه انهي ڪم ۾ رڌل آهن. هفتي کن کان اسان جي گيلري جي ڇت ۾ انهن ٻنهي پکين جي لامارن ڏيڻ. آکيرا ۽ گهرن ناهڻ جي جدوجهد لڳي پئي آهي. ڪورونا جي ڪري انسان اڪثر گهرن ۾ آهن. في الحال منهنجو ٻه گهران نڪرڻ گهٽ ٿي چڪو آهي ۽ منهنجو اڪثر وقت گيلري مان نظارا ڪندي گذرندو آهي.

اسان جي پڪرنگ ويلي ۾ ٻن هفتن کان هلندڙ ڦڙ ڦڙ جي نتيجي ۾ ارد گرد جي ماحول ۾ پاڻي جا ڊبا پرجي چڪا آهن. ابابيل اوسي پاسي پاڻي جي ڊٻن. ڍنڍن ۽ ڍورن جي ڪنارن تان آلي مٽي پنهنجي چنهنبن ۾ کنيو ڇت جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجو گهر اڏي رهيا آهن. ابابيل جي گهرن اڏڻ وارو ڪم بلڪل ائين آهي

جيئن سنڌ جي قديم اوڏ قوم ڪندي آهي. مسلسل هڪ هفتو مان وڏي دلچسپي سان ابابيلن جي گهر اڏاوت جي ڪم ۽ هنر ڪي پئي واچيندو رهيس. نر ٻاهران مٽي آڻي پيو ۽ مادي پنهنجي هنر ۽ نفاست سان وڏي پائداري جيڏو گهر ڇهن ستن ڏينهن اندر تيار ڪيو ۽ مٿين پاسي ڪان ٻن انچن جيترو سوراخ ڇڏي ڏنو. جنهن ڏينهن ابابيلن گهروندي اڏڻ جو ڪم پورو ڪيو ان ڪان ٻه ڏينهن پهريان اسانجي گيلري ۾ جهرڪين جي هڪ جوڙي پنهنجي اچ وڃ شروع ڪري ڏني هئي. جڏهن گهر بلڪل خشڪ ٿي ويو تڏهن ڇا ڏسان ته جهرڪيون پنهنجي چنهنبن ۾ ڪک ڊوئينديون ويون ابابيلن جي گهر ۾ سٽينديون. مونکي اچي خوف ٿيو ته هاڻي ان داداگيري ۽ قبضي گيريءَ خلاف ضرور مذاحمت ٿيندي. جهيڙا ٿيندا جهڳڙا ٿيندا ۽ ٽريڪا مچندا مگر آئون هن وقت تائين محو حيرت آهيان ته ٽن چئن ڏينهن جي محنت سان جهرڪين پنهنجي ٻچن لاءِ مٽي جي پائداري ۾ هنڌ بسترو به تيار ڪري ڇڏيو مگر ابابيلن جو ڪو پتو ناهي ته ڪيڏانهن هليا ويا. گهر جي قبضي تي نه ڪنهن قسم جو ٽريڪو متو نه ئي پکين وچ ۾ ڪا جنگ لڳي. اهڙي طرح گهر جي ٻاهران ٽن پاسن کان ڇت ۾ ابابيلن مٽي جا گهر اڏيا ۽ انهن سيني گهرن کي مڪمل ڪري جهرڪين جي حوالي ڪيو ۽ جهرڪين انهن ۾ پنهنجا آنا لاٿا آهن. خبر نٿي پوي ته ابابيل جهرڪين کي آڪيرا ناهي ڏيڻ لاءِ سروس پرووائيڊر جو ڪم ڏين ٿا يا اهو پکين جو پاڻ ۾ پيار آهي جيڪو هو پاڻ ۾ ايڏي وڏي محنت ۽ قرباني سان نڀائن ٿا. اسان ڪان وڌيڪ ان ڪم ڪارڪي نيچر وڌيڪ سمجهي ٿي ۽ اسانجو عقل اتي اچي دنگ ٿي وڃي ٿو.

**

# ڪينيڊين هيرو رابرٽ يوجين والس

سماجيات مضمون ۾ انساني روين کي وڏي اهميت حاصل آهي. نسلن جي سڃاڻ ۽ قومن جي ترقيءَ جو دارومدار پڻ قومن جي اهڙن روين ۾ پوشيده هوندو آهي جن کي وقت جا مفڪر. ساجاهه وند. تاريخ نويس ۽ مصنف پنهنجي قلم جي ڪاوش سان قرطاس تي آڻيندا رهندا آهن. سنڌ سماج جي وڏن شهرن ۾ پنهنجي جوڌن. دودن. دليرن قومي ڪارڪنن ۽ پنهنجي حقن لاءِ غاصبن ۽ ظالمن سان مهاڏو اٽڪائيندڙن قومي سماجي خادمن جي ڪارنامن جي مڃتا لاءِ واکاڻ ڪرڻ جو رواج ورهاڱي کان اڳ نظر اچي ٿو. ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۽ حيدر آباد جي چونڪن تي. علاوه ازين اسپتالن. اسڪولن ۽ پبلڪ پارڪس وغيره ۾ انهن جا يادگاري پتلا بطور مونامينٽ نصب ڪيا ويندا هئا. پر سنڌ جي انهن شهرن ۾ جن ۾ مسلم افڪار رکڻ وارن جي اڪثريت هوندي هئي اتي يادگاري پتلن لڳائڻ کان پاسو ڪندي مڃتا طور پٿرن تي پنهنجي قومي جوڌن جي خدمات جي واکاڻ لاءِ تحريرون آويزان ڪيون وينديون هيون. ڳالهه مڃبي تہ انگريزي دور حڪومت ۾ يادگاري پتلن کڙي ڪرڻ جو رواج وڌيو اهو بہ رڳو وڏن شهرن جي حدن تائين قائم هو.

قومن جو پنهنجي هيرن. جنگي مجاهدن. شهيدن، غازين ۽ قومي خادمن جي مڃتا وارو رويو نهايت قديم آهي. اسلام کان اڳ يوناني ۽ رومي توڙي پرشين قومون ان ڏس ۾ دنيا جي ڪيترين قومن کان اڳڀريون نظر اچن ٿيون. قديم روم ۽ گريس جا چونڪ. عمارتون انهن جا مرڪزي آڳر اڱواڙا. ڪندون ڪڙڇون ۽ شهرن توڙي ڳوٺن جا چپا چپا اهڙن آرٽيفيڪٽس سان مزين نظر اچن ٿا ۽ اهڙيون شاهديون مطالعي ۾ اچي چڪيون آهن. فرانس، روس، اسپين. برطانيا ۾ قديم دور ۽ انقلابن ۽ عظيم عالمي جنگين

دوران قومي روين ڪي جوت بخشيندي اتان جي ماڻهن پنهجي جوڌن جا اڻڳڻيا يادگار شهرن جي چونڪن ۾ نصب ڪيا.

هندوستان جي قومن ۾ بہ اهڙا رواج ۽ رويا عام جام هوندا هئا. ان ڏس ۾ هندوستان جي تاريخ يونان ۽ روم ڪان بہ قديم پئي ڏسجي. اشوڪا جوڌي جو دور ان جي فتوحات ۽ ڪارنامن ڪي مجتا طور ان جا فرمان. قانون ۽ حڪم ناما پٿرن تي اڪيري لکيا ويندا هئا ۽ انهن کي شهرن اندر ۽ سلطنت جي سرحدن تي نصب ڪيو ويندو هو جن جي شاهدي تاريخ جي مطالعي ڪرڻ سان بخوبي ملي ٿي. ان ڪان گهڻو اڳ پٿر جو دور گذريو آهي تنهن زماني ۾ غارن ۽ غفائن ۾ رهندڙ انسانن منجهہ بہ اهڙن روين جو اپياس ملي ٿو ۽ پروڙ پوي ٿي تہ هو پنهنجي ويڙهاڪن ۽ شڪار جي ماهر جوڌن جون غارن ۾ تصويرن جي اڪر مجتا طور ڪندا هئا ۽ پينٽنگ ذريعي بہ پنهنجن اهڙن روين جو اظهار ڪندا هئا. غارن تي ڪم ڪندڙ ۽ آرڪيالاجي جي ماهرن کي دنيا ڀر جي غارن مان اهڙي قديم ڪلچر جا اڻ ڳڻيا اهڃاڻ ملن ٿا جيڪي تاريخ جي شاگردن جي مطالعي مان پيا گذرندا رهن ٿا.

تازو مونکي ڪيناڊا جي ڊرهم ريجن جي براق ٽائون مان لنگهندي هڪ ڳوٺڙي ڪيننگٽن جي گهمڻ جو موقعو مليو. ڳوٺ جي ٻاهران روڊ تي بورڊ نصب ٿيل هو جنهن تي هڪ تصوير نگار ڪلاڪار رابرٽ هومس جي واڪاڻ جو نوٽ لڳل هو. جيڪو موصوف 1861ع جي زماني جو هو. مون فرحان کي ان ڏانهن ڌيان ڇڪايو. جنهن وراڻيو تہ بابا اهو گوگل تي سرچ ڪيون ٿا. اسان گاڏي هڪ نندي واهہ بيور رور جي ساڄي ڪپ تي گهاٽن وڻن جي ڇانو ۾ بيهاري سين . ٻن منٽن جي ڇڪاس ڪان پوءِ معلوم ٿيو تہ ميل اڌ جي پنڌ تي رابرٽ هوم جي مجتا ۾ سندس جاءِ پيدائش تي هن جي تخليق ڪيل شاهڪارن جي نمائش لاءِ ميوزيم قائم ڪيو ويو آهي. پنجن منٽن اندر اسان ڪيننگٽن ۾ داخل ٿياسين. ميوزم جي جاءِ تي پهتاسين تہ خبر پئي تہ ڪورونا وائرس جي ڪري

ميوزم گذريل ڇهن مهينن کان بند ڪيو ويو آهي. بهر حال ڪميونٽي سينٽر مان معلوم ٿيو ته پنهنجي وقت جو معروف پينٽر رابرٽ هوم تصوير نگاري جي فن جو ڪو رواجي پينٽر ڪو نه هو بلڪ هو نقَ ٻهراڙي جو باشندو هوندي ٻه اونٽوريو اسڪول آف آرٽس ۽ رائل ڪاليج آف آرٽس جو فارغ تحصيل طالب علم هو. آرٽ جي فن جي لحاظ کان هو واٽر ڪلرس جو وڏو ماهر سمجهيو ويندو هو ۽ سندس ڪم جو مخصوص ميدان وائلڊ ڦلاورس جي حسن جي واکاڻ ڪرڻ هو.

ڪيننگٽن ڳوٺ جي قديم تعميراتي فن ۽ ڊزائن جي ڪشادين جاين جيڪي اسٽيٽ گيسٽ هائوسن وانگر پيون لڳن تن جي وچ مان نڪرندڙ روڊن جي ٻنهي پاسن جي ڇانو مان جولاءِ جي مهيني ۾ گذرندي ائين پئي محسوس ٿيو جڻ اسين ڪنهن ايئرڪنڊيشن روڊ تان لنگهي رهيا آهيون. اسان سان گڏ فيملي ۽ ٻار هئا جيڪي هن حسين ماحول مان پڻ خوب لطف اندوز ٿي رهيا هئا . بيور ڪئنال جي ڪاٻي پاسي ايندي اسين هڪ اهڙي چونڪ تي پهتاسين جتي پهرين جنگ عظيم جي زماني جي هڪ فوجي بيرڪ هئي جنهنجي اڳيان چونڪ جي مرڪز ۾ مجتا طور جوڏي ميجر رابرٽ يوجين والس جو وڏو پتلو آويزان هو. يوجين والس جي بايوگرافي جو مختصر مطالعو ڪيوسين ته معلوم ٿيو ته هو 1892ع ۾ ان ننڍڙي ڳوٺ ڪيننگٽن ۾ ڄائو هو ۽ هن جوڏي پهرين عظيم جنگ ۾ پنهنجي ملڪ جي طرفان وڙهڻ لاءِ ڪينيڊين انفينٽري ۾ نياگرا ڪيمپ کان حصو ورتو هو مگر چوويهن سالن جي ڦوهه ڄمار ۾ اپريل 1917ع ۾ وڏي بهادري سان وڙهندي ملڪ تان قربان ٿي ويو.

❋❋

# پپو يار تنگ نہ ڪر

ايسٽ پڪرنگ ديوي مندر کان تقريبن پنج ڪلو ميٽر پنڌ پري پڪرنگ جي قديم آبادي گرين ووڊ جي علاقي ۾ وڃڻ ٿيو. دراصل ٻن ٽن ڏينهن لاءِ منهنجو سالو مونکي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ وٺي ويو هو. هن جي گهر جي رستي ۾ پڪرنگ جو پراڻو ميوزيم ۽ پڪرنگ وليج پڻ آهي. پنهنجي گهر وٺي وڃڻ کان اڳ هن مونکي پراڻي پڪرنگ وليج گرين ووڊ جو طائرانا سير ڪرايو. سڄو علائقو جهنگ هو. گهاٽن وڻن جي ڇانوري ۾ پراڻي طرز جا بنگلا هئا انهن بنگلن جي اڳياڙ ۽ پڇاڙ ۾ هڪ هڪ ايڪڙ جيتري زمين خالي پيل هئي جنهن ۾ سايون ڀاڄيون پوکڻ. جانور پالڻ ۽ گاڏين جي لاءِ گيراج جي گنجائش موجود هئي. اهي پراڻيون عمارتون مونکي ائين پئي لڳيون ڄڻ ڀوتخانہ آهن.

هالوين ۽ ٿينڪس گونگ جي ڏينهن جي ڪري ماڻهن گهرن جي ٻاهرين حصن، وڻن ۽ وڻن جي ٽارين ۾ جنن، ڀوتن، ڇڇرن الن، ڇمڙن ۽ مرتيو ٿيل ماڻهن جا بنا ممي نقلي لاشا ٽنگي رکيا هئا جن کي ڏسي روح ڪنبيو وڃي. ان علاقي جي وچ جهنگ ۾ 1770ع جي زماني جي هڪ ڪليسا بہ موجود هئي جنهنجي گرد ۽ نواح جو ماحول هڪ ڀوائتو منظر پيش ڪري رهيو هو. جڏهن نندڙي سالي جي گهر پهتس تہ ان گهر جو بہ ساڳيو رنگ ساڳيو روپ هو. رات جي ماني کائي اسان پنهنجي پنهنجي ڪمرن ۾ هليا وياسين. گهر ڇاڪاڻ تہ جهنگ ۽ ٻنين جي وچ ۾ هو تنهنڪري مون کي ٿورو ڪي گهڻو خوف پئي ٿيو. حالانڪ منهنجي ڊڄڻ ڪرڻ جي عمر ڪانہ هئي پر دماغ تي علائقي جا اثرات ڪجهہ اهڙا پئجي چڪا هئا. هڪ تہ مونکي اها بہ ڄاڻ هئي تہ هي گهر بہ ڪنهن جهوني گوري جوڙي جي ميراث هو جيڪو منهنجي سالي خريد ڪيو هو.

منهنجي خيال ۾ اچي وينو ته هتي جنن ڀوتن جي رهائش يا ڪا ڪيد بازي ضرور هوندي. بهر حال دعائون. دم ۽ درود پڙهي ويهاڻي ۾ منهن هڻي سمهي پيس. رات جو اڌ رات ڪان پوءِ ڪنهن جهنگلي ڪئي جي ديوار تي رهڙا پائڻ جي آواز تي منهنجي ننڊ ڦٽي وئي. رات جي ساڳي پهر ۾ گند ڪچري جي ڊرمن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون ڳولهڻ ڦولهڻ لاءِ ڪتي جيڏو جانور رڪون پنهنجيون ڪارروايون ڪندي وڏا ڪڙڪا سڙڪا ڪيا. وڏي مشڪل ۽ ڪراهتي حالتن سان تڏهن دوچار ٿيس جڏهن بدبخت جانور اسڪنڪ گهر جي ٻاهرين بدبودار مادي ڪي وڏي ماترا ۾ خارج ڪندي ٻٽي فائر ڪيا. بس پوءِ ته سڄو علاقو ڪٽرستان ٿي پيو.

هاڻي ننڊ ڪير ڪري. جاڳي جاڳي ڪنهن سمي اوجهراڪين ۾ هوس ته ڇا ڏسان ته ڇت وارو پکو لڏندي نظر آيو. آرميچر وارو حصو جنهن ۾ پر لڳل هوندا آهن اهو سڄو جو سڄو روشن ٿي ويو پيو وڃان چادر ڇڪي منهن تي پاتم. لمحو ٻه رکي آهستي آهستي چادر سيري پري ڪري جائزو ورتم ته پکي جا ٽن بدران پنج پنج پر پيا نظر اچن . دل پئي چوي ته پنهنجي سالي ڪي اٿاري پڇان ته هن پکي جا ٽي پر آهن يا پنج پر. گهڻي رات گذري چڪي هئي بس ڇا ڪيم جو چادر سان منهن ويڙهي سيڙهي قل پڙهي سمهي رهيس پوءِ خبر ناهي ته ڪهڙي وقت ننڊ اچي وئي.

**

# اچا ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي

ڪاظم ۽ مان محمد اسماعيل کي قرآن حڪيم جي تعليم ڏيارڻ لاءِ عثمان اسلامڪ سينٽر پڪرنگ ۾ ڇڏي موٽي رهيا هئاسين تہ موٽندي مهل ڪاظم کي ياد پيو تہ برفباري جي مند کان اڳ ۾ گهر ۾ لوڻ جو اسٽاڪ ڪجي. هو مونکي چوڻ لڳو ادا ”اسان کي لوڻ خريد ڪرڻ لاءِ بروڪلن شهر هلڻو آهي.“ مون وراڻيو جي باسم الله پرچاڪاڻ....هن ٻڌايو ”اسان پنهنجي گهر ۾ کوه جو پاڻي استعمال ڪندا آهيون جيڪو ڳرو هجڻ ڪري بنا سافٽ ڪرڻ جي ڪنهن بہ استعمال ۾ نٿا آڻي سگهون. تنهنڪري ان کي هارڊ مان سافٽ ڪرڻ لاءِ خاص قسم جو لوڻ وجهڻو پوندو آهي.“

مون پڇيومانس تہ، ”اهو لوڻ کوه ۾ وجهندئو.“ وراڻيائين، ”نہ گهر جي اندر پاڻي جون ٽنڪيون آهن جن ۾ موٽر ذريعي کوه مان پاڻي ڇڪي انهن ۾ پريندا آهيون ان ٽانڪي ۾ لوڻ وجهندا آهيون . ٽانڪي هڪ ليباريٽريڪل سسٽم سان جڙيل آهي ۽ اهو سسٽم ڳري پاڻي کي ٽريٽ ڪري هلڪو ۽ سافٽ ڪري پيئڻ لائق بڻائيندو آهي.“

ڪلاڪ ڪن ۾ اسان بروڪلن شهر جي مضافاتي ٻهراڙي جهڙي علائقي مان گذري رهيا هئاسين جتي مونکي گهوڙن جا پالنا گهر، تنبيلا ۽ واڙا نظر آيا. باقي ارد گرد مڪئي ۽ صوفن جا فصل تيار بيٺا هئا. زمينن جي ٻارين ۽ ٻنن تي ٻُهَ ۽ سڪل گاهہ جون ٻنڊون پيون هيون ۽ انهن زمينن ۾ جابجا پراڻي ڪاٺ جا گودام نظر اچن پيا. انهن پراڻن گودامن ۾ ڪي اهڙا گودام بہ ڏسجن پيا جيڪي صدي ڏيڍ پراڻا پيا لڳن ۽ پيجي ڦٽو ڪرڻ جهڙا هئا. انهن مان ڪيترا تہ مونکي زمين بوس نظر آيا. مان انهن کي غور سان

ڏسي رهيو هوس ته ڪاظم مونکي ٻڌايو ته، ادا اهي ڪريل گودام هتي وڏي قيمتي وٺ آهن ۽ هتي انهن گدامن جي ڪاٺ کي reclaimed يا born wood سڏيو ويندو آهي، مگر اسان جي ملڪ ۾ اهڙي ڪاٺ کي Dead Wood ڪونيو ويندو آهي. ايسٽ ۽ ويسٽ جي سوچ ۽ سينس آف لونگ جي وچ ۾ ڪيڏو فرق آهي. اهڙي ڪاٺ جو ملهه نئين ڪاٺ جي ملهه کان گهٽو متي رهي ٿو. چاڪاڻ ته ان ڪاٺ پنهنجي مٿان ورهين جا ورهه سج جو تيک .برساتون جي مار ۽ طوفانن جا قهر سنا آهن ۽ هاڻي اهو ڪاٺ فولاد ٿي چڪو آهي. مهانگي نيلامي ۾ نيلام ٿيڻ ڪان پوءِ ان ڪاٺ جي متاڇري کي چلي ان مان مختلف آرٽيفيڪٽس تيار ٿين ٿا جيڪي گهٽو جٽادار ٿين ٿا. تنهنڪري اهڙا آرٽيفڪيٽ يا تيار ٿيل آرٽ جا نمونا ماڻهون خريد ڪري پنهنجا ڊرائنگ روم ۽ گيلريون سينگارين ٿا. هتي ماڻهون پنهنجي دماغ کان ڪم وٺن ٿا ۽ دماغ کي استعمال ڪري مٽي مان سون بڻائين ٿا.

ڳالهه هلي پئي بروڪلن شهر مان لوڻ جي خريداري جي. ٻهراڙي جهڙي ماحول ۾ روڊ کان سو ميٽر هيٺ گاڏي لاهي اسان دڪان جي هڪ پاسي ڪليل دروازي جي اڳيان وجي بيناسين. ماحول ۾ چوڏاري ڪڪڙون کون لڳي پئي هئي اوسي پاسي نه ماڻهون نه چيٽو. دڪان جي در کي ٻاهر چڪيوسين کلي پيو. اندر گهڙياسين ڪائونٽر تي بيٺل هڪ خوبرو گوري چوڪر مسڪراهٽن جي ورڪا ڪندي آجياڻا الفاظ استعمال ڪيا. ڪاظم ڪيس لوڻ جي پندرهن ٻاچڪن جو آرڊر ڏنو هن ڪلڪيوليٽنگ مشين تي حساب هٽي پئسا ٻڌايا.

پيمينٽ ڪريڊٽ ڪارڊ جي ذريعي ٿي وئي. دڪان ۾ موجود شين جو جائزو وننڊي ڪاظم گوري چوڪر کان هڪ اڌ شي جي معلومات ڪئي. انهن شين کي گوري چوڪر نه رڳو ڪباٽ مان

ڪڍي ڊيڪاريو بلڪ انهن جي ڊمانسٽريشن پڻ ڪري ڏيکاري. دڪان ۾ هينڊل وارا نڪلڪا، گيس جا سلينڊر، پاڻي جي ٽريٽمينٽ جا ننڍا وڏا پلانٽ، ڪيميڪل ۽ انيڪ قسم جا پمپ ۽ پائپ وڪري لاءِ رکيل هئا. بهر حال اهو سڀ ڪجهه ڏسي دڪان مان نڪري گودام واري حصي ۾ وياسين. سيلز گرل پنيان آئي ته ٻيو ڪو هيلپر يا ويهن ڪلو جي ٻاچڪن ڪي لوڊ ڪرائڻ وارو ڪو ڪارندو. اپني گهوٽ ته نشا هو ويئي. وارو ڪم ڪرڻو پيو. ڪاظم پندرهن ڪتا لوڻ جا پاڻ ئي گاڏي ۾ لوڊ ڪيا ۽ گاڏي اسٽارٽ ڪندي چيو "ادا ڏنئي هتان جي ماڻهن جو ڀروسو. جي ان گودام مان اسان هڪ اڌ ٻوري هيڏي هوڏي ڪريون ته هنن کي ڪا خبر ڪانه پوندي. پر هتي سالن پنيان ٻه ڪو ماڻهو اهڙي حرڪت ڪرڻ جو تصور ڪري نٿو سگهي ۽ نه ئي وري سوچي سگهي ٿو. گورو هجي چاهي ڪارو يا هجي براؤن. سڄو ڪم اعتبار تي پيو هلي. توهان ڏٺو ته سيلز گرل هن جهنگ جهڙي سنسان علائقي ۾ اڪيلي اسٽور ۾ ڪم پئي ڪري ۽ اسان جي ٻورين جي ڳڻپ يا چيڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر اچڻ جي به هن زحمت نه ڪئي . ڏسو هتان جي تجارت ڪيئن پئي هلي."

مون ورياڻيو، "با با اجا کي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي."

**

# جنين ڏاند نہ ٻج

ڊرائنگ روم جي دري کان ٻاهر برفاني فضا جو نظارو ڪري رهيو هوس تہ گهر جي بالڪوني ۾ ڪنهن شي جي ڪرڻ جو ڪڙڪو ٿيو. صوفي جي پرسان اچي بالڪوني ۾ واجهايو تہ منهنجي نظر هڪ سرخي مائل رنگ جي پکي ڳيري تي پئي. ٻاهر برفاني طوفان جاري هو . آسمان سڄو لڙياٽيل هو ڪيناڊا جي فضا ۾ نہ ڪانگ هو نہ ڪانئر هو نہ ڪبر ۽ نئي ڪو طائر پئي نظر آيو. مون کي خيال آيو تہ هي ڳيرو پکي پنهن جي جان بچائڻ لاءِ اچي بالڪوني ۾ ڪريو آهي. شيشي جي دروازي مان جهاتي پائي جائزو ورتم محسوس ٿيو تہ ڳيرو پنهنجي اڏامڻ جي سگهہ وڃائي ويٺو آهي .

دل ۾ احساس جاڳيم تہ ڪيناڊا جي محڪمي موسميات ٿي ڏينهن برفاني ڪپھ ڪرڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي سو هن پکيءَ جي بچڻ جو ڪو امڪان ڪونهي. تنهنڪري هن پکي کي جيئدان ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ هن کي پڪڙي ٿي ڏينهن ڪن پاڻ سان گرم ڪمري ۾ رکي داڻو پاڻي ڪارائجي. ڊرائنگ روم جو دروازو کولي بالڪوني ۾ وڃڻ بہ منهنجي لاءِ هڪ مسئلو هو. پهريون تہ گرم ڪوٽ، ٽوپلو ۽ پيرن ۾ برفاني بوٽ پائجي. ٻيو هٿ ۾ هڪ وڏي چادر کڻجي تہ جيئن ان پکي جي مٿان اڇلائي ڪيس جهلجي. سو همت ڪري گرم ڪپڙا ۽ بوٽ وغيره پائي هڪ چادر هٿ ۾ کڻي آهستي آهستي ڊرائنگ روم جو دروازو کولي بالڪوني ۾ پهتس ان وقت ڪنڊ واري پٽ ڳيري شيشي واري ٽيبل تي ويٺي هئي. مون مٿانئس چادر اڇلائي مگر ڪيس چڱي طرح ڍڪي نہ سگهي ۽ هوءَ هيڏي هوڏي ڦڙڪا ڪائيندي رهي. گيلري کي چئني پاسن کان شيشا لڳل هئا.

مون پکي کي هٿن سان پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي مگر پٽ ڳيري شيشي جي هيٺين خالي وٿي مان نڪري فضا ۾ اڏامي وئي. پکي جي اڏامي وڃڻ تي اچي ويچارن ورايو ته هن وقت زمين برف سان ڍڪيل آهي ڪيترا ڏينهن پکين لاءِ ممڪن ناهي ته هو ڪٿان داڻو پاڻي چڱي سگهن. ماڻهن جي گهرن جا دروازا ۽ دريون ايئر ٽائٽ بند ٿيل آهن هي ويچارو پکي ڪاڏي ويندو. پوءِ ويچار آيو ته جنين ڏاند نه بڄ، اول ڏي انهين کي، پوءِ اياري سڄ.

**

# ويا ڪل من جا ويچار

منهنجي ملڪ جي وادي گلستان سوات جهڙي وادي پڪرنگ جي سهڻن گهاٽن وڻن جي وسيع چانورن ڪي آئون ڪين وساري سگهندس. جيئن جيئن منهنجي وطن ورڻ جو وقت ويجهو پيو ٿيندو وڃي تيئين تيئن مونکي پڪرنگ جي گالف ڪلب جي ميلن ۾ پکڙيل ساوڪ ۽ ٻيلن جي حسين ترين نظارن مان اکيون نٽيون پرجن. پکي ٻه جنهن وڻ تي ويهندو آهي ۽ انکي پنهنجو مسڪن بڻائيندو آهي ته ان کي ڇڏي وڃڻ ڪان پوءِ ٻه ڪڏهن ڪڏهن ان جي مٽان لامارا ڏيندو آهي. هي ماڳ هي مکان ۽ هي روح پرور وادي ڇڏڻ وقت مونکي ٻه ارمانن اچي ورايو آهي ته هتي گذاريل گهڙين ۽ ڏهاڙن کي. هتان جي آسائش ۽ هتان جي راحت کي آئون ڪيئن پنهنجي دل مان ڪڍي سگهندس. اهو ٻه خيال آيم ته مان هتان جو ڪک ٻه پاڻ سان کڻي وڃي نٿو سگهان. ائين ئي جيئن هڪ پکيئڙي لاءِ ممڪن ناهي هوندو ته هو موسمن سارو پنهنجي جوءِ مٽائڻ وقت وڻ تي اڏيل ڪکائين آشياني کي جنهن ۾ هن اس چانو. طوفان برساتون. گرمي سردي گذاري هجي پاڻ سان گڏ کڻي وڃي. بس آئون سوچيندو رهندو آهيان ته هي جوءِ ڇڏڻ وقت پاڻ سان گڏ هتان جو جيڪي اثاثو کڻي سگهان ٿو اهي هتان جون يادگيريون آهن. ساون گهاٽن وڻن جي ڇانو. وڻن جي ٽارين ۽ پنن جو تڪي برسات ۾ اوٽ ۽ اجهو وٺڻ. گالف ڪلب جي رانديگرن جون ساون ساون ميدانن مان پنهنجي گيم پلي ڪٽ کڻي گالف ڪلب جي ننڍين ٺڦتي گاڏين تي ڊوڙون. طوفاني برسات ۾ ڪپڙن جو پچڻ. ڪل پوڳ ٺهڪڙا سڀ ياد رهندا. گيريزن ڪراسنگ روڊ جي سامهون بليو گارڊن جي راهدارين ۾ روز شام جو سائيڪلون هلائيندڙ گروپن جي ننڍين وڏن ٻارن ۽ مرد و زن جون ڪنڊ ڪنڊ

تي ڪچهريون. مندمن ۾ صاحب لوڪن جي پاليل ڪتن جون ڪينن پنيان ڊوڙون ۽ مستيون مونکي سڀ ياد رهنديون.

بلو پارڪ جي سائي چڀر واري وسيع ميدان تي ڏينهن نري ساڪر سان کڏندڙ هر نسل ۽ هر رنگ جي ٻارن جون عرق ريزيون ياد رهنديون. پنهنجي ٻارن ۽ پاڙي جي گورن. برائون .چيني جاپاني برمي، بنگالي، تبيتي، آسامي، عربي، افغاني، ترڪي، توراني، تامل، سري لنڪن ۽ هندي سنڌي ٻارن سان گڏجي چوڏيلن ۽ چيڪلن تي پاتل ڦيرا ۽ ڦيراٽيون سڀ ياد رهنديون. هتان جي مڙني رنگ و نسل جي ماڻهن جو پاڻ ۾ گڏجي رهڻ، ميل ملاقات، ڪلڻ ڳالهائڻ، سلام دعا، سهڻو سلوڪ ۽ ميٺ محبت واريون وصفون پلا ڪي وسارڻ جوڳيون ڳالهيون آهن. بلڪل نه اهي مڙئي خوبيون ڪينيڊا جي ماڻهن جي شهريت جي امتياز جون نشانيون آهن. هن پاڙي جي ديوي مندر جي گجراتي ۽ پٽيل برادري جي پوڄارين جون بليو پارڪ جي ٻارن ۾ ڪچهريون. ڳجهارتون. ڊراما سميلن. مذهبي رواداري ۽ بنا پيد پاو واريون قربتون قول ۽ قرار مون لاءِ ڪنهن پر وسارڻ جوڳا ناهن.

ڪينيڊا ۾ مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو آهي ته سماج گهڻ قوم ۽ گهڻ مذهبن جي آميز سان ۽ هڪ گڏيل سماجي سوچ ۽ پائيچاري جي بنياد تي قائم رهي سگهي ٿو ۽ ترقي جي اعلا مدار تي پڻ رسي سگهي ٿو. پنهنجي محنت. محبت ۽ روادريءَ وارن روين جي وهنوار سان سيني ڪينيڊين اهو پلي پانت ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هو گڏجي فلاحي رياست قائم ڪري سگهن ٿا تنهنڪري هتان جي ماڻهن جي اها ڳالهه مونکي ياد رهندي. ڪينيڊين جا اهي گڻ، اهو شعور، اهو سهڪار اهو سمرپڻ بلو پارڪ جي ڪشاده ٻارن جي ميدانن مان حاصل ڪيل اهي پاٺ مون کي ياد رهندا پنهنجي وطن مالوف ۾ اڪيون ٻوٽڻ تائين ياد رهندا.

❋❋

# وڻن ۽ گلن ٻوٽن جي پرورش

هتي ڪينيڊا ۾ وڻن ۽ گلن ٻوٽن جي نشونما لاءِ ناڪاري ڪاٺ جو بطور ڀاڻ جي استعمال جو رواج گھڻو آهي. مون اڳ هڪ ڪهاڻي ۾ ان ڳالھ جو ذڪر ڪيو هو ته ٻيلن يا جهنگلن ۾ جيڪي وڻ جهونا ٿي زمين تي ڪرندا آهن ته انهن کي سواءِ ٻيلي کاتي جي مقرر ڪيل اهلڪارن جي ٻيو ڪو هٿ به لاهي نٿو سگهي. تنهن ڪري هوائن طوفانن يا ڪنهن ٻئي سبب جيڪي وڻ جهر جهنگ ۾ ڪرندا آهن تن کي اهلڪار ڪٽي ڪنهن اهڙي ڪارخاني ۾ پهچائيندا آهن جتي انهن وڻن کي مشينن ۾ ضرورتن سارو مختلف ڪمن ۾ ايندڙ حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. عمارت سازي جي مطلب جا حصا جدا ڪري باقي جيڪا ويسٽ بچندي آهي تنهن کي ڪمائتو بڻائڻ لاءِ ضرورت آهر مختلف حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. گھڻو ڪري ناڪاري ڪاٺ جا سنها حصا سائي گاھ سان گڏ ملائي مشينن ۾ پيهين هڪ قسم جو قدرتي ڀاڻ تيار ڪيو ويندو آهي.

اهڙي قسم جو قدرتي ڀاڻ هن ملڪ ۾ وڻن ۽ ٻوٽن جي واڌ ويجھ لاءِ نهايت ڪمائتو سمجهيو وڃي ٿو. خانگي طور بنگلن جي لان . گلن ٻوٽن ۽ وڻن جي واڌ لاءِ اهڙي قسم جي قدرتي ڀاڻ جي حاصل ڪرڻ لاءِ گهرن توڙي فارمن تي ڀاڻ پچائڻ لاءِ آن لائن سروس لاءِ ڪيترين ايجنسيون ۽ ڪمپنيون ڪم ڪن ٿيون. تنهنڪري گهر پڄائڻ واري سروس مان استفادو حاصل ڪرڻ لاءِ خانگي ۽ سرڪاري پارڪس ۽ پبلڪ پارڪس انتظاميہ توڙي ڪميونٽيز لاءِ هتي جوڳا سهنج موجود آهن.

ڪينيڊا جي قومي ۽ اهم راندين جي سلسلي ۾ هتان جي ماڻهن جي مزاج مطابق گالف راند کي وڏي اهميت حاصل آهي.

هتان جا ريس ڪورس ۽ گالف ڪلب انتهائي ڪشاده ۽ وسيع ايراضين تي پکڙيل ٿين ٿا. انهن ڪلب جي کيڏڻ ڪرڻ وارو سمورو ميدان سائو ۽ سرسبز رکيو ويندو آهي ۽ ميدان جي اردگرد جي ماحول کي وڻن گلن ٻوٽن سان سينگاري نهايت حسين ۽ قابل ديد بڻايو ويندو آهي. ان ڏس ۾ اهڙين جاين تي قدرتي ڀاڻ جا ڪيترا قسم استعمال هيٺ آندا ويندا آهن .

ناڪاره ڪاٺ جي مشين مان نڪتل چپس ۽ چوري کي مختلف رنگ خصوصن ڳاڙهو، سائو ۽ نارنگي رنگ چاڙهي گالف ڪلب ۽ چائلڊ پارڪس جي انهن حصن ۾ وڇايو ويندو آهي جتي ٻارن جي راند روند ڪرڻ لاءِ پينگها. چيڪلا. ڦرڻيون. ترڪڻون نقلي هاٿي. گهوڙا. شينهن ۽ ٻيا سلائيڊس لڳايا ويندا آهن جيئن اتان جو ماحول جاذب نظر ۽ خوشنما لڳي. هتي پارڪس ۾ پٿري، بجري، واري ۽ رنگين مٽيءَ جو استعمال گهٽ ٿئي ٿو ان جي جاءِ تي هن ملڪ ۾ ڪاٺ جي رنگين چپس وڇائڻ جو رواج عام آهي.

ڪينيڊا جي باغن جي انتظاميه وٽ اهڙيون موٽر ٽرڪون آهن جن ۾ ڪاٺ کي ڪتر ڪري سگهجي ٿي، اهڙي مشينري باغن ۾ وڻن جي لامن کي پنن سميت ڪٽي بنا ڪنهن دير جي ڪتر تيار ڪندي آهي جنهن کي ان وقت ئي وڻن جي پاڙن ۾ ڀاڻ جي طور وڌو وجي ٿو. ان طريقي سان استعمال ٿيندڙ ڪتر به هڪ قسم جي قدرتي ڀاڻ جو هڪ نمونو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ ۾ اهڙن طور طريقن ۽ مشنري کي استعمال هيٺ آڻي پنهنجي ملڪ ۾ باغباني ڪريون ته گهڻو لاڀ حاصل ڪري سگهون ٿا.

باغباني ۽ ٻني ٻاري ۾ به قدرتي ڀاڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو اهڙي قدرتي ڀاڻ تيار ڪرڻ لاءِ شهر ڀر جو گهريلو ٻهر ڪنو ڪري شهر کان ٻاهر يا آبادي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان کي ريسائيڪل ۽ پروسيس ڪرڻ لاءِ وڏيون لينڊفل ناهيون وڃن ٿيون. انهن لينڊفلس

۾ ڍهاڙي شهر مان ڪئين ٽن ڪچرو جمع ڪري پوءِ ان جي مٽان ڪمپوز يعني ڪچن جو آلو گند سٽي ان کي مٽيءَ سان ڍڪي ڪنهن خاص مدي تائين بند ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهو سڙي ڳري ڀاڻ جي صورت ڌاري. اهڙي طرح تيار ڪيل نيچرل فرٽيلائيزر هر قسم جي باغباني ۽ کيتي واڙي لاءِ نهايت ڪارگر ٿئي ٿو. خاص ڪري گلن ٻوٽن ۽ ڇبر وغيره جي لاءِ اهڙي قسم جو ڀاڻ ڪينيڊا ۾ گهڻي ۾ گهڻو استعمال ڪيو وڃي ٿو.

# صنعتي گند جون هاڃيڪاريون

صنعتي انقلابن ڪان پوءِ دنيا ۾ وڏي ناٽي ڪمائيندڙ ملڪن پنهنجي مشيني ڪل پرزن ۽ نقل و حرڪت ۾ استعمال ايندڙ ذرائع کي وڏي بيدردي سان استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ايتري قدر جو فطرت جيڪو زمين مٿان انسان ۽ پنهنجي ٻي مخلوق جي ضرورتن. آسائشن ۽ جياپي لاءِ فضائن ۾ اوزون جو جيڪو نظام قائم ڪيو هو تنهنکي ڇيهو پهچائڻ شروع ڪيو. جنگ عظيم پهرين تائين مربوط سرمائيداري نظام جي ڪاميابن دنيا ۾ انسان جي آسائش ۽ سکيي ستابي رهڻ لاءِ پنهنجي ڪارخانيداري نظام تحت وڏو سامان مهيا ڪري ورتو. زمين جي گولي تي صنعتي ۽ سرمائيداري نظام ڪڙو ڪندڙ ملڪن جي دنيا ۾ واه واه ٿي وئي. ان قائم ٿيندڙ نئين دور کي صنعتي انقلاب ۽ نشاط ثانيہ سان منسوب ڪيو ويو ۽ ٻي معني ۾ ان کي انسان جي زندگي جي معراج سان تعبير ڪيو ويو.

دنيا ۾ صنعتي ترقي ڪري مٿين ليول تي پهچندڙ ملڪن جي قومن ۾ دولت ۽ ذرائع عيش وعشرت ۽ دولت ڪمائڻ جي حرس و هوس سبب ڇتا پيٽي جو دور شروع ٿيو. اهڙي واتاورڻ ۾ دنيا جي وڏن ملڪن ۾ مختلف ۽ اتحاد قائم ٿيا. اهڙي طرح دنيا وئي بلاڪن ۾ تقسيم ٿيندي. ان وچ ۾ دنيا جي ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ طاقتور بلاڪن جنم ورتو. جن ۾ ويهين صدي جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ طاقت جي زوم ۾ ايتري قدر بگاڙ جنم ورتو جو دنيا جي صنعتي ۽ سرمائيداري بلاڪن ۾ هڪ فطرتي امن وارو نظام متاثر ٿيڻ لڳو. ساڳي صدي جي ٻئي ڏهاڪي ۾ طاقت جي توازن ۾ ايترو بگاڙ ايو جو 1914ع ڌاري دنيا جي وڏن

پيداواري ملڪن جن ۾ نشاط ثانيه جا ڏڪڙ وجي رهيا هئا پهرين عالمگيري جنگ ڇڙي پئي. ان زماني ۾ دنيا جي صنعتي ملڪن جي جنگي حالتن هيٺ ڪارخانن ۾ رات ڏينهن بارود ۽ بارود وسائڻ وارون ڪلون، ٽينڪون، بندوقون، مارٽر گولا، جهاز ٺهڻ لڳا. ازانسواءِ انسان کي ۽ ڌرتي جي فطري نظام جي توازن کي نقصان پهچائڻ لاءِ وڏو سامان تيار ڪيو ويو ۽ جنگين ۾ ان قسم جي مهلڪ سامان کي انسانن مٿان ڌرتي تي مينهن وانگر وسايو ويو.

پهرين عظيم جنگ ۾ نشاط ثانيه. انساني امن ۽ فطرتي نظام تحت قائم ڪيل ڌرتي جي ماحول کي وڏو نقصان پهتو. امريڪا. برطانيا ۽ انهن جي اتحادين جا جيڪي مقاصد جنگ ڪڙي ڪرڻ پنيان هئا تن جي نتيجي ۾ انوقت جي عالمي طاقتن لارينس آف عريبيا جي اتاريل فطني هيٺ سلطنت عثمانيه جي خاتمي سان حجاز ۾سعودي حڪومت جو قيام عمل ۾ آندو. ان ڪان علاوه به دنيا ۾ ٻيا ڪيترا ملڪ ٽٽا ۽ دنيا جي سرحدن ۾ تبديليون آيون. اهو سڀ ڪجهه بارود. بمن. گولن توبن. ٽينڪن ۽ بندوقن جي ڏاڍ تي ٿيو، جيڪو دنيا لاءِ ويهين صدي جي شروعات ۾ ڪارخانيداري، سرمائيداري نظام ۽ نشاط ثانيه جو هڪ تحفو هو. مگر انهن جنگن ۽ دنيا ۾ سرحدن جي تبديلي ۽ ملڪن ۽ رياستن جي ورهاست جي مقاصد جيڪي تباهيون آنديون تن انساني المين کي جنم ڏنو تنهن جو اندازو صنعتي ترقي ڪندڙ ملڪن کي بخوبي معلوم ٿيو. ۽ انهن اهو بخوبي محسوس ڪيو ته دنيا اهڙن هاجيڪار نتيجن جي ٻيهر متحمل نٿي ٿي سگهي. تنهنڪري ڌرتي تي امن ۽ فطري توازن کي نشٽ ڪرڻ خلاف دنيا ۾ هڪ نئون احساس جاڳيو. نتيجي ۾ انهن ملڪن جن ڌرتي ۽ دنيا جي امن کي خطري سان دو چار ڪيو تن دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ جنگن

۾ ملوث قومن جي گڏجاڻي جوانعقاد ڪري متفق راء تي ليگ آف نيشن ٺاهي. اهڙي طرح دنيا ۾ ڪجهه دير امن قائم ٿيڻ ڪانپوءِ صنعتي ترقي ڪندڙ سرمائيدارن ملڪن پنهنجي ملڪن کي ترقي وٺائڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي حڪمت عملي ڪان ڪم وٺندي ظاهري طور ۽ ڳجهن طريقن سان صنعتي پيداوار سان گڏ هٿيار ساز فيڪٽرين يعني ٻنهي سيڪٽرن ۾ پيداوري عمل کي تڪڙي تيزي وٺائيندي پيداواري عمل کي جاري رکيو. برطانيا جي شهر برمنگهم جي ڪارخانن جون چمنيون رات ڏينهن پيداواري عمل جي نتيجي ۾ فضائن ۾ دونهون ڪينديون رهيون. امريڪا. جرمني. فرانس. جاپان جا ڪارخانا پڻ صنعتي پيداوار سان گڏ جنگي سامان ۽ هٿيارن جي پيداوار کي وڏي تيزي سان تيار ڪندا رهيا. دنيا ۾ صنعتن جي پيداواري عمل جي تڪڙي واڌ جي نتيجي ۾ هڪ ڀيرو وري امن ۽ جنگ جي توازن کي خراب ڪرڻ جون علامتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. مگر اهڙي ماحول ۾ زمين تي رهندڙ مخلوق ۽ زمين توڙي فضا ۽ آسمانن جي فطري ماحول کي ڪيترو ڇيهو پئي رسيو ان جا انگ اکر ۽ جنگ عظيم ٻي جي لڳڻ ۽ ان جي خاتمي ڪان پوءِ ظاهر ٿيا.

ٻي مهاڀاري دنيا جي وڏن بلاڪن ۾ قائم ٿيندڙ نظامن ۽ ملڪن کي تباه ڪرڻ جي نيتن پنيان برپا ٿي جنهن کي دنيا جي امن جي توازن کي برقرار رکڻ واري قائم ڪيل ليگ آف نيش به روڪي نه سگهي. جنگ عظيم ٻي ۾ دنيا جي ترقي يافته ملڪن هڪ ٻئي کي تباه ڪرڻ لاءِ سائنسي ايجادات ۽ ترقي ڪان ڪم وٺندي جيڪي انسان ذات، ڌرتي جي گولي ۽ فطرت جي قائم ڪيل فضائي ماحول ۽ اوزون کي پنهنجي نيو ڪليئر هٿيارن سان نقصان پهچايو ان جي ڪري دنيا ۾ وڏين بيمارين جنم وٺڻ شروع ڪيو.

دنيا جهان ۾ اهي بيماريون جيڪي انساني تاريخ ۾ پهريون ڪنهن قدرتي اسباب تحت منهن ڪڍنديون هيون سي هاڻي انسان جي ٺاهيل نظامن جي ٽڪراءَ ويڙهه، ڪارخانيداري نظام جي پيداواري عمل ۽ سرمائيداري نظام جي هنگامہ خيز .حرس ۽ هوس سان ڀريل نظامن جي نتيجي ۾ پکڙجڻ لڳيون. انهي جا اسباب انسان جي انسان جي خلاف ويڙهاند ۽ ساڳئي وقت نظام فطرت سان ٻہ هٿ چراند هئي. جنهنڪري ڌرتي جي فطري ماحول ۽ فضا ۾ آلودگي ۽ گدلاڻ ۾ بي انتها واڌ آئي. نتيجي ۾ اوزون حياتياتي چادر کي نقصان پهچڻ جو عمل تيز ٿي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ وري سج جي گرمي جو پد ۽ تپش زمين تي وڌندي پئي وئي ۽ دنيا ۾ ڪليشيئرس جي پگهرڻ جو عمل شروع ٿيو ازنسواءِ دنيا ۾ گهٽي ڪاٺ جي استعمال ڪري ٻيلن ۽ جهنگن جي ڪٽائي شروع ٿي. دنيا ۾ سيمينٽ جي کپت جي واڌاري ڪري سيمينٽ جي ڪارخانن جي تيز ترين پيداوار ۽ ٻنين ۽ ٻنين کي گرم رکڻ لاءِ ايندهن يعني ٻارڻ ۾ اضافو ٿيندو ويو. ٽڪرين ۽ جبلن جون ڪٽايون شروع ٿيون. ٻيلن جهنگلن ۽ ٽڪرين. جبلن ۽ ٻيلن سان انسان جي هٿ چراند هن وقت تائين جيڪو نقصان زمين ۽ فضا کي پهچايو آهي سو ٻنهي عظيم جنگن ۾ ٿيندڙ انساني الميہ کان وڏا الميہ دنيا ۾ پيدا ڪري رهيا آهن. جن جا نتائج ڪجهہ ظاهر ٿيا آهن ۽ ڪجهہ اڃا دنيا آڏو ايندا .

دنيا ۾ ٻي مهاڀاري جنهن پلان تحت لڙي وئي هئي تنهنجي ڪامياب نتائج جيڪي امريڪا. برطانيا. فرانس ۽ روس ۽ جنگ عظيم جي اتحادين کي مليا تنهن جي نتيجي ۾ دنيا جي ملڪن انهن جي رياستن ۽ نئين سرحدن ۾ وڏي پيماني تي تبديليون آيون ۽ انساني تاريخ ۾ وڏين تباهڪارين جا نہ رڳو وڏا داستان لکيا ويا پر فضائي آلودگي ۽ گدلاڻ ۾ حد درجي جو اضافو ٿيو.

انهن جنگن ۾ ايٽم جي ٽوڙڦ بارود جي بي تحاشا استعمال ۽ مختلف حياتياتي هاجيڪار ڪيميڪلس جي استعمال نين نين بيمارين کي جنم ڏنو. جديد دور ۾ جنهن مان هاڻ اسان گذرئون ٿا تنهن ۾ پهرين بڻ مهاپارين کان وڏيڪ بارودي ۽ بي گدلاڻ وڌائڻ ۾ دنيا جي ترقي يافته ملڪن جون فيڪٽريون رڌل آهن.

جنگ عظيم ٻئي ۾ امريڪا ۽اتحادين جرمني جي ايڊولوف هٽلر تي انسانن کي اذيت ناڪ موت سان دوچار ڪرڻ جو الزام هڻندي اظهار ڪيو هو ته هن گيس چيمبرس جو استعمال ڪندي انساني ڪوس ڪيو هو. عراق. ڪويت ۽ سعودي عرب وار ڪان اڳ ۾ امريڪا ۽ اتحادين عراق تي ڪيميڪل هٿيارن جي تياري جو الزام مڙهيندي عراق مٿان جنگ مسلط ڪري صدام حسين جي اقتدار جو خاتمو آندو . عراق جي صدر صدام حسين پنهنجي اقتدار جي زماني ۾ الزام لڳايو هو ته سندس ملڪ تي ڪورونا بائيولاجيڪل حملا ڪيا ويندا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته دنيا ۾ هاڻي روايتي جنگيون نٿيون وڙهيون وڃن. ۽ جيڪي ٻه جنگيون وڙهيون وڃن ٿيون انهن جي اسٽرٽيجي دنيا ڀر ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. روس جي سوويٽ جي تمام رياستن جو ورهاڱو ڪنهن جنگ عظيم جو نتيجو ڪونهي. امريڪا ۽ اتحادين جي اسٽريٽجي اهڙي ڪارگر ثابت ٿي جو نه روس تي بم ڪيرايا ويا نه ٽينڪن سان روس جي سرحدن مٿان فوجي چڙهايون ٿيون نه وري ايٽم بم وسايا ويا. بس گورباچوف پاڻ ئي سوويٽ رياستن جو خاتمو آڻي نوبل انعام ماڻي خوش ٿي پنهنجي گهر ۾ ويهي رهيو. اها هڪ معاشي جنگ هئي جنهن ۾ روس ڪلاش ۽ خلاص ٿي ويو.

هاڻي دنيا جي سپر پاور رکندڙ طاقتن ۾ جنگ جاري آهي. جيڪا معاشي محاذن تي وڙهندي نظر اچي ٿي. دنيا ڀر ۾ ڪارخانا

پيداوري عمل ۾ رڌل آهن جن جي ڪري گذريل اڌ صدي ۾ دنيا ڀر ۾ فضائي آلودگي جا نوان رڪارڊ قائم ٿي چڪا آهن. هن وقت ڌرتي جو پوليشن جي لحاظ کان چڱو ڀلو ماحول خراب ٿي چڪو آهي.

فضائي گدلاڻ سبب اوزون جي چادر کي وڏو نقصان پهچي چڪو آهي جنهن جي نتيجي ۾ سج جو تاب اوج تي پهچي دنيا ڀر جي گليشيئرس کي ٽڪرو ٽڪرو پگهرائي رهيو آهي. في زمانہ موسمن تي وڏا اثرات مرتب ٿي رهيا آهن. ڌرتي تي فصلن جي پيداورا. اپت ۽ پچڻ جي وارن ۾ وڏيون تبديليون رونما ٿي رهيون آهن. سمونڊ، درياءَ، نديون نالا ۽ انهن جا وهڪرا وڏين ڦيرين گهيرين جي ور چڙهيل نظر اچن ٿا. اهي مڙئي تبديليون ارض و سما ۾ کهڙن قهرن جو سبب بڻجنديون تنهن جي باري ۾ دنيا ۾ وقت بوقت اڳڪٿيون پيون ٿينديون رهن ٿيون بس رب سائين کي ٻاڏايون ٿا تہ هو دنيا جهان جو خير ڪري.

هن وقت دنيا جنهن نياري. المناڪ ۽ موتمار وائرس ڪرونا 19 سان منهن ڏئي رهي آهي تنهن جي سنگين اثرات کان جاپان کان ڪيناڊا تائين سموري دنيا متاثر آهي. ماڻهون گهرن ۾ نہ رڳو محسور و مستور وينا آهن بلڪہ رت جا رشتا بہ هڪ ٻئي کان پري پري رهڻ تي مجبور آهن. دنيا جو وڏو الميو تہ هي آهي تہ جيڪڏهن ڪو انسان ڪرونا وائرس وگهي مري وڃي ٿو تہ ان جي لاش کي پنهنجو بہ ڪو رت جو رشتو هٿ نٿو لاهي. ان حد تائين بہ خبرون اچن ٿيون تہ مسلمان مسلمان کي غسل ڏيڻ کان ڪاٿر آهي. جنازو، جنازي نماز يا لاش کي قبر ۾ لاهڻ کان هر ڪو ڪيٻائي ٿو. ايتري قدر جو ڪنهن ڪرونا وگهي مئل کي هر ڪو ڪلهو ڏيڻ کان پاسو ڪري ٿو. اٽلي، ايران ۽ اسپين ۾ اجتمائي مدفن ڪڍن، خندقن ۽ ٽرنچز ۾ ٿي رهيو آهي.

سڄي دنيا ۾ جيڪا حالت انساني تاريخ ۾ هن وقت ٿي رهي آهي سا قيامت صغرا واري استعمال ٿيندڙ مثال کان گهٽ ڪو نه هئي آهي. دنيا جا نامور ڪئنيا سپر پاور ملڪ هن وقت ڪورونا 19 جي ور چڙهيل آهن ۽ انهن جا سائنسدان، معاشي ماهرين ۽ تمام مذاهب ۽ انهن جا ڪعبا، قبلا، ڪليسا، مندر ۽ مڙهيون ڪورونا جي المناڪين اڳيان بي وس ۽ لاچار نظر پيا اچن. دنيا ڀر جا ڪارخانا. اسٽاڪ ايڪسچينج. واپاري منڊيون. هوائي اڏا، هوائي سروسون، ريلون، بسون گاڏيون سڀ ٺپ لڳيون پيون آهن هر طرف خاموشي، سڪوت ۽ پوش پوش لڳي پئي آهي . هي ڪورونا وائرس بائيولاجيڪل ويپن آهي يا ناهي. هي ليبارٽين جي پيداوار آهي يا قدرت ۽ فطرت جي ڪنهن متزلزل ٿيل ڪنهن حالت جي پيداوار آهي. يا انسان جيڪا گذريل ٻن صدين ۾ نشاط ثانيا جون لذتون وٺڻ لاءِ ڪارخانداري ۽ سرمائيداري نظام ڪڙا ڪيا آهن ان جي پاداش ۾ قدرت ۽ فطرت جي ناراضگي جو ڪو تحفو آهي. بهر حال انهن قيامت خيز حالتن تي دليل بازين جا داستان ۽ روئدادون آئيندي زماني ۾ پيون لکبيون. مگر ان وچ ۾ ڪالهه ڪيناڊا ۾ وينڻي هڪ ميڊيا تي خوش خبري ٻڌڻ جو موقعو مليو ته سڄ هينان آسمانن ۾ اوزون جي چادر جي ٽٽل تارن ۾ قدرتي طور اٽٽ ٿي رهي آهي ۽ ان جي چڳو في سيڪڙو حصو بهتري ڏانهن گامزن آهي. الله خيرالناصرين و خيرن ماڪرين آهي. رب سائين ڪري اها خبر صحيح هجي ته جيئن اميد ڪري سگهجي ته اسان جي ايندڙ نسلن کي صاف سٿي آڪسيجن. سڄ جي گهٽ تپش ۽ گليشيئرس جي نه پگهرجڻ واري عمل ڪري ڪو فطري ماحول نصيب ٿئي ۽ مخلوق خدا کي سڪون ملي ۽ دنيا مان ڪورونا جهڙيون مهلڪ بيماريون صفا نابود ٿي وڃن.

**

# ڪينيڊا ۾ ڪورونا

هتي ڪينيڊا ۾ اسان وٽ سرڪاري طور رڳو امرجنسي لڳل آهي لاڪ ڊائون ڪونهي البت شعور ايترو آهي جو ماڻهو وزير اعظم جي گهر واري خاتون اول جي ڪورونا ٽيسٽ مثبت اچڻ ڪانپوءِ پاڻ اختياري لاڪڊاون ڪيو وينا آهن. جيتوڻيڪ هتي موسمن جي مٽ سٽ ٿي آهي روڊن رستن ۽ گهرن گهٽين ۾ جيڪي برف جا ڍڳ جمع ٿيا هئا، سي هاڻي ٻن ٽن ڏينهن جي گرمي پد وڌڻ ڪري ڳري ويا آهن. سردي گهٽي آهي. ماڻهو گهران ٻاهر نڪري پاڻ کي ۽ پنهجي گهر ڀاتين کتن کي وائکو ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو آهي. مگر هتي سوشل ڊسٽينسنگ تي وڏي سختي سان عمل ٿي رهيو آهي. سلام ڪلام سڀ ڏهه فٽ پري کان پيو ٿئي. ڪوئي ڪنهن جي اڳڻ تي اچي وڃي ڪونہ ٿو. مون بہ ٻاهر ليو پائي ڏٺو سڀ ڪجهہ ساڳوڻو آ... پر پوءِ بہ ائين پيو لڳي جڻ شهر ۾ ڪو راڪاس گهمي ويو آهي، محل اداس اور گليان سوني چپ چاپ هين ديوارين. دل ڪيا اجڑا دنيا اجڑي. روٺ گئي هين بهارين. هم جيون ڪيسي گذارين، رب ستار ڪري اهو جيڪو سڄي دنيا کي ڪورونا موذي مردود موتمار پيانڪر ڪڙو چاڙهيو بينو آهي تنهن جون کي ٽنگون ڀڄن ۽ اسين بہ هتان رفو چڪر ٿي وطن وڃي پنهنجي پرين سان ملئون.

**

# ڪورونا جا قهر

ڪووڊ -- 19 موذي جي جڏهن شروعات ٿي هئي تڏهن آئون ڪيناڊا ۾ هوس. شروعاتي ڏينهن ۾ چين جي شهر ووهان مان عالمي ميڊيا ذريعي هن قسم جون خبرون پکڙجي رهيون هيون. ته ڪووڊ موذي وائريس جي شديد حملي جي نتيجي ۾ ووهان شهر ۾ زڪام. کنگهه ۽ کنگهه سان گڏ نمونيا جي ڪري، سهنجائي سان ساهه نه کڄڻ ڪري، ماڻهو موت جو شڪار ٿي رهيا آهن. ساڳئي وقت اهڙين المناڪ خبرن سان گڏ هنيانو ڏهڪائيندڙ رپورٽون ميڊيا تي پڻ اچي رهيون هيون ته ووهان شهر ۾ ماڻهو وائرس جي حملي ڪري ساهه جي شديد تڪليف وگهي هلندي هلندي روڊن ۽ رستن تي ڪري ڪرڙيون هڻي دم ڏين ٿا. ڪووڊ - 19 جون اهڙيون دردناڪ خبرون ٻڌي اسان ميڊيا تي ڏسيل احتياتي تدبيرن تي عمل شروع ڪري ڏنو.

دنيا ۾ ڪووڊ وائرس جي پکڙجڻ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪارڻ ٽريولنگ کي سمجهيو پئي ويو. مگر شروعات ۾ اجا دنيا ڀر ۾ ٽريولنگ تي پابنديون ڪونه لڳيون هيون. جڏهن اهي خبرون عام ٿيڻ لڳيون ته جيڪڏهن دنيا جي ملڪن سفري پابنديون نه هيون ته ڪووڊ وائرس جلدي ئي دنيا ۾ پکڙجي ويندو. ڪيناڊا پنهنجي ملڪ کي ان موذي وبا کان محفوظ رکڻ لاءِ ملڪ ۾ امرجنسي جو نفاذ ڪيو. تنهن بعد امريڪا سان لڳندڙ پنهنجي ملڪ جي سرحدن کي سيل ڪري ڇڏيو. فوري طور ٻيو قدم جسٽن ٽروڊو جي حڪومت اهو کنيو جو هن پنهنجا هوائي اڏا جهازن جي اڏام لاءِ بند ڪري ڇڏيا.

موذي وبا ڪووڊ جي پکڙجندڙ ڏينهن ۾ ميڊيا ذريعي انساني اموات جون ڪئين دردناڪ ڪهاڻيون رقم ٿي رهيون هيون. انهن

ڪهاڻين مان انڊونيشيا جي هڪ سول اسپتال جي نوجوان ڊاڪٽر علي جي خبر سوشل ميڊيا تي آئي جنهن مونکي هڪ وڏي ڏک ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر علي جي دردناڪ ڪهاڻي سوشل ميڊيا ذريعي ان جي گهر جي تصويرن سميت ڏني وئي هئي. ڊاڪٽر علي ٻن هفتن کان لڳاتار پنهنجي اسپتال ۾ ڪووڊ جي مريضن جون زندگيون بچائڻ ۾ مصروف هو ته قضا الاهي جي هو پاڻ به ڪووڊ وائرس جو شڪار ٿي ويو. جڏهن ڪيس محسوس ٿيو ته هو هاڻي موذي وائرس جي ور چڙهي ويو آهي ۽ هاڻي ڪنهن پر سندس بچڻ مشڪل آهي. ته هن جي دل ۾ هي خواهش جاڳي ته پنهنجي زندگي ۾ آخري ڀيرو پنهنجي پير ڀوري گهر واري ۽ ٻارن کي ڏسي اچي. هو هڪ مڪمل ذميوار ڊاڪٽر هوندي به ائيسوليشن جا سمورا ٻنڌڻ ٽوڙيندي مڪمل سرجيڪل ايس. او. پيز جي حالت ۾ پنهنجي گاڏي تي اسپتال کان نڪري پنهنجي گهر جي چائٺ تي وڃي بيٺو. ڪنبدڙ هٿن سان هن گهر جي ڪال بيل تي هٿ رکيو. جهٽ پلڪ ۾ سندس ڀوهراري گهر واري ۽ ٻار دروازو کولي هن جي سامهون اچي بيٺا. مگر هن سيني کي پاڻ کان پري رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پنهنجي چهري تي مسڪان آڻيندي کو پهر حسرت ڀري نگاهن سان پنهنجي ٻچڙن ۽ گهرواريءَ کي تڪيندو رهيو. جڏهن سندس من ڪامنا پوري ٿي تڏهن هن هٿ لوڏيندي گهر واري ۽ ٻارن کي الوداع ڪيو. انهن درد ڀريل لمحات جو اندازو ڊاڪٽر علي کان سواءِ دنيا جو ڪو ٻيو انسان محسوس نٿو ڪري سگهي. ڊاڪٽر علي اسپتال ۾ واپس وري ائيسوليشن ۾ هليو ويو جتي هن پنهنجي جان پنهنجي رب جي حوالي ڪئي ۽ جام شهادت نوش ڪيو.

**

# صحت صفائي ۽ ڪورونا

هن وقت سڄي دنيا ۾ ڪورونا وائرس ماڻهن جي لاءِ موت جي پرواني جيان پيو لامارا هڻي. اسانجي ملڪ جي هڪ ڏاهي وڪيل ان کي ڊيٿ وارنٽ جو نالو ڏنو آهي. ووهان چين جي شهر کان سڄي دنيا ۾ هن وقت ڪورونا وائرس پکڙيو آهي ۽ هاڻي اهو دنيا ۾ هر جاءِ تي موت ورهائيندو پيو وتي. ان بين الاقوامي طور پکڙجندڙ وبا جو ڏهڪاءَ اڻويهين صدي ۾ پکڙجندڙ موتمار بيماري طاعون ۽ ويهين صدي ۾ پکڙجندر ڪالرا جي موذي بيمارين کان وڌيڪ آهي ۽ انهن بيمارين جي ڊيٿ ريٽ کان وڌيڪ ڪورونا جو ڊيٿ ريٽ پيو معلوم ٿئي. البتہ ڪورونا بلند ترقي جي دور حاضر ۾ دنيا جي ملڪن جي معاشي حالتن ۽ دنيا جي اسٽاڪ مارڪيٽ کي وڏي پيماني تي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ دنيا ۾ نئين دردناڪ ڪهاڻي تحرير ٿي رهي آهي.

هن وقت ڪورونا دنيا جي 128 ملڪن ۾ جيڪا تباهي مچائي آهي تن مان چين، آمريڪا ۽ اٽلي ۾ فوتين جي شرح وڌيڪ آهي. ايران. اسپين ۽ ٻين ملڪن مان پڻ انساني اموات جون خبرون تيزي سان پکڙجي رهيون آهن. شايد آئيندي ۾ ڪورونا جي تباهي جا جيڪا ڀيانڪ انگ اکر ۽ آڪڙا سامهون اچن تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي تاريخ جي صفحن ۾ پهريون پکڙيل دنيا جي هاجيڪار بيمارين کان وڌيڪ دکدائڪ ثابت ٿين. خير اهي ڳالهيون پوءِ تاريخ جي ورقن ۾ پيون درج ٿينديون رهنديون.

هن وقت ڪورونا جي ڪري دنيا ڀر ۾ جيڪو تعليم ۽ معيشت جي ميدان ۾ هاجو پهچي رهيو آهي تنهن کي دنيا جا ملڪ ڪيئن پوٻيندا ان جي لاءِ بہ ڪورونا جي خاتمي کان پوءِ انگ اکر گڏ ٿيندا ۽ خبرون پونديون. اڄ اسان وٽ هتي ڪينادا ۾

۽ امريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي امريڪا ۾ هوائي جهازن جي اڏام بابت لڳايل پابندين پوري يورپ کي قوما ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. جنهنجا ڳوڙها اثرات ڪينيڊا تي پڻ پيا آهن ۽ هتي پڻ ملڪ ۾ خانگي طور جزوي هنگامي حالتون لڳيون پيون آهن. موجوده چوويهن ڪلاڪن جي سماجي ۽ معاشي ابتر حالتن مان ائين پيو محسوس ٿئي.

ڪالهوڪين سنگين حالتن تڏهن هتي دردناڪين کي جنم ڏنو جڏهن ملڪ ۾ هتان جي وزير اعظم مسٽر جسٽن ٽروڊو جي گهر واري تي ڪورونا وائرس جي ٽيسٽ جا نتائج مثبت ثابت ٿيا. خبر پکڙجڻ سان ئي حڪومت جيڪي اقدام ڪنيا تن سبب ٻارن جا اسڪول ۽ ڊي ڪيئر مرڪز بند ٿي ويا .پبلڪ پليسس تي ۽ عوامي سرڪاري توڙي نجي تقريبات ۾ شامل ٿيڻ لاءِ حفاظتي تدبيرون اختيار ڪندي محدود تعداد ۾ گڏ ٿيڻ ۽ ميلاپ رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

ڪورونا جي ڌڪاءَ کان حفاظتي قدم کڻندي برطانيه ۾ بلدياتي انتخابات ملتوي ڪيا ويا آهن. پاڪستان پنهنجيون مغربي سرحدون سيل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ مڙني صوبن ۾ اسڪول ڪاليج ۽ مدرسن ۾ تعليمي عمل کي معطل ڪيو ويو آهي. هتي ۽ ڪورونا جي پيدا ڪيل حالتن هيٺ ماڻهن پنهجي بين الاقوامي سير سفر کي محدود ڪندي پنهنجي هوائي سفر جون ٽڪيٽون واپس ۽ منسوخ ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون آهن ۽ بين الاقوامي اڏامون خالي پيون پرواز پرن. ازانسواءِ ريلون، بسون ۽ ٽرامون پڻ خالي خالي هلڻ ڪري ملڪ جي ٽرانسپورٽ وڏي خساري ڏانهن پئي وڃي. سماجي حالتن جي دگرگون ٿيڻ ڪري معاشيات زبون حالي ڏانهن تيزي سان وڃي رهي آهي. شڪر آهي دعا جا دروازا اڃا کليل آهن. ڏٺي در دعا آهي ته هو جهان جي مڙني

ملڪن ۾ ان موذي وبا جو جلد از جلد مڪمل خاتمو آڻي، خاص ڪري اسانجي ماروئڙن جي ملڪ کي تمام زميني ۽ آسماني بليات و آفات کان محفوظ رکي.

ٻه ڏينهن اڳ اسانجي ٻارن جي ڪم ڪرڻ جون آفيسن، دفترن ۽ ڪم ڪرڻ جي مرڪزن تي موڪل هئي جيئيتوڻيڪ وزير اعظم جي ائيسوليشن ۾ هليو وڃڻ جي خبرن جا هاواٽا هلي رهيا هئا پر تنهن هوندي به اجا هتان جي زندگي ڪورونا کان بچاءَ لاءِ حفاظتي اقدام تحت معمول مطابق روان دوان هئي اسان به موڪل جو مزو وٺڻ لاءِ پنهنجي شهر کان ٻاهر لانگ ڊرائيو تي ٽورنٽو شهر ڏانهن نڪري ويا سين.

ٻارن جي تفريح کي هتي والدين تمام گهڻي اهميت ڏيندا آهن. اڪثر ماڻهون پنهنجن ٻارن کي. سير تفريح لاءِ ڊنڊن ۽ جهيلن جي ڪنارن. سوئمنگ پولن ۽ ٻين تفريحي جاين تي وٺي ويندا آهن جتي ٻارن جي سني ڪثرت ۽ ذهني نشونما جي حوالي سان اعلا درجي جا انتظامات ۽ مواقع موجود هوندا آهن. ٽورنٽو شهر لڳ چڪي چيز راندين ۽ ذهني آزمائشن جي مرڪز ۾ اسان به پنهنجي ٻارن سميت تفريح جي نيت سان وڃي نڪتاسين. هن مرڪز يا جنهن کي ٻارن جو ڪلب به چئون ۾ 2017 واري ڪينيڊا جي ٽرپ ۾ مون جيڪا پيهه ڏٺي هئي اج ان جي مقابلي ۾ هڪ سيڪڙو به رش ڪانه هئي. اهو سڀ ڪجهه ڪورونا جي ڏهڪا جي ڪري هو. پر آفرين آهي ويسٽ جي ملڪن جي هنن ادارن کي جن ماڻهن کي وبا جي بچاءَ کان وڏا حفاظتي قدم کڻندي مرڪز جي انيڪ جاين تي ائين ڪٽي چئجي ته چپي چپي تي هينڊ واش ۽ سينٽائيزر لوشن جو بندوبست ڪري رکيو هو.

ٻار ڪابه هڪ راند پوري ڪري پنهجا هٿ سينٽائيز ڪري پوءِ ڪنهن ٻي رائڊ يا راند ۾ هٿ وجهن پيا. هن تفريحي مرڪز

جي رسٽورينٽ ۾ ڪافي، جوس، آئسڪريم، چاڪليٽ ڊرنڪس، برگرس برائونيز ۽ ڪيڪ پيسٽريون وغيره نہ رڳو حفظان صحت جي اصولن کي مد نظر رکي تيار ڪيا وجن ٿا پر انهن جو چيڪ ۽ بيلينس جو نظام پڻ سخت ترين آهي. علاوه ازين شين جي پيشڪش پڻ معياري آهي ۽ ڪاڌي پيتي جي شين کي آڻڻ نيڻ جي استعمال ۾ پڻ ڊسپوزل ٿانو ڪتب آندا وجن پيا، راندين جي مرڪز ۾ واش رومن کي ريسٽ روم سڏجي پيو. جنهن ۾ فائو اسٽار ۽ سيون اسٽار هوٽلن جي معيار جا واش بيسن. ٽائليٽ بوال، ٽائلٽ پيپر رکيل هئا ۽ ان ۾ ٻارن جا ڊائپر وغيره مٽائڻ جي لاءِ ديوار ۾ ڪتل ڊيسڪس لڳل آهن جيئن ٻارن کي آرام سان ڌوئي صاف سٿرو ڪري سگهجي. ريسٽ روم ۾ ٻارن جي لاءِ جداگانہ ٻارن جي سائز جا واش بيسن لڳل هوندا آهن ۽ هٿن ڌوئڻ جا لڪئڊس. نيپڪنس ۽ هٿن کي سڪائڻ لاءِ گرم هوا ڏيڻ واريون مشينون لڳل آهن. علاوه ازين سينيٽائيزرس پڻ رکيل آهن.

اسان پنهنجي ٻارن لاءِ پنهنجي گهران اسپيشل قسم جو سينيٽائيزر کڻي ويا هئاسين ڇاڪاڻ جو منهنجو پٽ ۽ منهنجي ننهن هتي هيلٿ ڪيئر جي شعبي سان منسلڪ آهن تنهنڪري هيلٿ ڪيئر جي معاملي ۾ سختي سان عمل پيرا رهن ٿا.

**

# پٽرن مان پيار جون صدائون

اسان پنهنجي جواني جي ڏينهن ۾ دنيا جي مهاپارين ۽ موتمار وبائن جي علامتن ۽ عذابن جو مطالعو ڪندي ڏک جي احساسن ۾ ٻڏي ويندا هئاسين. وڏي ڏک سان چوڻو پئي ٿو ته في زمانہ اسان هڪ وچڙندڙ قاتل وبا جي منهن ۾ اچي ويا آهيون جنهن جي علامتن ۽ عذابن جي ڪهاڻين ۽ قصن جو مطالو اسان جا ايندڙ نسل ڪندا ۽ اسان ان مطالعو جو هڪ حصو هونداسين.

ڪووڊ 19 جي درد پنهنجي گهيري ۾ وٺي سڄي دنيا کي تاراج ڪيو آهي. هن وقت سڄي انسان ذات ڪورونا وبا جي هاجيڪارين جي نتيجن اڳيان مڪمل طور تي لاچار ۽ بي وس نظر اچي ٿي. هن کان اڳ پڻ انساني جان ۽ مال جي تباهڪارين جا وڏا داستان انسانن جي وچ ۾ لڳل جنگين ۽ قهر ٿي مٿان ٽٽندڙ وبائن جي صورت ۾ انساني تاريخ جي هڪ درناڪ تاريخ رقم ٿي چڪا آهن. ڏسجي ٿو ته اهڙين هاجيڪارين جي اگرن نتيجن سان انساني سماجي تاريخ جو ادب ڀريو پيو آهي. دنيا ۾ يونانين. رومين ۽ چنگيزين جون انسانن جي مٿان ڪوپ جي هزارين درد ڀرين ڪهاڻين جي ڪتابن سان دنيا ڀر جون لائبريريون ڀريون پيون آهن جن جو مطالعو انسان کي رت جي ڳوڙهن هارڻ تي مجبور ڪري وجهندو آهي.

ويهين صدي ۾ جڏهن انسان پنهنجي سماجي ارتقا ۽ سائنسي تاريخ ۾ غيرمعمولي ترقي ڪري چڪو هو تڏهن هن جي حرص و هوس ۽ غلط سوچ جي بنياد تي ٿيندڙ فيصلن جي بنياد تي ويهين صدي جي ٻئي ڏهاڪي ۾ پهرين عظيم جنگ لڳي. ان جنگ جي بدترين تباهڪارين جي حوالي سان دنيا نئين ڏک سان نئين دور ۾ داخل ٿي. هن دور جي جنگ جي دکدائڪ نتيجن کان

دنيا جو هڪ وڏو حصو متاثر ٿيو هو ۽ انهن اسبابن انساني تاريخ جي دردناڪين واري گهڻ رخي ادب کي نپجڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ان زماني جو ادب پڙهي ڏسبو ته اسانکي ڪئين ڪهاڻيون ۽ هزارين داستان بارود جي ڪارهن ۽ انساني رت سان تحرير ٿيل دنيائي ادب جي تاريخ جو حصو بڻيل ڏسڻ ۾ ايندا.

پهرين مهاپاري جا درناڪ قصا اجا پورائي ڪونه ٿيا هئا ته 1918۾ هڪ اسپينش سوائن فلو جي نالي سان يورپ ۾ جنگ کان واپس ورندڙ فوجين جي بيرڪن مان منهن ڪڍيو جنهن ۾ اٽڪل ڇهه لک پنجهتر هزارن کان مٿي انساني جانيون درناڪ عذاب ۾ مبتلا ٿي پنهنجي انت کي پهتيون. هي فوتگيون جنگ عظيم پهرين جي فوتگين کان الڳ شمار ٿيل آهن. اهڙي طرح انساني تاريخ ۾ هڪ وڏي الميي جنم ورتو جنهن ويهين صدي جي شروعات ۾ انساني تاريخ کي خون آشوب ڪري ڇڏيو.

پهرين مهاپاري ۽ اسپينش فلو دنيا ۾ انساني درد. دردن جي احساسن ۽ انساني روين تي بڌل ادب جي هڪ وڏي انگ کي جنم ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ دنيا ۾ ناول نگاري ۽ شارٽ اسٽوريءَ ڪئين نوان رخ اختيار ڪيا ۽ انهن جي بنياد تي دنيا ۾ اڻ ڳڻيون ادبي تحقيقي ۽ سائنسي بنيادن تي ڊاڪيومينٽريون ٺهيون ۽ فلم پراڊڪشن پڻ لڳاتار نون لاڙن سان دنيا جي ادب کي متاثر ڪيو. اسپينش فلو جي وبا کان پوءِ ايڪويهين صدي جي شروعات فبروري 2003 جي پهرين ٻن ڏهاڪن ۾ صدرن چائنا مان انساني زندگي جي خلاف سوائن فلو ڊيٿ وارنٽ ڪٽي هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور کان منهن ڪڍي هوائي رستن جي ذريعي دنيا ۾ پکڙجڻ لڳو. تنهن کان پوءِ جلدئي اها وبا جي شڪل اختيار ڪندي انسان جي مٿان موت جي سايي وانگر لامارا ڏيندي رهي. جنهن کي سارس جو نالو ڏنو ويو. ان مرض جي تيزي سان پکڙجڻ جي ڪري

ڪيترا ماڻهو. هيلٿ ورڪر ۽ علاج ۾ مصروف ڊاڪٽر موت جي منهن ۾ هليا ويا جنهن جي نتيجي ۾ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ويانا مرڪز ۾ ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ سارس وبا جي هاجيڪارين جي ڏهڪاءَ هڪ ترٿلو مچائي ڇڏيو. دنيا ڀر ۾ سارس وگهي مرندڙن ۽ امراض ۾ مبتلا ٿيندڙ افراد تي ميڊيڪل دنيا ۾ تفتيش ۽ تحقيق تي ڊاڪيومينٽريون ٺهيون. ظاهر آهي ته سارس الميي جي حملي ۾ جيڪي فوتگيون ٿيون ان جي افسوسناڪين تي ڪيترا ادب پاره تخليق ٿيا هوندا. ان زماني جون جيڪي تفتيشي ۽ تحقيقي فلم ۽ ڊاڪيومينٽريون ٺهيون تن جو مطالعو ڪجي ٿو ته ان ۾ انسان ذات جو وڏو ڏک ۽ درد نظر اچي ٿو.

هن سال فبروري جي شروع وارن ڏينهن ۾ آئون صبح جو سوير ستين بجي برفيلي ٽورنٽو ۾ ٽرام جون پٽڙيون ڪراس ڪندي اميگريشن بورڊ ڪينيڊا جي دفتر ۾ داخل ٿي بورڊ جي ويٽنگ هال ۾ دفتري ڪم ڪار جي شروع ٿيڻ جو انتظار ڪندي پنهنجو سوٽ ڪيس ڪارنر ڊيبل تي رکيو ۽ اوور ڪوٽ لاهي قريب هينگر ۾ ٽنگي ڪرسي تي ويهندي ڪبي ۽ سڄي پاسي ويٽنل ماڻهن جي چهرن ڏانهن ڏٺو ته ماڻهن جي چهرن تي مايوسي جا آثار نمايان نظر آيا.

مون هيٺ لاهي پرسان پيل خالي ڪرسي تي رکي ڪمري ۾ هلندڙ ٽي وي جي خبرن ۽ پٽي تي جاري هيڊ لائن تي نظر وڌي ته معلوم ٿيو ته چائنا جي شهر ووهان ۾ انفليوئنزا جي شديد مرض جي وائرس ڪورونا نالي سبب فوتگيون ٿي رهيون آهن ۽ هي هڪ وچڙندڙ مرض آهي. جيڪڏهن ان جي ڦهلاءَ کي روڪڻ ۾ ترت ۽ ڪارائتا اپاءَ نه ورتا ويندا ته دنيا وڏي ڏک سان دوچار ٿي سگهي ٿي. مارچ اپريل جي مهيني جي پهچڻ تائين چائنا، اٽلي، برطانيه، امريڪا، اسپين، ايران پاڪستان مطلب ته ايشيا، يورپ

امريڪا ۽ آسٽريليا ڪم و بيش دنيا جي سموري آبادي ڪورونا وائرس وبا جي ور چڙهي وئي، جنهن دنيا جي تمام وڏين طاقتن جن ۾ جي سيون ملڪ شامل آهن جيڪي دنيا تي پنهنجو آرڊر هلائڻ جي پوزيشن ۾ هما وقت ڪم ڪري دنيا جي وڻج واپار ۽ معشيت کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکن ٿا. مگر ڪورونا جي ڀيانڪ نتيجن هن وقت انهن جي هٿن ۽ پيرن ۾ بہ لرزش طاري ڪري ڇڏي آهي. اسان جهڙن ملڪن جي سرواڻن جي هٿن ۾ هن وقت ڪشتو جهليل آهي. سڄي دنيا جي اڪانامي جو گراف تڪڙو تڪڙو هيٺ جهڪي رهيو آهي، ۽ ڪورونا وگهي مرندڙن جو انگ ٻن لکن ڏانهن گامزن آهي. دنيا جي تباهڪارين ۽ انساني اموات جون نيون تاريخون رقم ٿي رهيون آهن. اهڙو ڪو موضوع. اهڙو ڪو شعبو ۽ اهڙو ڪو ڪم ڪار جنهن ۾ يڪثر تبديليون نہ آيون هجن سو سوچ جي دائري کان ٻاهر نظر ٿو اچي.

هتي ويسٽ ۾ رهندي اسانکي گهڻو ڪجهہ تڪڙو تڪڙو تبديل ٿيندي نظر اچي ٿو منهنجي نظر ۾ جيئن دنيا جي بين الاقوامي تاريخ نون اثرات جي ڪري نون موضوعات سان گڏ اقتصادي ۽ سماجي معاملن ۾ ردوبدل جو شڪار ٿيندي نظر اچي ٿي تيئن زندگي جا انيڪ شعبا ۽ ادارا . طرز زندگي ۽ هر قسم جو گذر سفر ۽ دردن جي داستانن جا موضوع نوان پاسا ونن ٿا. ڏسجي ائين ٿو تہ هر ملڪ سان گڏ دنيا جي علم-ادب جي ڪيتر ۾ پڻ جداگانہ فڪري ۽ نظرياتي راهون ڪلنديون پيون وجن ۽ ان سان گڏ بين الاقوامي طور دنيا تڪڙو تبديلين سان دوچار ٿيندي پئي وجي.

ڪينيڊا ۾ اجا سرد هوانن جو راڄ قائم آهي صبح جو پهر گذاري سج جي روشني ۽ تڙڪي جو سهارو وٺندي ڪالهہ گهر اڳيان سر سبز پڪرنگ گهاٽي جي گالف گرائونڊ جي چوڏاري فٽ پاٿ جو سير ڪرڻ نڪتس تہ پندرهن فٽن جي فاصلي تي لڳل وڻن

جي پاڙن جي مٿاڇري تي رکيل رنگين پٿرن جي ننڍن ٽڪرن تي گهر ڪان ويندي هر طرف ۽ هر پاسي ۽ ماڻهن جي گهرن اڳيان تحرير ٿيل ادب پاره ڏٺم، جن تي انساني روين جي هڪ نئين تاريخ رقم ٿيل نظر آئي. ڪلاڪ ڪن جي واڪ ۾ ڪتاب جي ٽن چئن ورقن جيترو محبت، همت، انساني همدردي. صبر و تحمل. انساني سياءَ ۽ جيئڻ جي اميد جو لٽريچر پڙهي ورتم. مونکي ڪالهه سير سفر ڪان موٽندي ائين محسوس ٿيو ڄڻ پٿر مونسان ڳالهائي رهيا هئا ۽ پڻ ائين لڳو تہ واڪ ڪندي مون انساني جذبات ۽ احساسات ۽ پيار جي هڪ نئين قسم جي ادب جون ڪجهہ نڪور ڪهاڻيون پڙهي ورتون آهن. هي پهريون ڀيرو هو جو مون پٿرن ۾ انساني پيار جي واشگاف خوشبو محسوس ڪئي.

# روپ بهروپ

ٽورنٽو جي مضافاتي علائقي ۾ خاص ڪري اسانجي گهر پرسان گيريزن ڪراسنگ روڊ کان فرلانگ ڏيڍ اتر پاسي ريل گاڏي پنهنجي ٽريڪ تان روزانو ٻه ڀيرا ڪن گذرندي آهي. جڏهن رات جي پهر ۾ سيٽي وڄائيندي اتان لنگهندي آهي ته مونکي پنهنجي گذريل زندگي جون ڪيتريون نه وسرندڙ يادگيريون ذهن تي تري اينديون آهن. مگر هاڻي هن دور جي ريل گاڏين ۾ ستر پنجهتر سال اڳ واريون ريل گاڏين جي رنگ، روپ توڙي ڏاهه ٺاهه ۾ وڏيون ڦيريون گهيريون اچي ويون آهن. اهڙي طرح انساني سماج ۾ حضرت انسان جي روش. روين. عادتن ۾ روپ بهروپ پڻ ڪئين نوان رنگ اختيار ڪيا آهن.

مارچ اپريل وارن مهينن ۾ ڪينيڊا ۾ برفيلي هوائن جو زور ٽٽي چڪو هو. خوشي جي ڳالهه ته منهنجي لاءِ اوور ڪوٽ ۽ برفاني جوتن بنا گهر کان ٻاهر نڪري هيڏي هوڏي گهمڻ تان پابندي به ختم ٿي چڪي هئي. اهڙي سمي مون سوچيو ته ڀاڙي مان گذرندڙ ريلوي ٽريڪ جو نظارو ڪري ٽريڪ تي وڏيون ٻرانگهون ڀري هلڻ واريون نندهي هوندي واريون سڪون لاهي اچان.

صبح جو ٻارهين بجي مان گيريزن ڪراسنگ روڊ لتاڙي مين براق روڊ تي آيس. بائي پاس سرجري کان پوءِ منهنجي هلڻ چلڻ جي رفتار تمام گهٽ ٿي چڪي آهي تنهنڪري پندرهن منٽن وارو پنڌ مون اڌ ڪلاڪ ۾ طئي ڪيو. روڊ تي بيهي ريلوي ٽريڪ جي پل جي آخري ڇيڙي ڏانهن نگاهه ڪٽي نهاريم ته مونکي اهو مفاصلو پنجويهه ٽيهه فٽن جو پئي لڳو. متي ٽريڪ تائين وڃڻ لاءِ سمورو رستو ذري گهٽ عمودي ۽ چاڙهائون هو. ٻي ڳالهه ته اهو

سمورو جو سمورو ڇپر جهڙي سائي گاهه سان ڍڪيل هو. پنهنجي شوق پوري ڪرڻ لاءِ منهنجي اڳيان اهو واحد رستو هو جنهن تان لنگهي مٿي ريلوي لائن تي پهچڻ ممڪن هو. سو مون پنهنجي پاڪستاني روش موجب بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي ڪينيڊا جي قائدن جي لتاڙ ڪندي وچي گاهه ۾ پير وڌا ۽ مٿي چاڙهي تي آهستي آهستي چڙهڻ شروع ڪيو. ٿورو مٿي وڃي مونکي احساس ٿيو ته رستي ۾ وچايل هي گاهه گاهه ناهي پر چار پنج فٽ ڊگهن ٻوٽن جا سرن جهڙا پن آهن جيڪي برفاني طوفانن جي دٻاءَ تي زمين سان ڳتيا بيٺا آهن. پر ڇاڪاڻ ته انوقت موسم جون هوائون ۽ اس جو تاءُ انهن کي اڌيڙي ۽ اڦاري ڪجهه وائڪو ڪري ڇڪو هو تنهنڪري اتان لنگهڻ منهنجي لاءِ ڪجهه سنهنجهو ٿي پيو. جڏهن ريلوي ٽريڪ تي پهچڻ لاءِ اڌ پنڌ باقي بچيو ته مونکي اچي ڊپ ورايو ته هنن سرن هيٺان کي هتان جون نانگ بلائون. وڇون يا ڪي اهڙا ٻيا جيت جڻا نه لڪل هجن جن تي پير پوڻ ڪري ڪو درد پريو معاملو ڪڙو ٿي پوي. ڊڄندي ڊڄندي ۽ احتياط ڪندي آئون مڙئي وڃي پار پيس.

ريل جي پٽڙين تي پهچي چئو طرف نگاهه ڦيرايم ته اتر اوڀر پاسي هڪ ٻي منقطع ٿيل ريل جي پٽڙي نظر آئي جنهن تي پراڻي زماني جا بيڪار مال گاڏا بيٺل هئا. مگر ماحول جي ارد گرد ۽ دور نگاهه تائين فطرت جا عجيب نظارا نظرن کي ڪيرو ڪري رهيا هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پڪرنگ وادي جو هي علائقو پنهنجي ٻيلن جي ساوڪ ۽ گالف ڪلب جي خوبصورت باغن ۽ ساوڪ ڀري ميدانن جي ڪري نهايت حسين ۽ نيڻ ٺار لڳندو آهي. منهنجي خيال ۾ پاڙي وارو هي ريل روڊ رڳو بحري اڏن ۽ گودامن ڏانهن مال پهچائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هتان جي واپار جي حجم جي مونکي ان مان خبر پوندي آهي ته هن ٽريڪ تي ٻن ٻن سون گاڏن

ڪي ڏڪڻ واريون ٻہ طاقتور انجڻيون لڳنديون آهن جيڪي ڪينيڊا جي پنهنجي پيداوار آهن. ۽ مال گاڏا بہ اسان وارين بوگين کان ٻيڻا ٽيڻا آهن.

جنهن سمي مون ريل جون پنڙيون ٽپي پراڻي ٽريڪ تي بيٺل مال گاڏن جي پرسان پهتم تہ منهنجي ڇر پر ڪي محوس ڪندي هڪ گوري نسل جو ماڻهو مال گاڏي جي دروازي کان ٻاهر منهن ڪيندي. پنهنجو هٿ لوڏي مسڪرائندي منهنجي آجيان ڪئي. مون بہ ساڻس هيلو هاءِ ۽ گڊ ڊي جي ڪلمات سان مسڪرائيندي جواب ڏنو. ساڳئي وقت ان مال گاڏي مان مونکي ٻئي همراه جي ڇر پر پڻ نظر آئي گاڏي جي دروازي جي پرسان وڃي اندر ليو پائي ڏٺم تہ ان گاڏي ۾ چار ماڻهون کن رهائش پذير هئا. سندن آجيان ۽ آچ تي مان مال گاڏي جي ڊٻي ۾ اندر هليو ويس. اندر گاڏي جي هڪ پاسي ڏٺم تہ هڪ همراه گاڏي جي ڀتين تي وينو تصويرڪشي ڪري. هن جي مونتي نظر پئي تہ هن ڪجھ سيڪنڊ لاءِ برش کي روڪي پنهنجي لبن تي مسڪان آڻيندي منهنجي  ڪيڪربازي ڪئي. ڀينٽر کان ڇهن ستن فٽن جي فاصلي تي هڪ همراه ڪتاب ۾ منهن وجهيو وينو هو. ڪيس منهنجي اچڻ جي ڪٽڪ پئي تہ ان بہ ڪتاب منهن تان پري ڪندي پياري انداز سان چيو. ”مولا تنهنجو ڏينهن خوشگوار ڪري.“

مون گاڏي جي اندرين حالت ۽ ان ۾ رهائش پذير ماڻهن جي افعالن کي ڏسي اندازو لڳايو تہ هي ڪي فقير منش ماڻهو آهن ۽ اهوئي هنن بي گهر ماڻهن جو نڪاڻو آهي. مال گاڏي ۾ جيتوڻيڪ هر طرف ڪاڏي پيتي جا پيڪٽ. ڪير ۽ جوس وغيره جا ڊٻا جا بجا پکڙيل پيا هئا مگر اندر سترائي جو وڏو فقدان هو تنهنڪري ماحول ۾ عجيب بدبو ڦهليل هئي ۽ تقريبن ان ماحول ۾ منهنجو ويهڻ تہ ڇا پر بيهڻ بہ محال هئو. پوءِ گاڏي جي دروازي پرسان هوا

جي رخ تي بيهندي ڀٽي ڀرپور ساهه کڻندي مون پاسي واري همراهه کان پڇيو...... "چو پيلا زندگي گذارڻ لاءِ هي سهڻو آستانو منتخب ڪيو اٿو؟" همراهه خوش دلي سان وراڻيو. ...... "دوست هي اسانجي هابي آهي." مون اچرج ڀري انداز ۾ ڪائنس پڇيو، "هيڙن فقيراڻن حالن ۾ رهڻ توهانجي هابي آهي؟" ٻي ڏڙڪ تي هن وراڻيو . "جي سڄڻ هي اسانجي هابي آهي." مون ڪانس هڪ ٻيو سوال ڪيو. "هي ويرانو. نه سواري نڪا شئي شڪل ۾ نه ڪو وري وندر جو سامان؟" منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ هن مونکي گاڏي جي فرش تي وڇايل سوڙ تي ويهڻ لاءِ آڇ ڪئي. پر ڇاڪاڻ ته مان اهڙي ڪريائتي ماحول ۾ ويهڻ جو ڪنهن پر به عادي ڪونه هوس تنهنڪري مون ڪيس هٿ جوڙ ڪندي چيو "پليز توهان جواب ڏيو مان بيهڻ جو عادي آهيان." منهنجي سامهون واري همراهه پنهنجي منهن تي مسڪراهٽ آڻيندي. سامهون پيل ڪتابن جي ڍڳ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "هي جيڪي ڪتاب ڏسين ٿو." مون وراڻيو "جي." "اهي اسانڪي ٻن مهينن اندر پڙهي پورا ڪرڻا آهن." مون وچ ۾ دخل ڏيندي چيو، "توهان سيني ڪي؟" "جي مگر هن پيٽر ڪي نه." ٿورو رڪي هن ٻڌائڻ شروع ڪيو. "ان پيٽر صاحب ڪي تصوير ڪشي جو جنون آهي. ان لاءِ ڪائڻ پڇائڻ جو ڪم هو دلبر دوست مسٽر لوئس ڪندو آهي." مون مسٽر لوئس ڏانهن ڏٺو جنهن پنهنجي مان ۾ پنهنجي رفيق کان سهڻا لفظ ٻڌندي مسڪرائندي مونکي ويلڪم ڪيو. مون پنهنجي مخاطب دوست کي پنهنجو تعارف ڪرائيندي سندس نالو معلوم ڪيو جنهن پنهنجو نالو. وليم ٻڌايو. مون مسٽر وليم کان معلوم ڪندي سوال ڪيو. "هي ڪاڏي پيتي جون شيون توهان کي ڪير پيو سپلاءِ ڪري." هن مال گاڏي جي هڪ پاسي ڪني ٿيل ڪارٽن ۽ بيگس ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "اهو اسانجي هابي جي مهم جوئي جو سمورو سامان

آهي جنهن ڪي اسان گڏجي آڻيندا ۽ استعمال ڪندا آهيون. مون مال گاڏي ڪان ٿورو منهن ٻاهر ڪڍي ٻئي ڳوڙها ساهه ڪڻندي مسٽر وليم ڪي چيو. ”اوهان فرمايو ته هابي جي مهم جوئي؟“ جي دوست مان سمجهان ٿو تون پر ڏيهي آهين تنهنڪري توکي آشنا ٿو ڪريان ته اسان سڀئي هڪ قسم جا مهم جو آهيون. مون مسٽر وليم ڪي چيو. ”مطلب توهان هتي مهم جوئي ۾ مصروف آهيو؟“ هن وراڻيو ”جي مسٽر سومرو. مون وليم کان هڪ ٻيو سوال پڇيو“ انجو مطلب ته توهانجو سماجي اسٽيٽس ڪو ٻيو آهي؟ ..... هن وراڻيو. ”جي سماجي اسٽيٽس اسانجو ٻيو آهي پر هي جيڪو توکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو اها اسانجي پنهنجي اصلي زندگي آهي. جنهن ڪي سماج ۾ رهي اسان گذاري نٿا سگهئون.“ مون وڏي اچرج ۾ ايندي وليم ڪي چيو. ”معاف ڪجاء مسٽر وليم هي ته غير شاسته ۽ ڪريائتي زندگي جو هڪ پيانڪ پاسو آهي“ جي مسٽر سومرو بلڪل ائين آهي. ٿورو ترسي ٿڌو ساهه پريندي پنهنجي اکين ڪي ٻئي چينيا ڏيندي وليم وري پنهنجو قصو اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳو. دوست ڏهه مهينا اسان پنهنجي زندگي جا سماج ڪي ڏيندا آهيون. بس اسانجي لاءِ ايترو ڪوڙ آهي وڌيڪ نه.“

هڪ ٻيو همراه جيڪو ليٽندي ليٽندي اسانجا مڪالمات ٻڌي رهيو هو سو پنهنجي جسم تان گنجي لاهندي اسانجي سامهون اچي بيٺو. مون سندس جسم تي نظر ڦيرائي ڏٺو. همراه جو جسم جو نسلي رنگ ته چڱو چوکو ڳاڙهو هو مگر سندس ڏورا ۽ جسم جا اڳيان پويان حصا ٽيٽو ڪيل هئا. مسٽر وليم سندس تعارف ڪرائيندي ٻڌايو ته ”هي مسٽر فلپ آهي.“

اسان ٻنهي هڪ ٻئي ڪي نهاريندي مسڪرايوسين. فلپ ويلڪم ڪندي ٻڌايو ته، ”مسٽر سومرو اسانجي آستاني تي پلي ڪري آيا. پر توهان هتي اچي ڪو چڱو ڪم ناهي ڪيو.“ مون فلپ

ڪان معلوم ڪيو، ”سو ڪيئن“. هن چيو ”هي ريلوي ٽريڪ سرڪاري آهي تنهنڪري براق روڊ ڪان متي اچڻ ئي ڪنهن ماڻهو جي لاءِ هڪ هاڃيڪار فعل سمجهيو ٿو وڃي.“ مون وٽ ڪو قانوني جواز ته ڪونه هو مگر پوءِ به مون فلپ کي جواب ڏيندي چيو. ”ٻاروتڻ ڪان چاڙهيون چڙهڻ ۽ ميلن جا ميل ريل جي پٽڙين ۽ ريل جي گاڏن ۾ لهڻ چڙهڻ منهنجي نندي هوندي ڪان هابي رهي آهي. تنهنڪري ته هن ڪراڙپ ۾ انجائنا جي مريض هجڻ باوجود به ريلوي لائينن جو درشن ڪرڻ لاءِ متي چڙهي آيو آهيان.“ مسٽر فلپ ڪان سوال ڪندي مون پڇيو. ”اوهان ٻڌائڻ پسند ڪندا ته توهان هن سرڪاري ريلوي لائن ۾ هنن مال گاڏن کي پنهنجي ذاتي مقصد لاءِ استعمال پيا ڪريو.سو ڪهڙي قانوني دائري موجب هوندو؟“ فلپ جواب ڏيندي چيو، ”هو جيڪو ڪتاب پڙهندي ماڻهو ڏسين ٿو سو مسٽر جو آهي. هن ٿورو رڪي وري چيو“ اهو جي چاهي ته فورڊ جي سموري ڪمپني بيٺي بيٺي خريد ڪري. هي مال گاڏا ۽ هي پراڻا ٽريڪ ان پٽي تي حاصل ڪيا آهن.. اهڙي قسم جا ٻه گولا چٽندا ڏسي مسٽر وليم کي الوداع ڪندي مان مال گاڏي جي ڏندڻ ۾ هٿ وجهي هيٺ ڪسڪي جان ڇڏائي. سڌ پنڌ اوپر پاسي گالف ڪلب ڏانهن ويندي ويندي منهنجي نظر هڪ افريڪي ڇاول نسل جي مائي تي پئي جيڪا ريلوي لائن جي لڳ ٻيلي جي وڻن جي وٽ ۾ اڏيل هڪ ڪاٺ جي هٽ ۾ داخل ٿي.

آئون ريلوي ٽريڪ تان ٻيهي جيئن هن جي هٽ کي تڪي رهيو هوس ته مون جهوپڙي مان ان عورت ۽ هڪ مرد کي ٻاهر ايندي ڏٺو. بنا ڪنهن تڪلف جي هنن دعا جي سهڻن لفظن سان منهنجي آجيان ڪئي. مون ڪين پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ تعارف ڪرايو. ٻنهي پنهنجي نالو وغيره ٻڌائيندي پنهنجي هٽ ۾ به گهڙيون گهارڻ جي آڇ ڪئي. مون دل ۾ خيال ڪيو ته هي به

گيدڙي هوندا ۽ منهنجو هنن وٽ ترسڻ ڪنهن مشڪل ۾ مبتلا نہ ڪري وجهي. مگر هن جوڙي جي چهري تي هڪ پر ڪشش ۽ خلوص ڀري مسڪراهٽ ڏسي مان هنن سان گڏجي سندن هٽ ۾ ويس. اندر وجي چا ڏسان تہ خوشبو سان گهر ٻهڪي پيو. گهر ۾ هلڪو ڦلڪو فرنيچر موجود هو ۽ گهر جي ڪنڊ ڪڙڇ پڻ صاف ستري پئي لڳي. گهر جي خاتون هڪ ننڍي فرج مان ٿن پيڪ سيون اپ آڻي منهنجي هٿ ۾ ڏني. مونکي اڄ بہ لڳي هئي. سندس مهر مجندي مون اڌ سيون اپ خالي ڪري ڇڏي. جهٽ پلڪ جي خاموشي کي ٽوڙيندي سامهون وينل جوان جنهن پنهنجو نالو ميٿيو ٻڌايو تنهن ٻڌايو تہ. ”توهان کي مون مال گاڏي جي دٻي ۾ ويندي ڏٺو هو.“ مون ڪيس وراڻيو جي اهو ”هڪ اتفاق هو.“ ٿورو رڪي مون ميٿيو ۽ سندس ساٿي کان معلوم ڪيم تہ توهانجي پرسنلٽي جي باري مان فڪرمند آهيان. ميٿيو چيو اهو وري ڪيئن؟ مون کين ٻڌايو تہ هتي کي ماڻهون پنهنجي زندگي سماج جي ڌاري کان جدا رهي پيا ٽا گذارين. اوهين جيڪي نظر اچو ٽا سي ئي آهيو يا ڪنهن ٻهروپ جو ڪو روپ آهيو. مرينا وراڻيو نہ اسان جو هي سچو پچو روپ آهي.

ميٿيو منهنجو بواء فرينڊ آهي. هن وڌيڪ مخاطب ٿيندي ٻڌايو تہ. ”هو جيڪا مال گاڏي ۾ مخلوق رهي ٿي سي پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾ ٻني قسم جي زندگي گذارڻ وارا ماڻهو آهن. جيڪي پنهنجي زندگي جي اهڙي ٻهروپ ۾ رهندي اسان سان ملڻ کان گهٽو لهرائيندا آهن. ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي زندگي جا هي مهينا پنهنجي مرضي مطابق گذارڻ چاهيندا آهن اسان يا ڪو ٻيو هنن جي ڪنهن بہ سرگرمي سان ڪنهن بہ قسم جو ڪو تعلق نٿو رکي سگهي. تنهنڪري توهان کي بہ انهن ڏانهن وڃڻ نہ گهربو هو. ٻهر حال جڏهن اوهان هن پاسي سير تفريح لاءِ اچو تہ هي پڪرنگ

گالف ڪلب وارو رستو ڏئي اچجو.“ شام جو گهر پهچڻ ڪان پوءِ مون ٻنهي شخصيت رڪنڊڙ ارب پتي ماڻهن جي ڀهروپي حيثيت ڌارڻ واري زندگي جي موضوع تي سرچ ڪرڻ ڪي لڳي ويس.

**

# قومن جا سماجي رويا

فردن جا پنهنجي ذات سان ٻڌل سماجي رويا جڏهن قومن جي اجتماعي زندگيءَ ۾ عام طور ڏسڻ ۾ ايندا آهن تڏهن ان جا اشارا اسانکي پنهنجي قوم جي اجتمائي شعور ۾ پڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ڪنهن قوم جي سماجي اعمالن. افعالن ۽ ڪارگذارين جي منفي روين ۾ جڏهن وڏي پيماني تي واڌ ايندي آهي ته سماج جا اهڙا اشارا ٻڌائيندا آهن ته قوم ۾ شعور جي ڪوٽ آهي. ۽ ماڻهو اڻ سڌريل رستن تي هلي پنهنجي منفي سوچ تي ٻڌل سماجي روين جي ڪري سوسائٽي جي آدرشن جي ٻيڙي ٻوڙي رهيا آهن. هونئن ٻه اهڙو سماج جنهن ۾ هر شخص پنهنجي ذات جي مفاد جي باري ۾ سوچيندو آهي تنهن سماج جو مقدر تباهي هوندي آهي.

اڪثر ماڻهن جي سماجي روين جون منفي ڪهاڻيون ۽ قصا سوشل ۽ پرنٽ ميڊيا جي زينت ٻڻجندا رهندا آهن. ڪجھ پنهجي اکين جا ڏٺل منظر آهن ۽ ڪي وري پنهنجي ويجهن حلقن ۾ زير بحث آيل ڳالهيون آهن جن کي هتي موضوع ٻڻائڻ مقصود آهي. ڪجھ ڏينهن ٿيا جو هڪ دوست ميڊيا تي بينڪن جي هن روين تي افسوس جو اظهار ڪيو ته بينڪ ۾ پئسن ڏيڻ ۽ وٺڻ وارن ڪائونٽر تي ۽ رائيٽنگ ڊيسڪ تي لکڻ لاءِ رکيل بال پين کي ٻه پلاسٽڪ جي خوبصورت زنجيرن ۾ ٻڌي رکيو پيو وڃي ٿو. هڪ لحاظ کان اهو اسان پڙهيل لکيل ماڻهن جي شعور مٿان هڪ ڪاپاري وار آهي. اهڙي قسم جي سوال جو جواب ڏيڻ هڪ اهنجو ڪم آهي. ڪوئي ٻه شعور وند انسان قلم کي پابند سلاسل رکڻ جو جواب ڏئي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته ان سوال جي پنيان قوم جي هڪ منفي سماجي رويي جو عمل دخل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو اهو ته هڪ ماڻهو پنجاه هزار رپين جو چيڪ ڪيش ڪرائي. ويندي ويندي

ٽڪي جو قلم پنهنجي ڪيسي ۾ ڪنيو وڃي ٿو. اسانجي سماج ۾ جڏهن ماڻهو اهڙي عمل جي پريڪٽس عام جام ڪندا تڏهن ڇو ڪونہ قلمن کي زنجير لڳندا.

ڪورونا وبا دوران وڏن شاپنگ مال ۾ هزارن رپين جي خريداري ڪرڻ وارن گراهڪن جي لاءِ ڪائونٽر تي مفت فيس ماسڪ رکيا ويا. مگر شاپنگ مال جي نگرانن کي جڏهن اهو محسوس ٿيو تہ گراهڪ پنهنجي ڪيسن ۽ پرس ۾ اضافي فيس ماسڪ پاڻ سان کنيو پيا وڃن تاۀ تڏهن شاپنگ مال انتظاميہ فيس ماسڪ مفت فراهم ڪرڻ بدران هر هڪ فيس ماسڪ تي پنج ڏهہ رپيا قيمت وٺڻ شروع ڪئي. ماڻهن جا اهڙا رويا ۽ اهڙا افعال اسانجي اجتمائي سماجي شعور ۽ روين جي نشاندهي ڪن ٿا تہ اهي ڪيترا مثبت ۽ ڪيترا منفي آهن.

هتي هڪ پيري ڪيل پنهنجي اسڪول جي استاد جو قول سامهون ٿو اچي. اسان شاگردن يونيورسٽي کان فارغ ٿيڻ کان گهڻو پوءِ پنهنجي اسڪول ٽيچر سان هڪ ملاقات ۾ گفتگو دوران سوال ڪيو سين تہ: ”سائين ملڪ ڪڏهن ترقي ڪندو؟“ چيائين: وڃي پنهنجي اسڪول ۾ ڏسو تہ جيڪڏهن اسڪول ۾ اهو ساڳيوئي مٽ ۽ اها ساڳي ڪپڙي پئي آهي تہ پوءِ ملڪ کي ترقي ڪرڻ ۾ اجا ورهيہ لڳندا.

منهنجي هڪ دوست ڪورونا وبا جي زماني جي هڪ منفي سماجي رويي ڏانهن ڌيان ڇڪايو. دوست ٻڌايو تہ: اسانجي ڪمپنيءَ پنهنجي شاپنگ سينٽر جي خريداريءَ وارن ڪائونٽرس تي ۽ گراڪن جي اچ وڃ وارين جاين تي وڏي ۽ ننڍي پيڪنگ واريون هينڊ سينيٽائيزرس جون بوتلون رکيون. مگر رش جي گهٽ ٿيڻ کان پوءِ سنڀال تي معلوم ٿيندو هو تہ ڪجهہ سينيٽائيزر جون بوتلون پنهنجي جاءِ تان غائب ٿي وينديون هيون. ماڻهن جون اهي

عادتون ۽ رويا اسانجي سماجي منفي سوچ جي نشاندهي ڪن ٿا. جيڪڏهن اهڙن سماجي روين ۾ قومي پيماني تي واڌ ايندي ته قوم جا اعلا قدر ۽ آدرش مليا ميٽ ٿي ويندا. افسوس سان چوڻو پئي ٿو ته مون کي گذريل ڏيڍ سال جي عرصي ۾ ويسٽ جي. جي. سيون ملڪ ڪيناڊا ۾ ڪنهن به سطح تي اهڙن منفي سماجي رويي جي ڪنهن به پهلوءَ جو ڪو ڏيک نظر نه آيو.

# هند سنڌ کو ويچو ناهي

ٻن ڏينهن کان وادي پڪرنگ جي آسمان ۾ ڪڪر ڪارا ويس ڪري اولهه کان اوپر پيا تا ڊوڙون پائين. ڏينهن جو هڪ تي رهيو آهي آسمان ۾ معمولي ڪجگوڙ ۽ هوائن ۾ خنڪي پکڙجي چڪي آهي. جيتوڻيڪ موسم اهڙي نہ هئي جو آئون گالف ڪلب جي پاسي واري ٻيلي جي پراڻي هٽ ۾ وڃي پنهنجي خيالن ۽ مشاهدن جو اظهار لکان پر روز جي هير ۽ روز جي عادت کان مجبور تي اچي وڻن جي ٿڌڙي ڇانو ۾ هٽ ۾ رکيل پراڻي زماني جي بيڪار پيل ڪرسين تي ويهي پنهنجا افسانہ لکڻ شروع ڪيا .هٽ ۾ مون نيسلي پاڻي جون بوتلون فرنيچر جي ڪنڊ پاسي ۾ لڪائي رکيون آهن جن مان ضرورت آهر پيو پاڻي پيئندو آهيان.

پنهنجي تحرير جي لکڻ ۾ آئون ايترو گم تي ويو هوس جو مونکي احساس نہ رهيو تہ فضا ۾ ڪجگوڙ سان گڏ آسمان مان مينهن جون ڪڻيون ڪري رهيون آهن. اڄ مونکان اها بہ چڪ تي وئي هئي جو مون هوم گوگل کان موسم جي اڳڪٿيءَ جي خبر چار نہ ورتي هئي. مونکي ان وقت اچي خوف ورايو جڏهن هٽ جي پراڻي ڇت مان مينهن جون ڪڻيون مٿي تي اچي پيون. آئون جهٽ ۾ اها جوءِ ڇڏي ڪلب جي عمارت جي اڳر کان ڊوڙندو ميدان ۾ بينل وڻن جي اوٽ اچي بيٺس. ان مهل تائين مينهن جي وسڪاري ۾ اضافو تي چڪو هو. گالف جي ميدان ۾ ويل رانديگرن جون پڻ ڊوڙون لڳيون پيون هيون. اهي پنهنجيون گالف جون ڪٽون ۽ ناشتي پاڻي جا ٿيلها کنيو پنهنجي ٽري ويلر ڪارٽس کي ڊوڙائيندا انهن وڻن جي اڳيان اسٽينڊ تي اچي ڪنا ٽيڻ لڳا جتي آئون پاڻي کان بچڻ لاءِ اچي لڪو هوس. جڏهن مينهن جو پاڻي وڻن جي پنن مان ڇٽي منهنجا بوٽ ۽ ڪپڙا پڄائڻ لڳو تڏهن اتان ڊوڙپائي مان

پارڪ جي ميدان مان نڪري سامهون گهرن ڏانهن رخ رکيو. تقريبن مان اڌو گابرو پچي چڪو هوس. پوءِ به سهارو وٺندي مان گجراتين جي پاڙي جي هڪ گهر جي ڏيوڍي ۾ اچي پناه ورتي. ان آسري تي ته ٿورو وسڪارو جهڪو ٿي ته پنهنجي گهر گيريزن ڪراسنگ ڏانهن خير سان پهچان. هن گهر جي ڏيوڍي ڇا هئي هڪ ڪشادي گيلري هئي. گهر جي خاص لنگهه واري دروازي کان پري ٿي آئون هڪ ڪنڊ ۾ پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن گهر ۾ موجود ماڻهن جي مون تي نگاه نه پوي. مان برسات جي پچڻ کان ته بچيل هوس مگر تکي هوا جي لڳڻ ڪري جسم ۾ سياندو محسوس ٿيڻ لڳو.

دل ۾ دعائون گهرڻ لڳس ته مولا سائين مينهن کي جهڪو ڪر ته آئون پرائي گهر کان ٻاهر نڪران. ايتري ۾ گهر جي دروازي کلڻ جو آواز ٿيو ۽ هڪ پوڙهي خاتون در کان لئو پائيندي مونکي ڏسي چوڻ لڳي "توهان ٺيڪ ته آهيو." وراڻيم "ڦهري مينهن ماري وڌو آ." خاتون خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪندي چيو. "او خير آ مان تنهنجي ويهڻ جو بندوبست ڪريان ٿي مينهن بند ٿي ته هليا وڃجو."

مون ٿورو مجيندي خاتون کي چيو ته، "محترمه هي ڪووڊ جا ڏينهن آهن آئون اتيئي ٺيڪ آهيان." منهنجي ڪيفيت کي ڏسندي هن زور پريندي چيو "ڪا ڳالهه ناهي جي توهانجي پريشاني گهٽبي ته مونکي پڳوان اجر ڏيندو." خاتون منهنجي لهجي مان اندازو ڪري وئي هئي ته آئون جنوبي ايشيائي جنس مان آهيان. مگر آئون پڳوان جي لفظ کي وٺي ڪنهن ويچار ۾ هليو ويس. خاتون گهر جي اندر اچڻ جو اشارو ڪندي چيو. "اسان پاڻ سوشل ڊسٽينس جا قائل آهيون اڄ ڪلهه ته هر ڪو ان موذي کان ڊنل آ" مون چيو "پر هي منهنجو ماسڪ ته پسي چڪو آهي." هن وراڻيو،

”خير آ مون وٽ ڊزن کن ماسڪ رکيا آهن توهان هڪڙو استعمال ڪندا ٻيو چا.“

مانواري، ”ها مگر“

”اگر مگر ڪي ڇڏيو، تڪلف نہ ڪريو هوڏانهن هن ڪرسي تي ٿي ويهو .“

مون ڪشادي لونگ روم جو طائرانہ جائزو وٺندي خاتون کان سوال ڪيو. ”گهر ۾ ٻيا ڀاتي ڪون تا ڏسجن.“ خاتون وراڻيو ”پوٽي ۽ پوٽو آهن پنهنجي ڪمري ۾ ڪيڏڻ تا....“ ساهي پٽي چوڻ لڳي ”توهان سنڌي ماڻهو آهيو تنهنڪري پيا تا گهڻو ويچاريو..“

مون چيومانس، ”خاتون توکي ڪيئن خبر پئي تہ مان سنڌي آهيان.“ وراڻيائين، شام جو روز پنهنجن ٻارن سان پارڪ ۾ ايندي آهيان. مان ڏسندي آهيان تہ توهان پنهنجي ٻارن سان سنڌي ۾ ڳالائيندا آهيو. ٿورو رڪي هن وري چيو تہ جي توهانکي سيءُ ٿو لڳي تہ مان آتشدان ٻاريان.“

مون وراڻيو: ”توهانجي مهرباني خير آ“

هوءَ پنهنجي ڪرسي تان اٿي ۽ پرسان واري ڪمري ۾ هلي وئي. مون ڏٺو تہ هن جي هٿن ۾ سلينڊر فين هو جيڪو منهنجي اڳيان رکندي چيائين، ”هي ڊيوئل سسٽم تي آهي هن جي گرم هوا تي اجهو توهان جا ڪپڙا سڪي ويندا خاتون جو احسان مڃيندي مون ڪيس چيو توهان ڪٿان جا آهيو.“

خاتون جواب ۾ چيو تہ، ”اسان جا وڏا پڻ سنڌ جي شهر ڪراچيءَ مان لڏي بمبئي جي علاقي انڌيري ايرندي ۾ اچي ويا، ساهي پٽيندي هن وري پنهنجو قصو شروع ڪيو. ”مان ان وقت پنجن سالن جي هيس. مون سنڌي ٻولي پنهنجي ماءُ پيءُ کان سکي. منهنجي پيءُ کان وڌيڪ امڙ سنڌي سکڻ تي زور ڏيندي هئي. اسان

پاڻ ۾ ٻه ڀاءُ ڀينر آهيون سڀ پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيدا آهيون. منهنجي ننهن ۽ پٽ ٻه سٺي سنڌي ڳالهائي سگهندا آهن.“

مون پڇيومانس ته، ”اهي“

منهنجي سوال جو جواب ڏيندي چيائين، ”هن وقت اهي پنهنجي پنهنجي نوڪري تي ويل آهن.“

مون سندس اڍ جي باري ۾ چيو ته، ”سنڌين جي کهڙي اڍ سان اوهان جو تعلق آهي.“

چوڻ لڳي:”اسان جا وڏا نائون مل پوڄواڻي جي ڪل مان هئا تنهنڪري اسان پوڄواڻي سڏبا آهيون مگر هاڻي ڪير ٿو پڇي ذاتين کي، هتي وري ڪينادا ۾ ته رهندو ڪجهه نه بچيو آهي.“ ”توهان کهڙي ذات سڏايو، سنڌ ۾ ته اهو چڪر اڄان ٻه هوندو.“

”جي ها سنڌ ته آهي ئي ذاتين سان ٻڌل.“

خاتون ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو .سنڌ ته آهي سمن ۽ سومرن سان.“

مون وراڻيو، ”مائي ڏاڍي خبر تي رکين.“ وراڻيائين....... ”پايل مان ڪتاب جي پچر ناهي ڇڏي رات جو چار ورق پڙهي پوءِ آرامي ٿيندي آهيان.“ وري چوڻ لڳي. ”او چانهن ته مونکان وسري وئي اجهو ٿي آڻيان. ائين چئي هوءَ لونگ روم مان هلي وئي.“

جهٽ پلڪ ڪانپوءِ هٿ ۾ ٽري کڻي آئي سينٽرل ٽيبل تي رکندي چوڻ لڳي، ”هي ڪيڪ مون پنهنجي هٿن سان تيار ڪيو آهي منهنجا ٻار خاص ڪري هي ننڍا ٻار ته، گذران ئي ڪيڪ. بسڪوٽن، ٽافين، بند ۽ برگر تي ڪن. مون ڪيس وراڻيندي چيو، ڀيڻ هن تڪلف جي کهڙي ضرورت هئي. موٽ ۾ چوڻ لڳي. ”گهر آئي کي ڪو ائين وڃڻ ڏيندو. مان هڪڙي ڳالهه توهان کي ٿي ٻڌايان ته ٿيون ڏينهن واري مينهن ۾ ان ٻاهرين گيلري ۾ ڳيرو اچي ڪريو هو.“ مون چيومانس پوءِ هن وراڻيو، پوءِ ڇا، ساهي کڻي

قصو شروع ڪيائين: ”پوءِ مان ان ڪي اندر گهر ۾ آندو. هيٺر تي هن جا پر سڪايم جڏهن ڪجهه ڦترو ٿيو تڏهن ٻارن جا بسڪوٽ پوري هن جي اڳيان رکيم.“ مون پڇيو ته ”ڳيرو بسڪوٽن جي پور چڳي ويو.“ چيائين: ”جي ها کائي ويو.“ بنا ساهي جي ڳالهه کي پورو ڪندي چيائين. ادا توهان ته پوءِ به انسان آهيو توهان جو ته پکين کان وڌيڪ حق آهي سو مان توهان کي ائين ڪيئن ڇڏيندس.“

گهڙي سوا کان پوءِ مينهن جهڪو ٿي بند ٿي ويو. منهنجا ڪپڙا به ذري گهٽ سڪي چڪا هئا پنهنجي ميزبان آيل کي هٿ جوڙ ڪندي اجازت گهري مون ٻڌايومانس، ”هن سامهون واري گهٽي گيريزن ڪراسنگ جي يونٽ 2603 ۾ مان پنهنجي پٽ سان رهندو آهيان ڪڏهن ٿي سگهي ته پنهنجي پٽ. ننهن ۽ ٻارڙن کي وٺي اسان وٽان پيرو ڪجو.“ مون ڪرسي تا اٿندي سندس احسان مڃيندي چيو ته ”هن ماسڪ جي بخشش ٿي.“ وراڻيائين، ”ادا اصل ۾ آهيون ته هڪ ديس جا ........ هاڻي پيي هند سنڌ ڪو ويچوناهي.“ ٿورو رکي وري چوڻ لڳي: ”ٻڌو آهي ته ڪراچي ۽ بمبئي به پاڻ ۾ جاڙيون آهن. مون ڪيس جوابن عرض ڪيو ته آهي ته ائين مگر هن وقت ميل ملاقات جا سڀ در بند آهن.“

❋❋

# رٽائرمينٽ ڪان پوءِ زندگيءَ جون ترجيحات

ڪينادا ۾ رهندي مون مطالعو ڪيو آهي ته هتان جا ماڻهو پنهنجي زندگي جا پاسا متائيندا رهندا آهن. انساني نفسيات ڪي سامهون رکي ڏسجي ٿو ته هڪ جاءِ تي يا هڪ ڌندي. نوڪري يا اداري سان منسلڪ رهي سڄي زندگي گذارڻ نه رڳو مشڪل. اڻ وڻندڙ، ٿڪائيندڙ، ڪک ڪندڙ ۽ صبر آزما ڪم آهي. پر زندگي جو اهڙو رويو زندگي کي بي چس ۽ بي مزي بڻائيندڙ هڪ عمل ليکي سگهجي ٿو. مون پنهنجي زندگي ۾ ڏٺو آهي ته اسانجي ملڪ ۾ اهي ماڻهو جيڪي سرڪاري ملازمتن ۾ يا ڪارپوريٽ نوڪرين ۾ رهي پنهنجي سموري زندگي هڪ هنڌ رهي گذارن ٿا اهي رٽائر ڪرڻ وقت ڊپريشن ۽ گهبراهٽ جو شڪار ٿين ٿا. گهڻن کي رٽائرمينٽ ڪان پوءِ زندگي ۾ رڳو اونده نظرايندي آهي. پنهنجي اهڙي عمل سان اهڙن ماڻهن مان گهڻا پنهنجي شريڪ حيات ۽ پنهنجي اولاد کي مايوسي ۽ صدمي سان دوچارڪري وجهندا آهن. پنهنجي ذاتي تجربي مان هڪ ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته امتحاني وجيلينس ڪاميٽي جي سربراه جي حيثيت ۾ مان هڪ ڪاليج ۾ گشت تي هوس. پيپر ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ڪاليج جي هڪ پروفيسر جي رٽائرمينٽ جي هڪ تقريب رٿيل هئي. اسانکي به پنهنجو ساٿي ڄاڻندي ان جي فيئرويل ۾ شرڪت جي لاءِ ترسايو ويو. .جڏهن پروفيسر جي زندگي پر جي ڪارڪردگي. ڪارنامن ۽ ڪاميابين جو ذڪر تقريرن ۾ پيو هلي تڏهن همراهه گد گد پيو ٿي. جڏهن منايون ڪيڪ بسڪيٽ ۽ نمڪو ڪارائي تحفا تحائف ڏئي پروفيسر صاحب کي الوداعي ڪلمات سان ٽربيوٽ پيش ڪيو ويو. تڏهن هو روئڻهارڪو ٿي پيو. ڏسندي ڏسندي همراهه کي گشي وني

وئي ۽ اڇنگاريون ڏئي روئڻ لڳو. منائي جو دٻو ۽ تحائف ڦٽا ڪري همراه ڪاليج جي عمارت جي ٿنڀن کي هڪ ڪان ٻئي کي پڪڙيندو. ديوانن وانگر روئيندو اچي هڪ ٿنڀي کي ڀاڪر ۾ وٺندي چوڻ لڳو: ”مان هتان نہ ويندس....“ سڏڪا ڀريندي چوڻ لڳو: ”مون پنهنجي حياتي جو رت ست سڀ هتان جي شاگردن، هتان جي لائبريري، ڪتابن، بينچن، ڊائس ۽ ڪرسين جي اڳيان وڃايو آهي. هاڻي هنن کان جدائي مونکي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي.....“ سڏڪا ڀريندي اکين مان ڳوڙها اگهندي ۽ نڪ مان پاڻي صاف ڪندي وري چوڻ لڳو: ”مون کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي. هاڻي مان ڇا ڪندس..... منهنجي ٻچن جو ڇا ٿيندو؟“ وغيره وغيره. ڪاليج جا ساٿي ڀاڪرين پيس ۽ اکين جا ڳوڙها اگهڻ ۽ همراهہ کي پرچائڻ ۽ ريجهائڻ ۾ مصروف ٿي ويا. پر پروفيسر صاحب جي اها ڪار تہ مان هاڻي ڇا ڪندس. اسانجي ملڪ جي ماڻهن ۾ هن قسم جي سوچ ڪٿي عام نہ هجي مگر گهڻن جي رهي ٿي ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ روزي روٽي ئي زندگي جو محور آهي. اسان جا اهي رويا ٻنتي پيل ۽ پراڻي سوچ رکندڙ ملڪن جهڙي ماڻهن جهڙا آهن. تنهنڪري اسانکي پنهنجي سوچ ۽ همت ۽ بهادري سان پنهنجي زندگيءَ سان پيار ڪندي پراڻي سوچ کي مٽائڻ جي ضرورت آهي.

مون رٽائر ٿيڻ وقت جيڪا آجياڻي جي جواب ۾ ٻتي اکر چيا هئا، اهي عرض ڪندو هلان. (لائبريري ڊيسڪ گورنمينٽ ڊهلي ڪاليج). ”ساٿيو اڄ مان تمام گهڻو خوش آهيان تہ مان نوڪري جي پابندين مان آزاد پيو ٿيان..... منهنجي نظر ۾ زندگي کي هڪ جاءِ تي ٻڌي رکڻ انساني فطرت جي خلاف آهي. ميٽرڪ پاس ڪري مون ٻہ سال ميڊيڪل اسٽور تي نوڪري ڪئي. ان ڪان پوءِ ڏهہ سال ٽيڪسٽائل انڊسٽري جي آپريشنل ۽ پيداواري شعبن ۾

مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪئي. تنهن بعد هتي تعليم جي شعبي ۾ توهان سان گڏ زندگيءَ جا ٽيهه سال گذاريا آهن... منهنجي لاءِ بس اهو گهڻو ٿيو... هڪ ڪليگ چيو ”هاڻي ڪندين ڇا.“ مون دوست کي پري محفل ۾ چيو ”ڪير جو ڪاروبار ڪندس. ڇانهن جو هوٽل کوليندس يا ڪيرم بورڊ جو دڪان هلائيندس. مگر ڪنهن ٽيوشن سينٽر تي يا پرائيويٽ ڪاليج ۾ وڃي ٻيهر پاڻ کي پڃري ۾ بند ڪونہ ڪندس.“ آڄياڻي ۾ دوست نوي سيڪڙو ڪان مٿي اردو اسپيڪنگ هئا. اها حقيقت آهي تہ رٽائرمينٽ کي پندرهون سال ٿيو آهي مون پنهنجي ان اداري جي وري شڪل ناهي ڏٺي ۽ اهو بہ سچ آهي تہ مون هڪ سجاڻ واري سان رٽائرمينٽ جي ٻئي سال کير . شربت ۽ فالودي جي دڪان ۾ شراڪتداري جي بنياد تي ڌندو ڪيو.

هتي ويسٽ ۾ رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ ماڻهو آزاد ٿي. عيش، آرام جو سوچيندي هڪ شاهاڻي انداز ۾ زندگي گذارڻ جا عادي هوندا آهن. هنن جو فڪر اهو ٿو چوي تہ ٻچن ۽ قوم لاءِ گهڻو ڪيوسي انهن جي لاءِ گهڻو جياسي. هاڻي جيڪو ڪرڻو آهي سو پنهنجي لاءِ ڪرڻو آهي. باقي حياتي جيڪا آهي اها پنهنجي لاءِ گذارڻي آهي. اهي رويا ۽ اها سوچ ڪٽي. هو پنهنجي رٽائرمينٽ واري زندگي هڪ نئين روپ ۽ نئين رنگ ۾ گذاريندا آهن. آئون پڪرنگ شهر جي گالف ڪلب ايريا ۾ پنهنجي پٽ سان رهندو آهيان. صبح جو پاڻ نيرن ناهي. ڪائي پي گالف ڪلب جي پڪ ۾ سر سبز گاه سان ڍڪيل ڪشادي ميدان جي پاسي وارن وڻن جي ڇانو ۾ رکيل بينچن تي ويهي پنهنجي لک پڙھ جو ڪم ڪندو آهيان. اس وٺندو آهيان ۽ ڪلاڪ يا چاليهہ منٽ واڪ ڪندو آهيان. شام جي پهر ۾ بہ منهنجو اهو نيم آهي. ڏينهن نري باغ جي سائڊ واڪ تي چاليهہ

منٿ واڪ ڪري. بينچ تي ويهي ٻارن جون جسماني رانديون ۽ سرگرميون ڏسندو آهيان.

گالف ڪلب جي ميمبرس سان هيلو هاءِ بہ ٿيندي آهي مان عرض ڪري چڪو آهيان تہ هتي لارڊ شپ، فيوڊل سوچ، وڏيرڪو انداز، وڏ ماڻائپ، يا هرو ڀرو ماڻهن ۾ ڦوشربازي ڪونهي. رهندو اهي گڻ هتي ماڻهو جو مان گهڻائن ٿا تنهنڪري اهڙن اوگڻن جي هتي ڪو بہ پريڪٽس ناهي ڪندو. اهي رويا هڪ لحاظ کان معيوب سمجهيا وڃن ٿا. طبقي بازي بہ هتي ڪانهي. نسلي بنيادن واري هڪ ٻئي ڪان پري ڪندڙ سوچ بہ اٽڪل پساءِ پورا ڪري چڪي آهي. گالف ڪلب جي ميدانن ۾ فٽبال گرائونڊ تي فرسٽ نيشن قومن سان تعلق رکندڙ رانديگر. گورن ۾ برائون نسلن سان ڳانڍاپو رکندڙ سڀ گڏجي راند روند ڪن ٿا سو بہ بنا جنس جي تفريق جي. سوال آهي تہ اسانکي پنهنجي روايتن ۾ سوچ تي فخر ڪرڻ گهرجي يا مغرب جي نون مثبت روين ڪي ڏسي پنهنجا نيم مٽائڻ گهرجن.

جڏهن مون ڏٺو تہ مغربي سماج جي ڪلب ڪلچر جا ماڻهو ملڻ ڪرڻ ۾ پاڻ اڳوات ڪيڪربازي ۽ سلام سليوٽ ڪن ٿا تہ مان بہ انهن جي ويجهو وڃڻ ۾ ڪو عار نہ سمجهيو. هڪ ڏينهن موقعو وٺي مان گالف گرائونڊ ۾ وجي ڪين چيو تہ مان اسٽوري رائٽر آهيان توهان جي ڪلب لائف ۽ راند جي باري ۾ ڪجهہ لکڻ چاهيان ٿو تنهنڪري اوهان جا ڪجهہ فوٽا ٽا گهرجن تہ جيئن آئون هڪ يادگارڪم ڪري سگهان. هنن مان هڪ وراڻيو ڀلي ڀلي اسان ڪي خوشي ٿيندي پر تنهنجو اهو ڪم سوشل ڊسٽينسنگ تي عمل ڪندي ٿيندو. مون چيو نيڪ آ. توهان ڪجهہ اڪيلا ۽ ڪجهہ ڪيڏندي شاٽس ڏيو.

مون ڏٺو آهي انهن سوسائيٽي جي ڪلبن جا ميمبر رڳو راند روند ڪرڻ لاءِ گهران نڪري نٽا اچن. راند جي پويان مقصد آهي جسماني ڪثرت جاري رکڻ. پنهنجي فگر ۽ فٽنيس کي برقرار رکڻ ۽ دل جي وندر. مگر هنن جي ڏينهن جو وڏو حصو ڪلب ۾ گڏجي گذارڻ. هڪ هنڌ، چانهن، ڪافي، مشروب، ماني ۽ برگر کائڻ سان گڏ اهم ڳالهه آهي. پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪري انساني، قومي، ملڪي، اقوامي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي سوچ ويچار ڪرڻ. رٽائر لائف کي هو ڪنهن طرح سماجي ڪارج ۾ هڪ بامقصد رخ ڏيندا آهن. ويسٽ جي ماڻهن جي فڪري لاڙن جي سلسلي ۾ اها هڪ وڏي ڪاميابي ليکي سگهجي ٿي.

پر اسان وٽ ائين ناهي . اسان کي رٽائرڊ زندگي جو وقت يا عرصو جيڪو مهيا ٿيندو آهي. يا جيڪو نصيب ۾ ملندو آهي. اهو سهڪي سهڪي گذاريندا آهيون. رٽائر زندگي گذارڻ جا ڏانو يا گس اسان وٽ محدود هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته اسان جي زندگيءَ ۾ مهارت وارا دڳ تمام ٿورا هوندا آهن . اسانجو وڏو طبقو زندگي جي معاملي ۾ سهنجائي پسند رهيو آهي . سهل پسندي جي روين ۽ عادتن جي ڪري اسانجي نسلن جو وڏو حصو وهنوار واپار نه ڪرڻ ڪري سرڪاري آرامده نوڪريون تلاش ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي سوسائٽي ۽ سماج جو هڪ وڏو طبقو ان ڏانهن لاڙو رکي ٿو. ٽيڪنيڪل ڪم اسان ڪندا آهيون مگر زندگي گذارڻ لاءِ ان پاسي توجهه ڪونه ڏيندا آهيون .ٻيا جيڪي پيداوري ۽ محنت طلب ڪم آهن اهي به اسانجي ترجيحات کان خارج هوندا آهن ۽ رٽائرڊ ماڻهو ته اهڙن ڪمن ۾ هٿ ئي نه وجهندا آهن .رٽائرمينٽ وقت جيڪي فنڊ جمع پونجي جي صورت ۾ ملندا آهن. سي زندگي جي هن حصي ۾ رهيل رٽيل ڪمن. ٻارن جون شاديون ڪرڻ. پنهنجي رهائش لاءِ جايون خريد ڪرڻ يا ورتل قرض

لاهڻ ۾ صرف ٽي ويندا آهن. تنهنڪري باقي رٽائرمينٽ واري زندگي جيئڻ جنجال محسوس ٿيندي آهي. جنوبي ايشيا جي سرڪاري نوڪري ڪندڙ ماڻهن جي زندگي جو اهو وڏو الميو رهيو آهي جنهن تي تحرير ٿيل، ڪهاڻيون، ناولن ۽ فلمن جون اسٽوريون ورهاڱي کان اڳ جي ادب ۽ گذريل ستن ڏهاڪن جي لٽريچر ۾ اسان کي انيڪ ملنديون، اسانجي ڪسمپرسي. بيوسي ۽ مسڪينيءَ اسان جي زندگي کي غلامي واري زندگي جو روپ بخشو آهي، جنهن ڀين جي آڏو مجبور و مسڪين رهڻ وارن روين کي جنم ڏنو آهي.

هاڻي ٻڌايو ته اسان جو رٽائرڊ طبقو ڪيئن پنهنجي سوسائٽي ۾ سماجي اچن آدرشن سان رهندو. سوسائٽي ۾ ڪلبن واري زندگي ڪيئن گذاريندو. مغرب ته ڇا اسان پنهنجي ملڪ ۾ سوسائٽي ڪلبن جا ميمبر ٿيڻ جي لائق به نه آهيون.

**

# ۽ ريل ڇٽي وئي

انسان هڪ هنڌ ٻہ آخر رهي رهندو ڪيترو. پنهنجا ڳوٺ وڻ. پڪي پکڻ. اباڻا ڪک. ڳنڍ ڳانڍاپا. رشتا ناتا. يار دوست ۽ ڌرتيءَ جا ٻہ حق هوندا آهن تنهنڪري اهو ڄاڻي ۽ هٽ هٽ جي فرق جو ليکو ڪري وطن ورڻ جو ارادو ڪيم. پنهنجي روايتن کي برقرار رکندي. ڪينيڊا ۾ رهندڙ پيارن جهڙن پيارن. دوستن جهڙن دوستن سالن ۽ سالين ۽ انهن جي ٻارن جي هڪ وڏي پارٽي رکي سين. اسانجي گهر جي ننڍين وڏن پاتين پارٽي کي وڏي شادماني جو رنگ ۽ روپ ڏنو ۽ منهنجي پٽ فرحان رسول ۽ سندس گهرواريءَ عاليشان ڊنر جو بندوبست ڪيو.

ٻڪري جي ران جو روسٽ، ڪيڪ ۽ سلاد وغيره گهر ۾ تيار ڪيو ويو. مهمان گهڻا هئا تنهنڪري ماني ڪراچي جي اسٽائل "سلور اسپون" تان سنڌي برياني. نان نهاري ۽ ڪيرٽي آرڊر ڏئي تيار ڪرائي سي. فيئرويل .آجياڻو. گڏجاڻيون.ميل ملاقات تي موج مستي وڏن کان وڏيڪ اسان جي ٻچڙن ڪئي بس اسان وڏن جا اڌ رات تائين ڪاڌي هضم ڪرڻ لاءِ ڪينيڊا ڊراءِ جنجريل ۽ لمڪا ڊرنگ جا دور هلائيندي گذريا. ڄاڃي تہ پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا. پر رات جو باقي پهر مون جاڳندي گذاريو. ان الڪي ۾ تہ هاڻي هتان جي پرين پيارن کان جدا ٿيندي ڪهڙي صورت حال مان گذرڻو پوندو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اٿي مون سفر جو سامان ٻڌڻ شروع ڪيو. سامان ايترو هو جو ڪٿي ئي نہ. ڪراچي وارن ڪراچي وارن جي لاءِ جيڪي تحفا ۽ تحائف ڏنا سي ايترا هئا جو اٽيچي ڪيسن مان هڪ هڪ ڪري مونکي پنهنجو ذاتي سامان کي نيڪالي ڏيڻي

پئي. ڪپڙا سڀ ڪڍي رڪيم رڳو بدن تي پائي وڃڻ وارو جوڙو باقي وڃي رهيو. منهنجي گهر جي ڀاتين جي خريداري جا سلسلا به جاري رهيا. آيو ويو به پنهنجي هٿن ۾ آخر تائين ڪجهه نه ڪجهه پئي ڪنيو آيو. ٻار به پيڪنگ ڪرڻ وقت سوٽ ڪيسن تي چڙهي لتاڙي لتاڙي سامان وجهي صندوقن جون زپون بند ڪندا رهيا.

ٻئي ڏينهن چئين بجي پي. آئي. اي ذريعي روانگي هئي. ڪهٽ ۾ گهٽ به ڪلاڪ اڳواٽ هوائي اڏي پيئرسن شهر مسي ساگا پهچڻو هو. جيڪو اسان جي گهر کان اٽڪل سٺ ڪلوميٽر پري پنجيتاليهه منٽ جي ڊرائيو تي آهي. هوائي اڏي تي ويندي ويندي به ڏيڻ جون خريداريون پڻ جاري رهيون. شومئي قسمت راه ويندي به ٽريفڪ جي دشوارين ڪي منهن ڏيڻو پيو. اهڙيون حالتون ڏسي مونکي اچي گمان ويئو ته منزل تي پهچڻ ۾ ڪا ڪثر نه رهجي وڃي دل جو دهڪو وڌيو. ڳالهه اندرپريشر آئي بهرحال پيئرسن ايئرپورٽ کي ويجهو پهتا سون.

ڪيناڊا جي صوبي اونٽاريو جو هي ايئرپورٽ دنيا جي مصروف ترين ايئرپورٽن مان آهي. ڪشادو ايڏو آهي جو ڪراچي هوائي اڏي جهڙا چار ايئرپورٽ نڪرنس. پنهنجي مقصد جي ٽرمينل تي پهچڻ به ڪو آسان ڪم ناهي. اڄڪلهه ڊجيٽل دور آهي تنهنڪري سڀ ليڪا جيترو سنهنجو روپ ڌاري چڪا آهن اوترا وري ور وراڪا به وڌي ويا آهن. ايئر پورٽ تي هڪ وقت ۾ ڪئين ملڪن جون ڪئين اڏامون ٿيون اڏار ڪن. ڪئين ٽرمينل ۽ اڻ ڳڻيا ڪائونٽر آهن. پنهنجي مطلب جي اڏام جي ٽرمينل تي پهچڻ لاءِ به نيويگيشن سسٽم جي ذريعن کي فالو ڪرڻو پوي ٿو. هتي رهندڙ ماڻهو به ڪڏهن ڪڏهن ايئرپورٽ ياترا ڪندا آهن ۽ رستن جي نين تبديلن کان. باوجود حڪومتي ذريعن جي واقفيت ڏيڻ جي ۽ نيوي گيٽر ۽ جي. پي. ايس جي سهاري هلي منزل مقصود تي

پهچڻ بظاهر سنهنجو ڪم آهي مگر جي ڪاسي مان ڪو ڪڻو هيڏي هوڏي ٿيو ته پوءِ پيئرسن ايئر پورٽ تي انسان ڪي وڏي جستجو ۽ جاکوڙ مان گذرڻو پوي ٿو. ڪالهه اسان جڏهن ايئر پورٽ جي ويجهو پهتاسي ته مين شاهراه تان هيٺ لهي شهر اتو بيڪو جيڪو پيئرسن جي بلڪل باردر تي آهي هڪ دوست جي اچا تي بيني پير هيلو هاء ڪرڻ وياسين. موٽ تي نه ڄاڻان ته گهٽي مٺ ڪندي نيوي گيٽر جي موڊ مزاج ۾ ڪهڙي خفيف تبديلي آئي جو اسان کي پيئرسن جي گارگو ڊپارچر تي وجي ڪڍيائين. جلد محسوس ٿيو ته اسين گمراه ٿيا آهيون. اتي جو اتي گاڏي جو رخ مٽائي وري پيسنجر ڊپارچر ڏانهن منهن ڪيوسين ان وچ ۾ پندرهن ويهه منٽ ضايع ٿي ويا.

جڏهن جي پي ايس رستو ڏيکاريندي ڊپارچر نمبر هڪ ۽ نمبر ٽئين ڏي موڙڻ جي سونهن ڏني ته پهريون چڏي ٽين تي پي. آئي. اي ڪائونٽر لاءِ لهي اندر گهڙياسي جتان ڄاڻ ملي ته هن عمارت جي ٻئي حصي ۾ سامهون ڊپارچر نمبر ٽئين ۾ پي. آئي. اي جو ڪائونٽر آهي. ايئر پورٽ جي ڪنهن سونهين کان سامهون واري حصي ڏانهن وڃڻ لاءِ رستو پڇيوسين. جنهن ڄاڻ ڏني ته اتي پهچڻ لاءِ توهان کي ٽرين تي وڃڻو پوندو. اهو ٻڌي منهنجا ته ٽپ ئي ٽري ويا.

فرحان سمجهي ويو ته بابا هاڻي پنڌ ڪرڻ جهڙو ناهي رهيو ۽ اڳ ۾ ئي ٽن چئن لفٽن ۽ ڪاريڊوس ۾ ڊوڙي ڊڪي ٿڪجي پيو آهي تڏهن هن ويل چيئر جو سهارو ورتو. اسان سان منهنجي وڏي پوٽي مدحت ساڻ هئي تنهن سامان جي ٽرالي ۾ هٿ وڌا ۽ همت ڪندي پنهنجي پيءُ واري پوزيشن سنڀالي. ريل ڪار تائين پهچڻ لاء ٻٽي فلور لتاڙڻا هئا. سو لفٽن ۾ هينان ڪان متي پهچي ٻٽي ڊگها ڪاريڊور لتاڙي اچي ٽرين جي هالٽ تي پهتاسين. پنجن

منٽن ۾ ٽرين آئي. سڀ دروازا آٽومٽڪ سسٽم تي کليا ريل ۾ چڙهاسين. پنهنجن منٽن جي اندر ٽين منزل تي هلندڙ ريل ڪار اسان کي ان سيڪشن تي رسايو جنهن تي پي. آئي. اي جو ٽڪيٽ چيڪنگ ۽ ويري فڪيشن ڪائونٽر هو. جڏهن اتي پهتاسين ته ڪڪٽون ڪون لڳي پئي هئي. معنا اسانجي ريل ڇٽي وئي.

ماحول جو جائزو وٺندي هيڏي هوڏي نهاريوسين ته ڊيسڪ تي هڪ به ڪارندو موجود ڪونه هو. رستي ۾ پي. آئي. اي جي عملي کي سوين فونون ڪڙڪايون سين پر مجال آ جو ڪو همراه تڪليف ڪري فون کڻي ۽ ڪا سڏ ڏئي. پرسان واري ڪنهن ٻئي ملڪ جي ڪائونٽر تي بيٺل همراهه کان معلوم ڪيوسين ان ٻڌايو ته هي همراه ته ڪڏهن جو گولي ٿي ويا آهن. جيتوڻيڪ جهاز ايئر پورٽ تي بيٺل هو ۽ انجي اڏام ۾ اڃا پنجويهه ٽيهه منٽ باقي هئا. بيشڪ ليٽ ٿيڻ ۾ ڪوتاهي اسان جي به هئي. پوڳٽو به اسان کي پيو. پر اها سموري مصيبت ۽ اهو سڄو مسئلو نيوي گيشن سسٽم ۽ جي. پي. ايس جي تر جي گٽي جي ڪري ٿيو.

انسان کي زندگي ۾ تجربا ٿين ٿا پر ڪي تجربا وڏو درد ڏيندڙ ثابت ٿيندا آهن. سياڻن سچ چيو آهي ته تر جي گٽي سو چوٽون ڪارائي.

**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

